# چوئنري مٿان چنڊ

(شاعري)

## امر رائيسنگهه راجپوت

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر






www.sindhsalamat.com چوئنري مٿان چنڊ

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”چئنري مٿان چنڊ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **امر رائيسنگهه راجپوت** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. فرزانہ شاهين لکي ٿي:

امر رائيسنگهه راجپوت جي شاعري تي جڏهن نظر وجهون ٿا تہ هن جي شاعريءَ ۾ پرپوريت آهي، من ۽ فڪر جو حسين ميلاپ آهي. سنڌس شاعريءَ ۾ هڪ درد آهي، هڪ ڪوڪ آهي، هڪ ايذاء آهي، هن جي شاعريءَ ۾ منظرڪشي ايئن هوندي آهي جيئن سهڻي عورت لاءِ زيور. سونهن فطرت جي هجي يا انسان جي امر ان جي انتهائي موهيندڙ انداز ۾ اظهاريو آهي، جماليات جي حساڪين سان سينگاريل سندس تخيل روح ۾ لهي وڃي ٿو.

هي ڪتاب **سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر** پاران 2017ع ۾ ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون پياري پرڪاش ڪرمواڻي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**




(08)


## حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ



ڪتاب جو نالو: چوڏري مٿان چنڊ
شاعر: امر رائيسنگهه راجپوت
موضوع: شاعري
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
سال: ©2017ع
ڪمپوزنگ لي آئوٽ\ٽائٽل: پرڪاش ڪرمواڻي
ڇپيندڙ: سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
03333173584
قيمت: 250 روپيا

***[POETRY]***
*By* Amar rai Singh Rajput
Edition: First
Year: © 2017
Price: Rs. 250-00


### اسٽاڪسٽ

ڀٽائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد۔ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد۔
شير يزدان بڪ اسٽال، ڀٽ شاهہ۔ ڪانياواڙا اسٽور اردو باراز ڪراچي۔رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو۔
مهراڻ ڪتاب، ڪپرو۔العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ۔المدينہ ڪتاب گهر، ڇاڇرو۔
ٿر ڪتاب گهر، مٺي۔ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص۔المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ۔
عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ۔مرچولال بوڪ ڊيپو بدين۔سوجهرو ڪتاب گهر، بدين۔
مهراڻ بوڪ سينٽر، سکر۔سنڌ ڪتاب گهر ، شڪارپور۔وسيم ڪتاب گهر شڪارپور۔
سچل ڪتاب گهر، درزا۔ڪنول ڪتاب گهر، مورو۔
سارنگ ڪتاب گهر ڪنڊيارو

# ارپنا.....

نرن سوڍن جي نَڪ، پاٻوهر جي
پراڪرمي سوڍي "ڪينئراج سنگهہ"
جي نانءُ
جيڪو تيجوان ٽُري جي رڪاب ۾ پير
وجهي ڪنجڪ ڪي ڪشي جڏهن
مٺي جي مور بازار مان لنگهندو هو،
تڏهن هر ماڻهو هٿ ٻڌي مُنجرو
ڪندو هو. هُن جي سورهيائي،
سونهن ۽ اڪابري ڪي اڄ بہ هن وطن
جو وڻ وڻ ياد ڪري ٿو.

"امر رائيسنگهہ راجپوت"



هُو چوئنري مٿان چنڊ ڏسي
ڪا ناريءَ آرس موڙي ٿي
ٿو چُلڪي ساگر چاتين جو
هڪ لهر لنگهن ۾ ٻوڙي ٿي

# سٽاءُ


- اداري پاران (پرڪاش ڪرمواڻي) 07
- ليکڪ پاران (امر رائيسنگھ راجپوت) 08
- رابيل جهڙا ڪومئل احساس رکندڙ شاعر (فرزانہ شاهين) 12
- غزل 13
- نظم 35

1. سڏوري ڳوٺ جي نينگر 36
2. تنهائي رڻ ڪارو آ" 39
3. اڄ چوڻ ٿا هولي آهي 43
4. پريي ٽُريي ميلي ۾ تون 46
5. مني جي منظر ڪَشيءَ تون ڪندين ڇا؟ 50
6. او مور منهنجي ديس جا..!! 53
7. پُر نُور گگن تي چنڊ ڏسي 55
8. مني جي شهر جي راڻي 57
9. دُنيا ليکي مني سائڻ! 61
10. او سنڌيا تنهنجي بنديا هي 64
11. ملائي نيڻ نيڻن سان 66
12. اڙي سُونهن ايڏا هي انگل چو ڪرين ٿي 69
13. سنڌ سرڳ ڪان سرس لڳي ٿي 71
14. "چُمي" 76
15. "غربت" 79
16. هُوءَ جا ڪوني تي حياتي ڪٽي ٿي پيئي 82
17. تون امير هوندي غريب ڪيڏو 84
18. پڪين جون لوليون ڪڏهن نہ ڄاتيون 87
19. "مني" 87
20. آ رات ڏاڍي چاندني 89
21. "ذات" 92
22. سانجھ ويلا سدا 92
23. اڙي او وقت جا وحشي ! 95
24. اسين ارڏا ڏُکن ڏاڍا 97
25. اسين ڪاسبي جي گُلابي گليءَ ۾ 100
26. سج لٽي جو پاڻ سنواري 102
27. تونءَ نہ سوچين توکان سائڻ 104
28. هلي آ هيل هولي تي 106
29. هي ڪينجھر ڪارونجھر ڇڏي 108
30. اڃا عشق ٿاندن تي رقص ڪري پيو 110
31. بدن کو بانورو ڪونهي 112
32. ڪارونجھر جي ڪور سڏي ٿي 114
33. توکي سُک صدين جو گهرجي 115
34. وڏوا 117
35. ٻُڌائي سگھو تہ ٻُڌايو اسان کي 120
36. دلين جا راج دُلارا تون 122
37. چتن کي تون چوڙي سجني 124
38. هن تر جي ٽڏڙي ريٿ مٿي 126
39. سياڳي وطن جي اياڳي اديءَ 128
40. تنهنجي اکين جي نيرڙي ندي ۾ لهي 129
41. او ڏيله ڏکي ڇوڪريءَ 131
42. هُو ٻالک نُنڍڙو موچيءَ جو 133
43. ڏينهن تتي جو ڪاري ڪولهڻ 135
44. هلندي هڪڙو خواب ڏسان ٿو 136
45. وقت وڏو ڪو وحشي آهي 138
46. ونگي جا واءَ تون ٻُڌجان 140
47. نصيب" 142
48. سنڌ 144
49. صادق فقير کي پيتا 146
50. سڏين تي ڏور ڪان ويهي 148
51. آشا 150
52. هلندي هانسل سوڍيءَ کي اڄ 152
53. انجلي 154
54. ونگي جا واءُ تون ٻُڌجان 155
55. اسين سنڌ نگري جا نردوش ماڻهو 158
56. ڪنواري ڇوڪري تنهنجي 160
57. دير ا 163
58. ڪول گهونٽ پري 165
59. اجهاميل چلھ جي پرسان 167
60. خدا هميشہ ڏکائين اسان کي 169
61. ٻٽي جوڳي جوڳن جو پوءِ 171
62. دلاري سنڌ ڌرتيءَ لئہ 173
63. ڍاٽڻ تنهنجي ڍاٽيءَ جهڙيون 176
64. گهٽن جي وچ ۾ گهوري 178
65. وسڪارو 180
66. چنڊ 183
67. ٿاريليءَ 184
68. تون تہ پلر ۾ پوننري جهڙي 185
69. چري دل سونهن تنهنجي ۾ 186
70. منهنجي سج سلاخن پويان 187
71. ڪجلاسر تي 189
72. نصيب 192
73. سندور 193
74. تپسيا 194
75. ڌرتي ڏڪاڻي 195
76. ڪيفيت 197
77. عورت 198
78. پيتا 199
79. نصيب 200
80. ذات 201
81. اڳڪتي 205

- چوسٽا 206
- هائڊڪا ٽيڙو 213
- دوها 220




چوڏري مٿان چنڊ www.sindhsalamat.com

# اداري پاران

سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جي پھرين ڏينھن کان اھو ڪوشش رھي آھي تہ پنھنجي ڌرتيءَ جي ادب، تاريخ، تھذيب، تمندن ۽ ٻولي کي بچائڻ لاءِ ادبي محاذ تان نج قومي خدمت جي جذبي سان ڪم ڪجي، ان ادبي ڪرت کي ڪنھن بہ ريت پيٽ گذر جو ذريعو يا واپار بڻائڻ بجاءِ ادب جي حقيقي خدمت ڪري ڌرتيءَ جي تاريخ کي زنده رکي پنھنجي ايندڙ نسل تائين پھچائڻ لاءِ سموريون صلاحيتون ڪتب آڻڻ گھرجن. گذريل ويجھي عرصي ۾ سنڌي ٻولي ۾ لاتعداد ڪتاب شايع ٿيا آھن، انھن ڪتابن ۾ تمام ٿوري انگ کانسواءِ گھڻائي جو ميار سان تعلق گھٽ آھي. اسان جو ادارو سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر ڪتابي دنيا ۾ نواڻ جو ڳولائو آھي. ان ڪوشش جي نتيجي ۾ سامروٽي پبليڪيشن جي اھا خوشنصيبي آھي جو ٿر جي نوجوان شاعر امر رائيسنگھہ راجپوت جي ھي ٻيو ڪتاب "چوئنري مٿان چنڊ" ڇپي دلي سُرھائي محسوس ڪري رھيا آھيون. شاعري جو ھن ڪتاب "چوئنري مٿان چنڊ" ۾ شامل سموري شاعري جا موضوع وقتائتي ۽ ڪارائتي جاڻ جو مجموعو آھن. انھن موضوعن تي امر رائسنگھہ راجپوت انتھائي شاندار نموني لفظن جي مالھا سان پرويو آھي، جنھن لاءِ شاعر جس لھي.

پرڪاش ڪرمواڻي

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر

03333173584



# پنھنجي پاران

ماڻھون جڏھن دنيا جي دردن مان بيزار ٿي زندگي کان فرار ٿيڻ چاھيندو آھي تڏھن شاعري ئي اُھا واحد پناھ گاھ ثابت ٿيندي آھي جيڪا جيئڻ جا جواز پيدا ڪندي آھي.! شاعري ڏُک جي ڪُک مان ازخود اُتپن ٿيندي آھي.زندگي جي ڪنھن اھم مقصد ۾ ناڪام ٿيندڙ ماڻھون شاعر ٿيندو آھي ۽ زندگي جي مقصد ۾ عشق وڏي اھميت رکي ٿو! شاعري اُداس ۽ بيوس ماڻھون لئہ ھڪ آس آھي ھڪ اُمنگ آھي.شاعري ھڪڙو وشواش آھي انھن دردمند دلين لئہ جيڪي ستمگر سماج ھٿان رُسوا ٿيندي روز رت جا ڳوڙھا پيئڻ ٿيون.شاعري ڏاتار وٽان مليل ھڪ ڏات بہ آھي!

"ٺلي نڪرائي چار اوڳرائي" واري ڦونگر ۾ اچي،سماج ۾ ڏُڦيڙ پيدا ڪرڻ،واندو ويھي ڪنھن جي گلا ڪرڻ،چار چڏائي پنج ٻڌائڻ،واندي پٽيلپائي ڪرڻ ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي حياتيءَ تان ھٿ ڌوئڻ کان بھتر آھي ماڻھون ويھي سنجيدگي سان شاعري ڪري.شاعري ۾ جيڪڏھن ڪو فائدو نہ بہ ٿيو تہ نقصان پڪ سان ڪونہ ٿيندو چاڪاڻ تہ شاعري زندگي جي دردن جو اھڙو ديسي علاج آھي جنھن جو ڪو بہ سائيڊ افيڪٽ ناھي...!!

اسان وٽ اڪثر ماڻھن جي اھا راءَ رھي آھي تہ ھڪ سُٺو شاعر يا ليکڪ ٿيڻ لئہ اھو ضروري آھي تہ ھُو تمام گھڻو مطالعو ۽ مشاھدو ڪري،منھنجي خيال ۾ ماڻھون بنان ڪنھن مطالعي ۽ مشاھدي جي بہ سٺو شاعر ٿي سگھي ٿو.ان لئہ بس ھڪڙو شرط آھي تہ ان جي اندر ۾ ھڪ احساس ھجي،ھڪ عشق ھجي.اھڙو عشق جيڪو پري نند مان ڇرڪ پرائي اُٿياري ڇڏي! اھڙو احساس جيڪو ڪنھن ٻُڪايل کي ڏسي پنھنجي ٻُک وساريو ڇڏي! ڪنھن اُڃايل کي ڏسي پنھنجي اُڃ وسريو وڃي! ڪنھن کي پيرين اُگھاڙو ڏسي پنھنجي پنڌ جي پيڙاءَ وسريو وڃي! ڪنھن کي پوھ جي پارن ۾ سيءَ مرندو ڏسي پنھنجا وستر لاھي ڏي! اھو ئي سٺو شاعر ۽ ليکڪ ٿي سگھي ٿو باقي رڳو واندو رُلڻ ۽ نُور وڃائڻ سان ماڻھون ٻيو تہ ڪجھہ ٿي سگھي ٿو پر شاعر ۽ ليکڪ نہ!

منھنجو ادب ۾ اچڻ ھڪ حادثو ئي سمجھو چاڪاڻ تہ منھنجو جنھن ڳوٺ ۽ گھر ۾ جنم ٿيو آھي اُتي ڪير ادب جي الف کان بہ واقف ناھي.مون جنھن سماج ۾ ساھ کنيو آھي ان ۾ ادب جي دنيا کي صرف آوارگي سمجھيو وڃي ٿو پوءَ بہ مون اھا آوارگي دل سان ڌونجي ڪنئي آھي چاڪاڻ تہ ان آوارگي مونکي ماڻھپو سيکاريو آھي.ادب جي درپن ۾ مون انسانيت جي اپسرا جو درشن

ڪيو آهي ۽ منهنجو ان سان عشق ٿي ويو آهي. منهنجو شاعري سان عشق ٿي ويو آهي.شاعري مون کي محبُوبہ جي چُمي جهڙو چس ڏي ٿي.شاعري نہ رڳو منهنجي وجود جي وياڪُلتا جو آواز آهي پر شاعري منهنجي بي ترتيب جيون جي بقا جو ڪارڻ بہ آهي.شاعري مونکي جيئاري بہ ٿي.شاعري منهنجي دل جي تڙپندڙ پکيءَ کي ڪجھ ڏڍ جو داڻو پاڻي ڏي ٿي.مونکي شاعر بڻائڻ ۾ هر اُن ماڻهون ۽ ماحول جو هٿ آهي جنهن مون کي دل سان درد ڏنا.حياتيءَ ۾ حادثا پوڳي پوڳي دل درد ۾ ٻُڏي ويئي ، اندر مان هڪ اُنهن صدين جي صدا ٻڌجي نڪتي ۽ هڪ ڪم ڳو راجپوت ڇوڪرو شاعر بڻجي ويو.

آئون انتهائي حساس دل انسان آهيان.ڪنهن بہ اک مان ڪرندڙ آنسو منهنجي اندر کي اڌ ڪري وجهندا آهن. ريلوي پليٽ فارم تي ماڻهن کي هڪ ٻئي کان هميشہ لاءَ موڪلائيندي ڏسندو آهيان پُري پوندو آهيان. ڪا بہ دردناڪ فلم منهنجي اکين جا پاند پُسائي ويندي آهي. هر اُداس ناول مونکي اُداس ڪري ويندو آهي.پاپي پيٽ جو دوزخ پرڻ لئہ ننڍڙين نياڻين جي ڪمزور ڪُلهن تي ڪانئين جون پريون ڏسي اندر جون جي سج وانگي جلي پوندو آهي .پڙهڻ جي وهي ۾ پورهيو ڪندڙ معصوم ٻارن جا سواليہ چهرا مونکي چنتائن جي چتا ۾ جيئري جلائي ويندا آهن.پکين کي پاڻي لئہ چُون چُون ڪنديَ ٻُڌندو آهيان تڙپي پوندو آهيان.بُکايل ٻارن جي بُک مونکان ڏسڻ ناهي ٿيندي.ويران ٿر جو بُرو حال ڏسي آئون اڪثر روئي پوندو آهيان.

منهنجي شاعري جو محور خاص ڪري ٿر ڌرتيءَ ئي آهي اُن جو وڏو سبب منهنجي ماتر ڀومي هئڻ آهي. آئون هن واريءَ سندي وطن ۾ واريءَ سان کيڏي وڏو ٿيو آهيان، سو هن واريءَ جو ڪڻ ڪڻ ۽ وڻ وڻ منهنجي لاءَ وڏي مهانتا رکي ٿو.منهنجي رڳ رڳ ۾ هن خطي جي خوبصورت فطرت سمايل آهي. هن ڌرتيءَ جي ٻاڙن کوهن جو پاڻي مون لاءَ گنگا جل برابر آهي.مون پنهنجي شاعري ۾ هن ڌرتيءَ جا درد بيان ڪندي وسانءِ ناهي گهٽايو.مون هر اُن هاڃي تي لکيو آهي جنهن ۾ منهنجي معصوم ٻار جي حسرت جهڙي دل پاڻ کي پيڙاءَ ۾ محسوس ڪيو آهي.! منهنجي دل هر اُن پل درد ۾ ڦٿڪيءَ آهي جڏهن ڪنهن بہ ساهہ واري شيءِ جو ساهہ مُنجهيو آهي، مون لکيو آهي. اُڏاڻي ۾ اچانڪ لڳل آڳ جي لپيٽ ۾ ٻري ويل تمنائن تي لکيو آهي تہ ڪُنري جي ڪولهڻ هيميءَ جي ڪنڌ ۾ پيل ڦاهي جي ڦندي تي بہ لکيو آهي. گداگرن جي گودڙين ۾ ڦڻ ڪٽي وينل ٻُک تي بہ لکيو آهي تہ ڪنهن ٻال نويليءَ نار جي جوڀن رُت ۾ اُجڙي ويل سندُور جي سُڏڪي تي بہ لکيو آهي.مون اُن ڳوناٽي نينگري جي اُپ ڏاريندڙ



اوچنگارن تي بہ نوحا لکيا آهن جنهن کي پئسن عيوض شهر ۾ پرڻائي ويئي.پشاور ۾ سفاڪ دهشتگردن هٿان شهيد ٿيل معصوم ٻارن جي موت کان وٺي اسلامڪوٽ ويجهو آتم هتيا ڪندڙ پريمي جوڙي ٿائين هر هاڃي تي مون وس آهر قلم ڪنيو آهي.

منهنجي شاعري ۾ ڪيترو فن ۽ فڪر آهي اهو تہ ڪو شاعري جو ماهر نقاد ئي ٻڌائي سگهي ٿو باقي آئون فقط ايترو چوندس تہ هن ڪچي ڦڪي ڪويتا ۾ ڀيو ڪجھ ملي نہ ملي پر بُکايل،اُجايل ۽ ستايل صحرا جا اُهي سُڏڪا ضرور ملندا جن کي وس وارن جي ڪنن ڪڏهن بہ ناهن ٻُڌا. منهنجي شاعري ۾ ڀيو ملي نہ ملي پر اُها قديم سنڌ ضرور ملندي جنهن کي حسن درس پرين جي پاڇي سان ڀيٽي آهي.اُها سرڳ کان سرس سنڌ ئي منهنجي شاعري جو روح آهي.! اها سنڌ جيڪا مون کي جند کان وڌيڪ پياري آهي.منهنجي شاعري ۾ ڪارونجهر جي مورن جا ٽهوڪا بہ هوندا تہ سامروٽي جي سيمن جي سونهن جا جلوا بہ جرڪندي نظر ايندا.

منهنجي شاعري ۾ اوهان کي رومانس جا رنگ بہ ڪٿي ڪٿي وودڪا جي ڀرين پيگ جهڙن خُمارن جهڙا سُرور ڏيئي ويندا.

مون سانوڻ رُت ۾ سهسين رنگ ڪري ايندڙ سرامڻ ٽيج جي لوڏن تي بہ لکيو آهي تہ پيازي پور سان پڙا پائي ڌهرن ۾ ڏينهن ڏونئري جو ڏيئن جهڙا ڏيک ڏيندڙ پاڻهيارين جي ڪوڏن تي بہ قلم ڪنيو آهي. ڪانهوڙي جو وڏڦڙي جهڙو نرت ڪندڙ نارين جي چوليون هٽندڙ ڇاتين جي سمندن جي سُونهن تي لکيو آهي تہ ڪيهر لنڪين گورين جي انڌلٺ جهڙي انگ لٺ جا رنگ بہ ڪويتا جي ڪشميري سان ڪاغذ جي ڪپڙي تي پرت وانگي پريا آهن.مون لَلُوسر ڍنڍ تان لٿل سورج جي رتاڻ ۾ آنچل اُڏاريندڙ پناڻيءَ نار جي ڳاڙهن ڳلن جي موهي ماريندڙ حُسن تي نظم لکيا آهن تہ اِندر لوڪ جي اپڇرائن جهڙين ڪاسبي جي ڪامڻين جي پيرن جا پدم پسي دروپدي جي ساڙهي جيڏا نظم لکيا آهن.

شاعري ۾ منهنجي پسنديده صنف نظم آهي ان ڪري مون گهڻي ڀاڱي نظم ئي لکيا آهن.نظمن کان سواءَ غزل،هائيڪا،دوها ۽ چوءَستا بہ لکيا آهن پر گهٽ. بهرحال مون جيڪو ڪجھ بہ لکيو آهي اهو دل سان لکيو آهي.منهنجي دل جو ڪيل هي قلمي پورهيو جيڪڏهن اوهان دلبر ديس واسين کي قبول پيو تہ آئون ڀلا ڀاڳ ڀائيندس.

وڏا وڙ پياري روحل ڪالرو جا جنهن ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل لاءَ پنهنجو قيمتي رايو لکي ڏنو.اديءَ فرزانہ شاهين جا بہ وڏا ٿورا جنهن پنهنجي قيمتي راءَ ڏني.مهربانيون وڏيون منهنجن انهن

ڳهڻگهرن ادبي دوستن جون جن حياتيءَ جي هر موڙ تي مونکي همٿايو.آئون سوائي سنگهه سوڊو آروڪي، ڪينيا جن جون خاص مهربانيون. جڏهن بہ زندگي جو سفر ڪندي ڪنهن ڪٺڪ مارگ ۾ مايوس ٿيو آهيان تڏهن مون لئہ چير چانوَ بڻيا آهن منهنجا اُهي مُحسن دوست جيڪي مون کي زندگي وانگي عزيز ۽ ساهہ کان قريب آهن.آئون ڪئين وساريان منهنجي اُستاد امر ساهڙ جا ٿر جيڏا ٿورا جنهن مون کي ادبي سفر ۾ هڪ صدين جي سُونهي وانگي مُفيد مشورا ڏنا.وڏا وڙ خالد جوڳي،فقير منور ساگر،عبدالله آس هنگورجو، نثار بلوچ ،ساگر مشتاق جنجهي،دسرت ٿري،عبدلرزاق سميجوءَ پياري سليم راهمون جا جن مون کي ادبي سفر ۾ ڪڏهن بہ اڪيلائپ جو احساس ٿيڻ نہ ڏنو.هر موڙ تي سنگ سنگ هجڻ جو احساس ڏيارڻ ۾ هنن بہ وساءَ ناهي گهٽايو هيمراج سنگهہ ،اين ايس رانوڙ، ڪينئراج سنگهہ مهر،سروپسنگهہ سوڍو اسلامڪوٽ،غريب گل حسن جلالاڻي،ارباب خُدا بخش،سريش هيراڻي،دليپ سنگهہ رانوڙ منڙيو ڏوهٽ،سريش ولاسائي،سنپومل رانوڙ،دليپ هميراڻي سوٿهڙ، مهاديوسنگهہ سوڍو پاڏاري،سرويچ هاشم راهمون،پرت نگاڻي،چندرڪمار نگاڻي،امير علي سنڌي،روشن منگريو،سائل مهراڻ،پدم سنگهہ پٽي،ربڏنو ساند،رائيسنگهہ راجپوت،جڳديش ڪُمار، اشوڪ خاموش، پوپت سنگهہ سوڍو، رائيسنگهہ ساڪريو ڏوهٽ، سنگيڏان سنگهہ ساڏور، موهن سنگهہ رانوڙ ڊونديو، ڪيتسنگهہ پير ڪوتاني، راجوير سنگهہ سوڍا پابوهر، ٻچل سانگي راجپوت، جوت سنگهہ دانڌل پيارا اوهان سڀئي حياتيءَ جو حصو آهيو.

خاص مهربانيون وڪيل رائيسنگهہ سوڍو صاحب، ڪامريڊ سورنسنگهہ سوڍو،نرپت سنگهہ سوڍو پابوهر، مهتاب سنگهہ رانوڙ ، صفدر پنهنور ،دليپ ڪُمار صالحاڻي،ڊاڪٽر خادم حُسين سميجو جون جن هن ڪتاب کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ ۾ هڙان توڙي وڙان دل سان ساٿ ڏنو.

وڏا قرب پياري پرين پاءُ پرڪاش ڪرمواڻي جا جنهن وڏي محنت سان نہ رڳو نور نچوئي ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪئي آهي پر پنهنجي اداري سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر جي پليٽ فارم تان انتهائي خوبصورتي سان ڇاپيو بہ آهي.آئون سندس تهَ دل سان شڪر گُذار آهيان.

**امر رائيسنگهہ راجپوت**
0346-3751610



## ”رابيل جهڙا ڪومئل احساس رکندڙ شاعر“

شاعري فقط سهڻي ۽ چونديل لفظن جي ترتيب ۽ فني سگهڙائپ جو نالو ناهي، پر فڪر اظهار ترڪيب، تمثيل ،تشبيه استعارو ،تخيل، احساس ۽ ابلاغ انجا اهڙا اٽوٽ جزا آهن جن جي امتزاج سان شاعري ساحريءَ جو روپ ۽ رنگ وٺي ٿي، بقول شيخ اياز جي، "شاعري موزون تڪبندي نہ پر زندگيءَجو رياض ۽ شاعر جي گهري مشاهدي ۽ تخليقي وجدان جو نتيجو آهي" امر راءِ سنگهہ راجپوت جي شاعري تي جڏهن نظر وجهون ٿا تہ هن جي شاعريءَ ۾ پرپوريت آهي ،من ۽ فڪر جو حسين ميلاپ آهي. سندس شاعريءَ ۾ هڪ درد آهي هڪ ڪوڪ آهي ،هڪ ايذاء آهي، هن جي شاعريءَ ۾ منظرڪشي ايئن هوندي آهي جيئن سهڻي عورت لاءِ زيور، سونهن فطرت جي هجي يا انسان جي امر ان کي انتهائي موهيندڙ انداز ۾ اظهاريو آهي، جماليات جي حسناڪين سان سينگاريل سندس تخيل روح ۾ لهي وڃي ٿو شاعري روح جي پيداوار آهي. شاعريءَ جو سڌو سنئون واسطو روح سان هجي ٿو جا شاعري روح واسطو نہ ٿي رکي يا روح کي پنهنجو نہ ٿي ڪري اها بي معنيٰ ۽ بي مقصد لڳي ٿي .امر جي شاعريءَ ۾ بہ اهائي ڪشش آهي جيڪا روح کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي روح جي تارن کي ڇيڙي وجد ۾ آڻي ڇڏي ٿي.

**فرزانہ شاهين**

# غزل



سنجها ويلي شوخ هوا ۾ جانان ڪولي وار موهي ٿي
ڏُور ڏسا ۾ نيلي پيلي آنچل جي اُڏار موهي ٿي

گيت اُچاري گجوئن سان هي نرت نرالا ناز ڪن ٿيون
جيڏين جوڙا ڇيل ڇٻيلا ڇيرن جي ڇمڪار موهي ٿي

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ پيارا ڪڙيل سارا ڪيٽ پيارا
اندلٺ انگڙا پگهر پُسائي جوڀن اُڏائي جهار موهي ٿي

دلبر ايڏي دير نہ ڪر تون هاڻ هلي آ حرس منجهان تون
تنهنجو درشن دل گهري ٿي دلڙي هي دلدار موهي ٿي

هن جي هڪڙي ديد ڏڙن تي آڏيءَ ويلي عشق جگائي
چمڪن چوڙا چانڊوڪي ۾ چوڙيلي چوڏار موهي ٿي

ڪاوڙ ۾ هُوءَ ڪونج لڳي ٿي وسندي مينهن جي گونج لڳي ٿي
گهور گروهڙي ساڻ سجيلي ڪائي ڏاڍا خار موهي ٿي

ساجن سان گڏ سيج رمڻ لئہ چاهہ مان چادر پاڻ پري ٿي
ڪلندي ڪُڻ ڪٽي ٿي سارا اُٽندي جهالر آر موهي ٿي

◈◈

پرين جڳ کان جُدا آهين
تڏهن ئي با وفا آهين

سدا سُرهاڻ سان واسين
وڻي جي ڪا هوا آهين

دُنيا شيطان پل سمجهي
اسان لئه پر خُدا آهين

ڏسڻ ۾ روپ اندلت جو
هلڻ ۾ حرفِ ندا آهين

اسان جي هر ادا تان
سدائين تون فدا آهين

◈◈



توبن سجني ڏات ڏنيي تي
مونکي پنهنجي ذات ڏنيي تي

بک ۾ ٻالڪ وجهڪن وينا
لنوندي ڪويل لات ڏنيي تي

انگ ۾ آڙنگ سانوڻ مند ۾
ڪانڌ بنان برسات ڏنيي تي

وچڙڻ ويلي مُرڪ چپن تي
ساجن جي سوغات ڏنيي تي

تون تي تڙپين چانڊوڪي ۾
وڏوا ڪي هر رات ڏنيي تي

ٻُک پلي آ بيک نہ گهُرندس
من ۾ ڪا مرجات ڏنيي تي

آڏي ويلي آرس موڙي
چير وڄائي چا تہ ڏنيي تي

موييءَ ڏيءَ وڏيري ماري
هاري ڪي هي گهات ڏنيي تي

تنهنجا ويڻ بہ وينا جهڙا
پر جُدائي جات ڏنيي تي

◈◈

رات ريٽن مٿي چير چمڪو ڪيو
پير هُن جا پُڳا ديپ ٽمڪو ڪيو

حُسن هيڏو ڏسي سيم مُرڪي پيئي
چندُ چوڏس جيان چال چمڪو ڪيو

وار ڪولي وڏا هُن وڇائي ڇڏيا
ٻانهن تڪيو تي روح رلڪو ڪيو

هنج منهنجي مٿي ننڊ هن کي لڳي
چرڪ ڪائي اُتي مور ٺهوڪو ڪيو

باک پٽ تي ڦُٽي هن وڃڻ جي ڪئي
نيڻ منهنجا رُنا ساهه سُڏڪو ڪيو

◈◈



ڪڪر ڪارا ڏسي خُوب بر جي مٿان
روپ ڪيڏا ڪيا منڊ ور جي مٿان

پوهه پارن جيان ٽاڪ ٽڏڙا ٽيا
ميگهه وسندو رهيو رات ڀر جي مٿان

ڏيک هن جو ڏسي سونهن سجدو ڪيو
چندُ مُرڪي اُڳو گهاٽ گهر جي مٿان

جوڙ جيڏين ڇني ڪونج ڪُٽڪي رُني
وار ڪيڏو ڪيو باز پر جي مٿان

پوڄي ساگر سڄو ور وڃڻ لئه وني
رات ٻاري ڇڏيا ديپ جر جي مٿان

قلم ڌرتي ڏنو درد ديس جو لکيم
ڏات ڏهوٽي لٽي دل نگر جي مٿان

لکان مان لکان ديس ٽوٽي لکان
گيت وايون غزل سنڌ ڀر جي مٿان

◈◈

منا مور مرڪي صدائون تہ ڪن ٿا
اوھان جي اچڻ لئہ دعائون تہ ڪن ٿا

اجا ديپ دل ۾ ڏڪائي وفا جا
وفادار ڪيئي وفائون تہ ڪن ٿا

اُساتيل بدن جي اُجايل گگن تي
اجا زُلف ڪارا گھٽائون تہ ڪن ٿا

رُتل روپ راٽا ھجن شال سُکيا
اشعارا ڪري سي ادائون تہ ڪن ٿا

پلي ڏُک ڏُکارن ڏنا ڪوڙ آھن
اجا مور ماڻھون سڪائون تہ ڪن ٿا

اجا سنڌ منھنجي جا سمورا سپاھي
سچي عشق جون انتھائون تہ ڪن ٿا

◈◈



سنجھا ٿاٽي جام پيئون ٿا
غم ڪي ماٽي جام پيئون ٿا

تون جي ناھين او دلبرڙي
جيون چاٽي جام پيئون ٿا

محفل ڪوئي من ۾ ناھي
ھيڪل ھاٽي جام پيئون ٿا

خُوب وچوڙي دل ڪي گھايو
ڳوڙھا آٽي جام پيئون ٿا

تنھنجو چھرو چت چڙھي ٿو
چنڊُ ڪي ٽاٽي جام پيئون ٿا

ھن ڪي ڳاڙھا نيڻ وٽن ٿا
ھن جي ماٽي جام پيئون ٿا

◈◈

پيو مور ٻولي نما شام ويلي
ويو ڪير رولي نما شام ويلي

پڄائي بدن کي اچي ٽڪ آڏو
کلي وار کولي نما شام ويلي

سکي سار تنهنجي تکي تار تنهنجي
پيئي ڳُجهه ڳولي نما شام ويلي

وجي ڏينهن لائي نوان نينهن لائي
وڏو وير ڍولي نما شام ويلي

ڏسان ڪون ڏيهي وجهان ڪئين ويهي
چتيون تن چولي نما شام ويلي

اڪيلي اويلي نڪو ٻانهن ٻيلي
الا! ڪير اولي نما شام ويلي

◈◈



گُلابي ويس ۾ ويڙهيل ڪٽي تي پير پاٽياريءَ
پکيڙي پيار جي خُوشبوءَ وجي پيئي ڪير پاٽياريءَ

ڪري ٿي ڪوه تي ڪينچل چُمي ٿي چيلهه کي گاگر
هلي ٿي حُور وانگي هي الاهي دير پاٽياريءَ

رمي ٿي روز ريٽن تي جهُڙالي شوخ جوڀن ۾
وڄائي وقت جي چُوڙي چمڪائي چير پاٽياريءَ

پڙي تي پور ٿو ٻولي گهڙي تي مور ٿو ٻولي
سڏي ٿي سات ساجن جو گهُمائي گهير پاٽياريءَ

پُڇن ٿا رند ريٽن تي ڪري سينگارڙا سهسين
لٽي آ ڏهر ۾ ڪنهن لئہ اويلي وير پاٽياريءَ

سموري سيم کي واسي ڪري ٿي گهوٽڙا گهايل
وجي ٿي شوخ سرگم سان جهلي ڇڏ جهير پاٽياريءَ

ڏڪاريل ڏيهہ مان هاٽي لڏي ويو لاڙ ڏي ڍولو
اُنهي جي سار ۾ سُڏڪي پڄائي پير پاٽياريءَ

◈◈

نيائي وياسين سفر زندگي جو
غمن ۾ ٿيو آ گُذر زندگي جو

ڏسي سور صدما لهي نيٺ ويندو
سواءَ تو سهڻا قمر زندگي جو

ويا روپ روپا وئي سونهن سُرتا
اياڻو لڳي ٿو ننگر زندگي جو

ڇري دل چوڻ سان مڃي ئي ڪٿي ٿي؟
ڏنو جنهن سدا آ ڏمر زندگي جو

سڏي روح توکي هلي آ پيارا
وسايان مٿان تو ڪڪر زندگي جو

هوا جي هٿن تي نياپو لکيوسين
سليو ڪنهن نہ سنديسو مگر زندگي جو

جنهي جي مٿان جان نڇاور ڪئي سين
اُهي ئي ٿيا هن ڪٽر زندگي جو

صبح شام هيڪل وياڪل رهياسين
ڪجي ڪهڙو بيان هن بنجر زندگي جو

ٽڙي گُل گُلابي جيان هي حياتي
نصيب سو ڪٿي آ امر زندگي جو

◈◈



درد ٻيجل هُيو درد قاتل هُيو
يار توکي چوان ڇا تہ ويڏن ٿيو

جند منهنجي لُٽي سنڌ منهنجي لُٽي
درد قاسم ٻٽي قهر ڪيڏو ڪيو

جاٽ جوڀن ملي سا بہ وئرث ويئي
تون نہ آئين سڪي جيءَ جلندو رهيو

آتما ٿي اڪيلي هجومن ۾ ويئي
ساٿ تنهنجو سجيلو هٿن مان ويو

ڪنهن بہ ويرا پرين تون نہ دل تان لٿين
حال هيڻا ٿيا من موڳو ٻٽيو

عمر ساري ڏُکن ۾ گُذاري امر
ڪو بہ ساٿي نہ ڪوئي سهارو مليو

◈◈

نيڻ نيرا پرين
هاڻ هيرا پرين

پکل چاتيءَ متان
جڻ متيرا پرين

سُونهن تنهنجي اڳيان
سڀ ڪسيرا پرين

چو ڪپائي چڏيئي
خواب ڪيرا پرين

تي ڪويتا گهري
ڪي ڪبيرا پرين

پيڻ ٻاگهل گهُري
سور ويرا پرين

◈◈



گُلابي ڳلن تي چگهن جون ڪهاڻيون
نرالن نڪن ۽ نٿن جون ڪهاڻيون

وڳو چنگ چوڙس وريو مال وتاڻن
وٽن تيون لتي سج لَڪن جون ڪهاڻيون

ويا ڦوڳ اُڏڙي نہ توهر رهيو ڪو
رُڳو بس رهيون هن اکن جون ڪهاڻيون

وساريو پلي پر وساري نہ سگهندا
الا! هن اباڻي وطن جون ڪهاڻيون

اوهين بادِ صبا جا شوقين ماڻهون
اسان جو نصيب هن لُڪن جون ڪهاڻيون

اسان عمر ساري لکيون سين ڏنيون سين
لنگُن تي ليڙون لٽن جون ڪهاڻيون

ڪتي ارٿ آڏي اُٽن خواب ڪيرا
چُمان تن هنيلن هٿن جون ڪهاڻيون

عجب سي ادائون وجن دل لُٽي تيون
پڙهي ڏس ڇُڙواڳ چتن جون ڪهاڻيون

ڪينجهر جي ڪنارن تي جوين جهُلي تو
لبن تي لُچن تيون چڪن جون ڪهاڻيون

امر سي ئي رهندا جڳن ۾ جيئرا
لکيون جن وطن جي ڦٽن جون ڪهاڻيون

◈◈

پُور تنهنجا تا پون او پدمڻي
چاڪ منهنجا تا چڪن او پدمڻي

ڪوڏ ڪاڏي تو ڪيا او ڪامڻي
چنڊ تارا تا پُڇن او پدمڻي

حُسن تنهنجي جا حسينا چو پلا؟
هوڏ هيڏا تا لڳن او پدمڻي

گهُرج تنهنجي چو گهٽيري ٿي رهي
پيار منهنجا تا چون او پدمڻي

آس هي آهي اجا چپ مان چمان
لنگ منهنجا تا لُڇن او پدمڻي

روپ تنهنجا ياد رنگيلا اچن
سُور ٻيڏا تا وڌن او پدمڻي

◈◈



اڪيلي رات اوٿي تي تڪي تارا سُتي آهي
چري هڪ چاھ واري لئہ چُمي چارا سُتي آهي

اُجالي عشق ڪنهن جي ۾ ڏسي ڪي خواب حياتي جا
پُراڻا پيار جوين جا سڏي سارا سُتي آهي

وڏيري وقت جي آڏو جواني جوڳ هارائي
لٽا ڪنهن ماتمي وانگي ڪري ڪارا سُتي آهي

ستارا سينڌ ۾ ٽانڪي اشارا اڪ ۾ اوتي
نظارا نينهن ڏارا جا اُٿي آرا سُتي آهي

پرين ڪي پرچائڻ لئہ سنجهي مان سرچائڻ لئہ
وينگس وارڙا ڪولي سجا سارا سُتي آهي

تپائي تن بدن پنهنجو برھ جي باھ ۾ پولي
اُتاري عڪس اڪين ۾ پرين پارا سُتي آهي

◈◈

ڏُنيا ساري دوکو آهي
پنڌ اڙانگو اوکو آهي

سڀ کو درد ڏسي ٿو سرتي
سُکيو سولو کو کو آهي

پيار ورهايو قرب ڪمايو
هيءَ اسان جو هوکو آهي

تنهنجي زندگي سنگري سائي
منهنجو جيون کوکو آهي

محبت ڪنهن ڪنهن منجهه وسي ٿي
پيار جو ويري هرڪو آهي

آڏيءَ مانجهيءَ موت اُڏامي
جيون ڏاڍو جوکو آهي

نيٺ نظارا امر نه پسنديون
اکين ڪي هي اُلڪو آهي

◈◈



پرهه جي هير ۾ سرتي سجايو نرڙ تي ٽيلو
وٽيو ٿي ماڪ ۾ ڪيڏو بدن تي پولڪو پيلو

لنگن تي روز پائي ٿي مُڪي سان پرت پريل هُوءَ
مرُوڙي پور ۾ پياري لڳي ٿي موريو نيلو

لُڏي جئين لهر ڪينجهر ۾ بتيلو رات آڏيءَ جو
هلي ٿي ائين حجابن ۾ ڪڍي ڪنڪو سندو ٽيلو

اکين مان نڪ ڪڍي ڄاڻي ملڻ جا سڀ هُنر هن وٽ
تڏهن هن جي اڳيان ڪنهن جو هلي ٿو ڪون ڪو حيلو

نگاهن جا تکي نشتر ادائن سان ڪري گهايل
ارائي نوڪ نيڻن جي ڪُپائي خار مان ڪيلو

◈◈

ٿـر جـي شـام ڏسـي وج ڊولـيـا
ڪـونـيـٿ لام ڏسـي وج ڊولـيـا

ڪـئـيـن ڪـٿـن ٿـا مـارو مـنـهـنـجـا
هـڪـڙي مـام ڏسـي وج ڊولـيـا

سـيـم سـڄـي ۾ سـرنـگـهـو سـهـٽـا
ڪـڇـڙي ڪـام ڏسـي وج ڊولـيـا

چونـئـرا چـونـڪـيـون ڪُڏ وڪـاريـون
گـوهـر گـام ڏسـي وج ڊولـيـا

رب رابـڙيـو شـوق سـانـگـيـن جـو
ٽِـڪـڙا طـعـام ڏسـي وج ڊولـيـا

مـيـهـوڳـي ۾ مـور گـهـمـن ٿـا
سـرِعـام ڏسـي وج ڊولـيـا

ڪـئـيـن جـهـلـن ٿـا اڄ پـي ابـڙا
هـڪـڙي سـام ڏسـي وج ڊولـيـا

چـانـڊوڪـي ۾ چـنـڊ ٻـڪـن ۾
اُيـري ڪـام ڏسـي وج ڊولـيـا

ٿـر ۾ ور ونـيءَ جـي جـوڙي
سـيـتـا رام ڏسـي وج ڊولـيـا

◈◈



تـنـهـنـجـي وئـي ڪـانـپـوءَ پـيـارا
مـنـهـنـجـي مـن جـو مـور مـري ويـو

هـيـل ٻـ تـنـهـنـجـي راهه تـڪـيـنـدي
هـٿ سـان ڪـڍيـل هـور مـري ويـو

نـيـڻـن سـان جـنـهـن نـاتـا جـوڙيـا
چـت ۾ ويـنـل چـور مـري ويـو

ڪـارونـجـهـر تـي روز ڌمـاڪـا
مـورن جـو آ شـور مـري ويـو

ڏُک ۾ سـاٿـي آ ڏوٿـيـاٽـي
گُـل بـدن جـو پـور مـري ويـو

◈◈

پاڻياريءَ جو پُور وڻي تو
ناريءَ مُک تي نُور وڻي تو

ڪڇ تي گاگهر پگ ۾ جانجهر
هلڻ سنڌءِ حُور وڻي تو

رُت بسنتي روپ ڪيا هن
ٻاٻوريءَ ۾ ٻُور وڻي تو

محبت جو ڪو مت ئي ناهي
محبت جو منشُور وڻي تو

سو ڪهڙي سنڌ سنياريندو؟
جنهن ڪي جوڏ پور وڻي تو

جڳ سڄي ڪي جهاڳي وريو
جهونو سوئي جهور وڻي تو

◈◈



تون ندي ۾ لٿين شام ٿاڻي سڪي
ڇا تہ ڇُلڪي ندي تنهنجو جوڀن پسي

سا تہ وسري نٿي مور مونکان متا
تو ڏني جا چمي چپ چپن تي رکي

مُرڪ تنهنجي مٺي جان گهوري ڇڏيان
ڇنگ ڇوري ڇڏيان ٻول تنهنجا ٻُڌي

ميگه وسندو ڏسي سار تنهنجي وڌي
دل سڏي تي پئي او وديسي پڪي

تون ڪٿي وئين لڪي ڏس نہ تو ڪو ملي
ڳوليم هر گهٽي سامروٽي سڄي

◈◈

# نظم



## سڏُوري ڳوٺ جي نينگر

پرڻائي شهر ۾ بابل
وني کي روڪڙا ڏوڪڙ
چڙهي آ پاڻ تان ٿاري
نياڻي نينڀ وڻ جهڙي
سڄو ڏينهن ڳوٺ ٿي ساري
مٿي تان وائلو واري
هلڻ ۾ حُور پئي هٻڪي
ٿڙن ٿا پير ٿائلن تان
منجهي ٿي شهر ۾ هرپل
ڳئون آ ڳوپ ڳوناڻي
شهر جي بند ڪمرن ۾
ڪٽي ٿي قيد جا ڏينهڙا
نندي ڪان نينگري سادي
نپوڙيل درد ۾ ڏاڍي
زنده هُوءَ لاش ٿي پيئي آ
نڪي پيزا وڻن هن کي
نڪي برگر چکي ٿي هُوءَ
پائي ڪئين پينسل هل
صفا هُوءَ سادڙي نينگر
نڪي ٿي جين مان سمجهي
نڪي ٿي پينٽ ڪا پائي
وٽي ڪئين ور ڪي هُوءَ
ڪري جو ويندلا وارن
گهگهو ۽ گاگهرو پائي

ڳلن تي زرد ذريءَ سان هُوءَ
ڪڏي ٽيلا ڪري سينگار
اُها ڪئين ٿهي جدت ۾
قديمي ڪوڏ سڀ هن جا
پکن جي شور ۾ سُڏڪي
ڪنڊيشن ايئر مان وِرچي
پيئي ٿي برف جو پاڻي
نڙي ۾ روز ٿو ڇُهڻي
وڏو ڪو ويڻ ساسُو جو
وڃي ٿو پار دلڙي مان
لمحو ڪو ڳوٺ پنهنجي جو
اچي ٿو ياد سُڏڪن ۾
اندر ۾ هيڪلي سوچي
وڃان ڪئين ڳوٺ ڏي هاڻي
جتي مان ڇيلڙا پالي
ڪيان ڪُل ٻارڙا پنهنجا
نموريون ناز مان چونڊي
ڱُنڌان مان وارڙا پنهنجا
پٻي سان روز پاساڙي
پپون چونڊي ڪيان ڪيٺا
ٻنيءَ جي ٻير آمڻ کي
ڏيان ڪا ڏوڻ جوپن جي
مندون سڀ ميڙيا ويٺي
هينئين کي هرڙا ڏيئي
خوابي ڪيٺ يادن جا
سڄو ڏينهن کيڙيان ويٺي
ملي جي ماءُ جي هٿ جي
مکڻ ماني تہ ڇا ڳُهرجي؟
پراٽو ڇيچ جو چلڙو
ملي ٿي پيار جو تحفو
ڪجل ڪاني تہ ڇا گهرجي؟
سُمهاري هنج ۾ سانجهي



ٻُڌائي لوڪ آڪاڻي
مٺي نانيءَ تہ ڇا گهرجي؟
وڃان مان ڪوھ تي ڪلندي
ورايان ورت کي ٻيهر
تلاءَ جي نِير ۾ تڙڳي
ٿيان مان ڦُولڙو ڪوئي
الا! هو ٽيج سرامڻ جا
ترن ٿا ذهن تي گجوئا
ڪانهوڙو ڪوڏ مان ٿاهيل
ٻُڌي ٿي روح ۾ راڏا
ڪُلر کي ڪئين وساريان مان
چڪي جا ورت گوگي ۾
الا! اُن لوڏ جا لوڏا
وِڍن ٿا وڻ حياتيءَ جو
لُڇي ٿو ٻارڙو ٻڻجي
دڙن تي ڏڻ حياتيءَ جو
اچي ٿو روز سپنن ۾
ڏگهو نم ڳوٺ جو جهونو
انهي جي ڇانوءَ ۾ ويهي
گگر مان گهونٽ هڪڙي سان
اُجهايان اُڃ صدين جي
جيڏين جي جوڙ ۾ ويهي
ڳايان سڀ گيت ڳوٺن جا
وڻن جي ٻانهن ۾ ڏاڳا
ٻڌان مان پيار منهنجي جا
چڙهان مان ڄار ساڏوهي
چونڊيان کي سيڙڪا پيرون
چڪيندي ڏينهن ٿي ويا هِن
الا هُن ڳوٺ منهنجي کي
ڏٺي کي ڏينهن ٿي ويا هِن
پُراڻا نينهن ٿي ويا هن!!

# تنهائي رڻ ڪارو آ

سڄڻ مان سار تنهنجي ۾
صفا لاچار ٿي پيو هان
مرڻ تي دل گهٽي آهي
جيئڻ لئہ جنگ ڪيان وينو
الا ! هڪ وار درشن لئہ
حياتي تنگ ڪيان وينو
گهڙي ڪن ڳوٺ ۾ وندران
اڪين جي نب سان سانئڻ
نمن تي ناںءُ لکي تنهنجو
چپن سان روز چمان ٿو مان
ڪٿي هاٽي سُمهان ٿو مان
اڪيلي اونگهہ اُڏري ويئي
سواءَ تنهنجي مٺا ماٺهُون
جواني جاڳ ۾ ساري
اجائي ائين گُذري ويئي
پلاري مُند بهاري ۾
خزان جو قهر پانيان ٿو



منڊن جو هر مٺو ميوو
ڪڙو ڪو زهر پانيان ٿو
اڪيلو ڪئين چڪان پيرون
اڇان جيڪي چونڊي پيرون
ڪري ڪوڪڙ رڪان تو لئہ
سگر سيڪي سڄڻ منهنجا
مُڪان توڏي مليرن مان
بهارن جا سوين تحفا
ڏيان توکي دعائن ۾
عمر ساري پرين منهنجا
هجين شل تون هندورن ۾
لُڏين شل تون هندورن ۾
انهي خاطر تتي ڏينهن جو
ٻڏي نينبر ڪنڊي ۾ ڪو
پکين لئہ جل پريان ٿو
ٻُڏي ڪي لوڪ آڪاٽيون
جيئڻ جي ٿل ڪريان ٿو
لٿي سج مال ۾ وڙڪي
ولر ۾ چيلڙيان واريان
ڏنارن سان ڏڙن تي مان
سڪان سيندون سرگم ۾
ملهاري ۾ منڊون ڳايان
مهياٽن جا وٺا پيئندي
پرين پيو پاڻ وندريان
وجي مان ڪوهہ پراٽي تي
سڄڻ تنهنجا سڄا سارا
پڇان ٿو پار گوسي ڪان
ڏٺي ڪا ڏيل ڍاٽاٽي

سڳيءَ جي ٿونئر کي لوڏي
پڙي سان پاٽياريءَ تي
ڪٽي ڳاگر ڳچي واري
ڀنين جا ويندلا ويڙهيل
پڳن ۾ پولريون پائي
وِچين سان وک ڪٽندي هئي
وڃائي پڳپان پيرن ۾
سمائي سونهن ساٿين جي
چڙواڳ چيلڪڙي سان هُوءَ
سمورا ٿول چاندي جا
سدائين شوق سان پائي
ڪَڙين سان ڪونج ايندي هُئي
انهي جي ڪنڻ ڪنواري مان
گلابي گونج ايندي هُئي
ڪِلي ڪِيلي چوي ٿو بس
پڪي پرديس اُڏري ويا
جيئڻ جا ڏينهن گُذري ويا
ٻُڌي پيغام جُدائي جو
مٺا مايوس موٽان ٿو
وڃان ٿو شام لڙي ويلي
مندر تي مان مٿو ٽيڪڻ
ڏسان ٿو روپ راڌا جو
اچي ٿي ياد تنهنجي ڪا
سنجهي مان سنک وڄائي جا
پوڄارڻ سان ڏسڻ جي لاءَ
لُڇن ٿا نيڻ گهَورن جيان
وسن ٿا ميگهه نيڻ مان
وڃائي گهنڊ وران ٿو مان



اُڳائي چنڊ وران ٿو مان
وڃائي ننڊ وران ٿو مان
ستارن جو سڄيون ڳالهيون
وٽن ڪئين ٿو سواءَ جانان
چٽيون هي چاندنيون راتيون
برهه جون ٽيون لڳن ڪاتيون
گهڙي ڪن شهر لئه سوچيان
وڃي ڪٿ چين کو پايان
مگر هُو شور شهرن جو
اسان کي راس ڪئين ايندو؟
اسين هون ڳوپ ڳوٺن جا
اسان جا پيار پوٺن جا
ڪٿي سي ڏُور اُڏامي ويا
لمحي لئه لوڪ ۾ لوچيان
پلن ۾ پاڻ سان اٽڪان
پٽن ۾ هاڻ پيو پٽڪان
وٽن سان واتيون اوريان
پڪين سان پاڻ ٿو پرچان
حياتي هاڻ ٿو ورچان
وري آ مينهن وانگي تون
نئين ڪنهن نينهن وانگي تون
سڄڻ مونکي سنواري وڃ
تنهائي رڻ ڪارو آ
پرين تو پاڻ اُڪاري وڃ
وچوڙو مها ساگر آ
هلي آ هاڻ اڪاري وڃ!!...

◈◈

## اڄ چون ٿا هولي آهي

ڄاڻان ٿي مان جيجل تُنهنجي
ماٺي چو ٿي لولي آهي
رات سُتا هئا ٻُک ۾ پاتي
ننڊڙي گڏڙي ٿڄ لئہ آتي
جيجل تنهنجي چٽيل چاتي
ڏسندي ڏنجھ ۾ ڏُسکي ڏسکي
پنکي ساري رات رُني پي
رات تہ چا،پرپات رُني پي
لنوندي ڪويل لات رُني پي
ڪنهن نہ ٻڌيون دانهون آنهون
ڪنهن نہ ڄاتو ڏانءَ ڏُکن جو
ڪنهن نہ ڄاتو پيد بکن جو
ڪئين ٿي وٿ وجهي هُو ڏائڻ
جيڪا هڪ پرولي آهي
هُو چون ٿا هولي آهي
ڪاش! اهو ڪو ڄاڻي ها جي



ڏُک ۾ هرڪا بات مري ٿي
ٻُک ۾ ڪئين مرجات مري ٿي
هر ڪا ذات صفات مري ٿي
ساڏو ڪي پي چور ڪري ٿي
آندن ۾ جا شور ڪري ٿي
ان لئہ ڪهڙيون عيدون هوليون
جنهن لئہ جيون لولو آهي
اهڙي پاپڻ ويرڻ ٻُک جي
ڪنهن نہ ڄاتي ٻولي آهي
اڄ چون ٿا هولي آهي
ڪهڙا طعام تري هُو ناري
جنهن وٽ هڪڙو ويلو ناهي
ڪهڙا زيور پائي پدما
جنهن وٽ ڪوئي جهيلو ناهي
هُو ڪئين وِڏوا سينڌ سنواري
جنهن جو ڳيرو گهوٽ ڪُساڻون
هُو ڪئين جيجل جهُٽڪي ڳائي
جنهن جو پُٽ اٺموٽ ڪُساڻون
ڪنهن تان گهوري هارولا هُو
پيڻ ڏُڪاري، پاءُ ڪُساڻون
منڙو منڙو ساءُ ڪُساڻون
هُو ڪئين ڪاجل پائي ڪومل
جنهن ڪان ڍولو يار رُساڻون
ڏوڙيلي ڪئين ديس ملهائي
گوڙاڻون آ ڳوٺ وڪاڻون
ڪئين هُو مڇ مچائي مرچو؟
جنهن جي مومل تپ ۾ تڙپي
گوري گهرندي ڪالهہ مري وئي

غربت جي اُن گھاوَ وڏي ۾
هُن جي هر ڪا ڳالهہ مري وئي
هاڻي هولي ڪئين ملهائي؟
هُن وٽ ڪجهہ بچيو ئي ناهي
ويس وڳا هُو ڪهڙا پائي
جنهن وٽ ڦاٿل چولي آهي
اڄ چون ٿا هولي آهي
ڄام بہ هلندا طعام بہ هلندا
رنگ وطن ۾ گيرون ٿيندا
مايا تنهنجي ڇايا ۾ ڪي
لُڏندي ڪُڏندي لهرون ٿيندا
پر سي ڪهڙي هولي ڪندا
ڳچ ڏينهن کان ڳاراڻي ۾
ڪاڏي جن هڪ ماني ناهي
تن لئہ هولي درد وڏو آ
ٿهوارن کان فرد وڏو آ
ڪنهن تي رنگ هڻي هُوءَ ريڪا
هن جي قسمت هن سان ناهي
مان پي ڪهڙا سانگ سجايان
منهنجي قسمت مونسان ناهي
مون سان ڇا پر توسان ناهي
ڏيهہ ڏُکن ۾ گهايل آهي
ماني هر ڪا پايل آهي
جيجل هاڻي تون ٻُڌاءَ
ڪهڙو ديس وسايون آخر....؟
هڪڙي عيد ملهايون آخر....؟

◈◈



## پريي ٽُريي ميلي ۾ تون

مون کي هيڪل جند ڇڏي وئين
اهڙو ڪهڙو پور پيو جو؟
مونکي ڳوڙهن منجهہ ڳڏي وئين
ڪلندي ڪلندي منهنجي پياري
پنهنجي پومي سنڌ ڇڏي وئين
تون جي مهڪ مٽي جي پرڪين
ڪجهہ پل ترسي ٿوهر هيٺان
ٽڪ پڇين ها ساهہ پٽين ها
سنڌ ڏسين ها منهنجي سانئڻ!
توسان سارو ڏيهہ گهمان ها
ڪينجهر ۾ پي ڪنول ٻڻجي
تنهنجي چوٽي گل ٿيان ها
ڪارونجهر تي مور ٿيان ها
توکي ساونڻ ميگهہ وٺي ها
ڳجندي مينهن جي ڳوڙ ٿيان ها
سنڌو ۾ تون پير ڌرين ها

چولي بٽجي ڏولي ٿيان ها
گورک تي جي ٿڌ لڳي ها
ٻارڻ بٽجي يار ٻران ها
تو ۾ تارون تار تران ها
سيوهڻ ۾ جي رقص ڪرين ها
هڪڙي ڏُن ڌمال ٿيان ها
تولئه يار ڪمال ٿيان ها
موهن جي تون ماڳ هلين ها
سمبارا پي ساه ڇڏي ها
روپا ماڙي ديس اچين ها
دودو تولئه پاءُ ٿئي ها
هالا ۾ جي پاڻ هلون ها
هوُ به هندورو ٿي پوي ها
پٽ تي رات ڪٿون ها هڪڙي
لوري شاه لطيف چوي ها
لاڙ ته تولا لاڏا ڳائي
گوري تنهنجا گهاوَ پري ها
ٽڪڙا ٽڪڙا تاوَ پري ها
پلو تولئه طعام تري ها
وونئڻ ته تنهنجو ويس اُٽي ها
ڪٿوري پي ڪيس اُٽي ها
هُربو تو ۾ حرس ڪري ها
سورج مُکي سينڌ ڪڍي ها
ڪمند مصري روز ورهائي
ميندي تنهنجا موڙ سجائي
ساريون تولئه سهرا ڳائين
هيڪر تون جي لاڙ وڃين ها
پپر تولئه پينگهه ٻڌي ها



سج لٿي جو موتيو مرڪي
تنهنجي گلي هار ٿئي ها
منهنجو ٻيڙو پار ٿئي ها
ٿر به ٽوٽي هٿ ڌري ها
روهيڙو پي لوڏ ڪري ها
ڪنڊي ڪيئي ڪوڏ ڪري ها
ٿوهر لاڏا چرميون ڳائي
اڪ ته نيرا جهومڪ پائي
واريءَ تنهنجا پير پڪاري
ڏونگر توکي ڏاج ڏي ها
پٿون توکي پاڪر پائين
ڪونيٽ ٿي ڪا چير پوي ها
تنهنجو ٿڪي پير پوي ها
پر تو سانئڻ ڪون سُڃاتي
پنهنجي پومي پاڳ پٿن جو
هسندي ڪڏندي حُور ڇڏي وئين
صدين جيڏو سُور ڇڏي وئين
وياهي جهڙو پُور ڇڏي وئين
سارا چارا ڳوليندي مان
روح ڪي رڻ ۾ روليندي مان
ڪيڏو وياڪل ٿي پيو آهيان
تو بن ڪنهن کي هاڻي چاهيان
ڪيڏانهن ڏور هلي وئي آهين
مون مان آه پلي وئي آهين
منهنجون اکيون ترسن تولئه
راتو ڏينهن ٿيون برسن تو لئه
ڳوڙها ڪوئي ڪون اُگهي ٿو
مونکي هاڻي موت سُجهي ٿو

تُنهنجي ڇانوَ ڇتن جي ساري
ائين پيو تڙپان ولڪان هيڪل
جئين ڪو ٽاڪ منجهند جي ٽاڻي
ٻر ۾ پياسو پنڇي ڦتڪي
ميگها رُت لئہ مور پڪاري
جئين ڪا ڍيل ڊڪي ٿي ٻن ۾
ائين مان توکي ڳوليان من ۾
منهنجي ڪويل ڪاڪ ڏجاڻي
ڪهڙي ديس اُڏي وئي آهين
جهوري جند ڇڏي وئي آهين
هاڻي ڏس پڇان مان ڪنهن کان
گگن گونگو پاڻ سڏائي
ڌرتي توکان رُنل آهي
چنڊ تہ تُنهنجا پار نہ ڏي ٿو
سج ٻہ توکان دوُر رهي ٿو
وڻ چون ٿا ويجهي ناهي
سمنڊ ڪي ڪا سُجهي ئي نٿي
ندي نسورا ڪوڙ ڪري ٿي
هاڻ هوا کان ڪئين پڇان مان
ڏونگر ڪوئي ڏِي نہ ڏي ٿو
پکين ڪي ڪو پتو ٻہ ناهي
درياءَ ڪهڙي دانهن ڏيان مان
مونکي ڪوئي متو ٻہ ناهي
هاڻي ڪهڙو شڪ ڪيان مان
دل چوي ٿي پڪ ڪيان مان
تو آ ديس وساري ڇڏيو....!!!!
مونکي جيئري ماري ڇڏيو....!!

◈◈



## مٿي جي منظر ڪَشيءَ تون ڪندين ڇا؟

سرمست سرمدي خيالن جا مالڪ.
هتي ڏينهن ڏونئري جو ڏيئا ٻرن ٿا
گُلابي گهونگهٽن مان ليئا ٻرن ٿا
نگاهن جا ڪَبُوتر اُڏندي ڪرن ٿا
جڏهن ڪِن ڪُلهن تي ڪي ڪاڪل نچن ٿا
لٿي سج مٿي جي رستن تي هلندي
حواسن جي مستيءَ ۾ حياتيون ڏُڏن ٿيون
ڳچين جي هندورن ۾ ڌُهريون لُڏن ٿيون
بدن ۾ برهہ جون پنيوريون اُڏن ٿيون
مجازن جي مستي ۾ حُورون ٻُڏن ٿيون
نڪن جي اکن ۾ نٿن جون ڦُلڙيون
اڳي چنڊ چمن ۾ چمڪي پون ٿيون

ڪنن جي نمن ۾ ايرنگي نموريون
هلڻ سان هوا ۾ پنن جيئن جهُلن ٿيون
اجنبي اڪين سان اچانڪ ملندي
لبن جي گُلن تي تبسم لُڇي ٿي
چُمڻ لئہ انوکي ڪا شبنم سڏي ٿي
تڏهن آگ اندر ۾ ڪا ازلي ٻري ٿي
جڏهن ڪو تهوار خوشيءَ جو اچي ٿو
نوي سيڪڙو نشي ۾ ڌُت ٿي ملن ٿا
نہ ڪنهن کي مڃن ٿا نہ ڪنهن جي ٻُڌن ٿا
تڏهن ئي مسافر مني ۾ مرن ٿا
جڏهن سونهن جواني اجايو ڏنگي ٿي
نڪي ڪنڌ ورائي ڪنهن کي ڏسي ٿي
بنان ڏوهہ گسن ۾ رُلايو ڇڏي ٿي
دڳن کان ڀُلايو وڃايو ڇڏي ٿي
اجان ڀي پُڇين ٿو مني جا منظر
گڊي تي بارش کي وسندو ڏسي وڃ
جُهڙالي گگن ۾ گهڙي کن پُسي وڃ
ٻُڌي ڇڏ محبوب خيالن جا شاعر!
رڳو بس اهو ئي مني شهر ناهي!
مني ۾ اجا ڪيئي کهاڻيون ملن ٿيون
هتي جي سوڙهين گهٽين ۾ گهمندي
پٽين تي چيٽڻ جا ليپا ڏسين
متان ائين سمجهين هي غريبن جا گهرڙا
هي اميرن جون وڏيون عمارتون ٿئي پر
مذهبن جي معاملن ماري ڇڏيا جو
گوبر جي بہ غلامي ڪرڻي پوي ٿي
ڍڳي جي بہ سلامي پرڻي پوي ٿي
وڳن تي وڏا خرچ خوشيءَ سان ٿين ٿا



ڇڳن ۾ چنبيليون بہ هٽيون وڃن ٿيون
گهٽين ۾ بہ اوبر اجائي ملي ٿي
نت روز نگرا بہ پُوڄيا وڃن ٿا
ڍڳن کي بہ ڍوءَ تي ماني ملي ٿي
مندر ۾ بي ساهہ بُتن جي اڳيان
هزارن ۾ دولت هٿيڪي ملي ٿي
مگر ڪنهن بہ پورهيت جي ٻُڪايل ٻچي کي
نہ لولو ملي ٿو نہ اولو ملي ٿو
ٻُکي پيٽ ڍيلان جو ڍولو سُمهي ٿو
تڏهن سج سُورن ۾ گرهڻجي پوي ٿو
جڏهن ڪنهن ڏهاڙي ڏکن جي ڪا ماريل
اميرن جي اُگهاڙن درن جي اڳيان
ڪٽي ڪو ڪٺورو ٻچن لئہ پني ٿي
اُنهي جي اُپاميل اُرهن کي ڏسي ڪو
تونگر تڪي ۽ قيمت ڪٿي ٿو
تڏهن ديس دردن ۾ تڙپي اُٿي ٿو
جڏهن ڪا نياڻي ننگي پير هلندي
تتي جو تڙَهَن مان پاڻي ڀري ٿي
اُس ۾ ونڪي بہ وڃايو ڇڏي ٿي
ٻري ۾ ٻرندي بہ ڪانيون ڪري ٿي
بکن ۾ ڀلا ڪئين اُنهن جي سري ٿي
جنهي جي ڪڪائن گهرن ۾ ڪڏهن ڪا
نہ دانگي چڙهي ٿي نہ ماني پچي ٿي
ننڍي ڪا نياڻي ڳيپي لئہ سڪي ٿي
تڏهن سُونهن ساري ٿاندا لڳي ٿي
سموري خدائي اکين ۾ چُڀي ٿي!
◈◈

# او مور منهنجي ديس جا..!!

مان ٻار ٻُکي پيٽ سان
ٿو ناچ تنهنجي ڪي ڏسان
مان روز ڊاپي ڊوڙ ڪيان
او مور منهنجي ٿر جا!
ٿو روز توکي سڏ ڪيان
هي سڏ سڀئي سور جا
تون شوق سان بس ٻڌجانءَ
مان چير تنهنجي پير ۾
ٿو روز ٻڌان روح جي
تون عڪس پنهنجي رقص جا
ڪر سڀ نڇاور مون مٿان
هي خوب ڪيڙا سونهن جا
۽ ٻک منهنجي ڪي اُجهاءَ
او مور منهنجي ديس جا
ڪا نار تنهنجي ڪنڀ مان
ٿي پاڻ پري پولڪو
ڪا ڪونج ڳچي ڪنٺ مان
ٿي گيت ڳائي موريو
ڪا نار تنهنجي ناچ جو
ٿي ڪاجل پائي اک ۾
ڪو مرد تنهنجي ڪلنگي
جو موڙ ٻڌي مرڪي



هن ڏيک سڀئي ڏانگڙي
جا مور تنهنجي پک ۾
او چنڊ نيري اُڀ جا
هي مور توکان آ مٿي
جو ڪائي پٿر ريٽ جا
ٿو ڳائي نغما ديس جا
او مور منهنجي ٿر جا
ڪا ڊيل تو سان ميل لئه
ٿي روز رمي راندڙي
تون ناچ ڪيڙي سان ڪرين
ٿي لُڙڪ جهپي ڊيلڙي
هي ڪيل تنهنجو ڊيل سان
ٿو روز موهي ٻارڙا
ڪي ڪارڙا ڪي ڪوجهڙا
او مور منهنجي ديس جا
آ راڻي توسان ريس ۾
ٿي ڪونڌي روز ڪنڀڙا
تون رات ساري سُڏڪين
مان دعا گهران رب کان
هي ٻئي ٻڌي هٿڙا
اي مالڪ منهنجا مٺڙا
هي مور منهنجا ٻچڙا
تون شاد سدا رکجان..

◈◈

# پُر نُور گگن تي چنڊ ڏسي

ڪا لهر نہ تو ۾ اُيري جي
ڪنهن رنگ برنگي محفل ۾
ڪا گُهور نہ توکي گهائي جي
ڪنهن مور جو ڊيل سان ميل ڏسي
ڪا سُونهن نہ توکي روز سڏي
ڪنهن ميگهہ جهڙالي موسم ۾
ڪو مور نہ تنهنجو من منڊي
هي جل ٿل جوين هوندي پي
ڪا حُور نہ توسان دل ڳنڍي
ڪٿ وڄندي آڌيءَ ويلا جو
ڪا چير نہ تنهنجو چين کسي
ڪٿ انڊلٺ جهڙي انگلٺ سان
ڪو ڏيل نہ توکي ڏانوڻ ڏي
۽ تُنهنجي اوڙي پاڙي ۾
ڪا نار ڍُاڳڻ آنهن ڪري
ڪنهن رات نياڳي ويرڻ جو
ڪو ٻار ٻُڪايل دانهن ڪري
۽ توکي گهيري ننڊ وڃي
پوءِ تنهنجو جيون وئرٿ آ

ڪنهن وسندي وسندي ساوڻ ۾
ڪو نچندي نچندي مور ڏسين
۽ مور مٺي لئہ ٿور ڪندي
ڪا آنسو جهپندي ڊيل ڏسين
ڪنهن کوهہ پُراڻي سارڻ تي
ڪنهن ٻانهياري جا ٻول ٻُڌين
۽ راسوڙن جي رم جهم تي
ڪنهن شام ڪنٽي جي سرمئي ۾
ڪا ٻانهن نہ تو ۾ ٻڪ وجهي
ڪا چيلهہ نہ تو سان چاڳ ڪري
ڪا ڊيل نہ توسان ميل ڪري



نہ ڪينچل ڪوئي ڪيل ڪري
پوءِ تنهنجو جيون وئرٿ آ

ڪنهن ڪاچ رنگيلي رسمن ۾
ڪي ناريون ڳائين گيت سُنا
۽ ڪويل جهڙن ڪنٺن سان
ڳَن راسوڙن جي ريت مٿا
ڪنهن جهوپي جي ڪا ڪُنڊ وٽي
ڪن سُس پس سرتيون پوڳن ۾
۽ ڪينجهر ڪينجهر جوبن ۾
ڪا چلڪي چاتي چولين جيان
ڪنهن اڙل وچيڙي وينگس جي
ڪا ياڪر روح ڪي پيڙي پي
۽ مد ڪتورن نيٽن جو
ڪو جام نہ تنهنجو جيءَ چڪي
پوءِ تنهنجو جيون وئرٿ آ....!

ڪنهن ننڍڙي منڙي ٻالڪ جي
ڪا مرڪ نہ توکي مُور وٽي
ڪنهن لال گُلابي مکڙي جي
ڪا ديد نہ توکي ڏُور وٽي
ڪو پوپٽ تو لئہ ٻار ٻٽي
ڪوگل بہ تو لئہ گار ٻٽي
ڪا جيت بہ تو لئہ هار ٻٽي
ڪنهن شوخ هوا جي جهونکي سان
ڪنهن چال فريبي دوکي سان
ڪو توکان پنهنجو ننگ کسي
۽ ڌرتي جا سپ دنگ کسي
ڪي ناسي نيرا رنگ کسي
ڪي جهانپا جهوپا جهنگ کسي
تون ڪانئر ٻٽجي مور نہ ڪُچين
پوءِ تنهنجو جيون وئرٿ آ
پوءِ تنهنجو جيون وئرٿ آ

# مٺي جي شهر جي راڻي

زمين کان تون مٺي ٺوري
هوائن جيان هلڻ ڄاڻين
ورائي ڇيلهه چنبيلي کي
نرتڪي جيان نچڻ ڄاڻين
اچانڪ رات آڌي جو
ٻٽي تون نند جو جُهوٽو
اکين ۾ ٿي اچڻ ڄاڻين
شبابي شوخ جوڀن ۾
وڄن وانگي ورڻ ڄاڻين
وڏ ڦڙي جيان وسڻ ڄاڻين
گهٽائن ۾ گهمڻ ڄاڻين
ستارن تي سُهمڻ ڄاڻين
جُدائي جو سڄو سڪيو
تنهائي ۾ تِڪون ڏيندي
خيالن ۾ ملڻ ڄاڻين
نگاهن سان نٺيو وڃهين
ادائن سان ڪڪيو وڃهين



وڃون ڪاڏي ڇري سائڻ
ٻڏي ٻانهون ٻڪيو وڃهين
سمورو رس جوڀن جو
ڇپن سان ٿي چکيو وڃهين
وڇوڙن جي خزان پوڳي
پنن وانگي ڇٽڻ ڄاڻين
قرب ۾ ٿي کُسڻ ڄاڻين
انا ۾ تون رُسڻ ڄاڻين
کُلهن تي وار ڪيرائي
چمر وانگي چنڊي ڄاڻين
اکين سان منڊ منڊي ڄاڻين
ٽٽل رشتا زمانن جا
ڳنڍيرن جيان ڳنڍي ڄاڻين
ڪڏي ٽيلا ڪنکُو جا تون
ڏياريءَ جو ڏيا ٻارين
هزارين رنگ هولي جا
هڪڙي گهور سان هارين
ڳڏي جي پٽ تان ٻيهي
سڄو هي شهر ٿي مارين
اُڏاري لال آنچليو
وڃهي تون خوب ڪاجليو
جڏهن ٿي گيتڙو ڳائين
ڳڏي تي ميگهه ورسائين
پڳن ۾ ڇير ڇم ڪائي
ڇڳن ۾ ڇوٽلا پائي
هٿن تي مينديون لائي
مٿي تي ميندڙا ٺاهي
جڏهن ٿي چوڙلا پائين
تڏهن هي دل گهُري رب کان
اسانجي شل عمر ماڻين
مني جي شهر جي راڻي ...!!

سپن کان تون مٿي آهين
مندر جي مورتي وانگي
مٺيون تنهنجون صدائون هِن
وڏيون قاتل نگاهون هِن
عجب نخرا ادائون هِن
ڪڏهن سرمي سرائي جيان
اکين ۾ ٿي لهيو وڃين
ڪڏهن اُڪڙي کهاڙي جيان
اندر ۾ ٿي کُپيو وڃين
ڪڏهن ماکي مکڻ وانگي
صفا نرمل صفا نازڪ
ڪڏهن ڏاڍي پٿر وانگي
ڪڏهن موري صفا من جي
ڪڏهن برسين ڪڪر وانگي
ڪڏهن ڪاري ڪڏهن مٺڙي
ڪڏهين تون نارنگي وانگي
وڃين ٿي هر وقت مون ۾
سريلي سارنگي وانگي
وهين ٿي ويڪري مون ۾
لڳين ٿي نيل تون درياءَ
چڏين ٿي روح کي ٻوڙي
رڳن جا رُخ سڀ موڙي
بدن جا بند ٿي ٽوڙين
ڪڏهن ننڍڙي ندي آهين
ڪڏهن ساگر سمان ٻٽجين
ڪڏهن گنگا ڪڏهن جمنا
ڪڏهن سِنڌو سندو پاٽي
مٺي جي شهر جي راڻي!

اچين جي اوج تي جانم
پکين وانگي اُڏڻ ڄاڻين
ڏکن جي سِمنڊ گهري ۾



مڇين وانگي ترڻ ڄاڻين
سمورا سور جيون جا
سسئي وانگي سهي ڄاڻين
وڇوڙي ۾ رهي ڄاڻين
وڙهي وري نهي ڄاڻي
سنگت ۾ پيي وهي ڄاڻين
ٻٽي کا ڪوڪ ڪويل جي
دلين ۾ تون لهي ڄاڻين
وڄائي هٿ جي تاڙي
اڏائين هوش ٿي آڙي
پياري راڳ جي تاڙي
ڪڏهن ڳائين ڀٽائي تون
ڪڏهن ميران سندي واڻي
مٺي جي شهر جي راڻي!

سوين سورج تپن تو ۾
وڏا بادل گجن تو ۾
نغارا کي وڄن تو ۾
مٺا سنڌڙي پچن تو ۾
تکا چشما ڦٽن تو ۾
تتر ٻنجي اُڏن تو ۾
جواني جا سچا جذبا
هرڻ وانگي هلن تو ۾
جوانيون سڀ جڇن تو ۾
کچا آنيو پچن تو ۾
جڏهن کان سال سورنهين ۾
سُندر تون نار ساماڻي
مٺي جي شهر جي راڻي...!

## دُنيا ليکي مٿي سانئڻ!

جناور ٿي پيا آهيون
هتي ڪوٺي سڪي وانگي
دنيا بيڪار ٿي سمجهي
تڏهن پنهنجا سڳا سانئڻ
دلين مان پي ڌڪارين ٿا
نندي دل جي وڏن جا هي
رويا روز مارين ٿا
غريبي سيڻ آ پنهنجي
تڏهن هي ڏيڻ پنجڙي جي
اميري ويڻ ٿي آچي
چئي ٿي ڏينهن ڏونئري جو
اٿي تي ڪا چٽي آهيو
لڳو ٿا بوج ڌرتي تي
ڏريو ٿا منگ اميرن لئہ
نکي بنگلو نکي گاڏي
نکي ڪاٽن وڳا پائيو
نکي ٿا پاڻ کي ناهيو
نکي ٿا مذ مان ڄاڻو
نکي ٿا صد مان ڄاڻو
صفا سچا بکيا هوندي
رهو ٿا آڻ پنهنجي ۾
مجو ڪنهن کي نٿا واڏي
غريبي ۾ انڌا آهيو
عقل هوندي جڏا آهيو
اسان لئہ ڪي ڦڏا آهيو
پلي ڪيڏا وڏا آهيو
چوان ٿو مان اميرن کي
ٻڌو لوڪو غريبن کي
تڏن مان چو تڙيو وينا؟
غريبي گار ڪا ناهي



ڦٽن تي لوڻ لپ جهڙي
اوهان کي چو لڳي اهڙي؟
اوهان کي پي سجاڻون ٿا
ڳجهي هي ڳالهہ ڪا ناهي
اوهان هن ديس دلاري جي
واريءَ کي پي وکيو آهي
اوهين ايمان پنهنجي کي
ٽڪن تي روز ڪپايو ٿا
اُجاڙي گهر غريبن جا
نيون سيجون سجايو ٿا
اوهين وحشي وڏا آهيو
گلابن کي ڳُهٽي ماريو
حواسن جون حدون ٽوڙي
جوانين کي لُٽي ماريو
اوهين انسان مان ڇا ڄاڻون
پکين جا پر پَٽي ماريو
اوهين پئسي ٽڪي خاطر
فريبن سان ڦَٽي ماريو
نچائي نت نياڻين کي
جهپاٽن سان جَهٽي ماريو
اوهانجي شوق اهڙي کي
خدا پي خار مان ڳُهوري
ڏسي ٿو اک ڪرڙي سان
اوهين اوتي گلاسن ۾
پيئو جو پيگ وسڪي جا
انهن ۾ رت غريبن جو
ڪڙهي ٿو چانهہ ڪاري جيان
چڙهي جئين چيئن تي ڪوئي
اوهان جي ديد کي پسندي
دکن ۾ ائين دکون وينا
جڳن کان بس جلون وينا
اسانجو فلسفو اهڙو

اسين آزاد پکين جيان
فضائن ۾ اُڏڻ چاهيون
پلر جي گهونٽ پويتر لئہ
هرڻ سان گڏ هلڻ چاهيون
اميدن جي ومانن ۾
گگن تي بس گهمون ويٺا
چڙهي غوراب غريبي تي
صحرائن ۾ ترون ويٺا
جُتي ناهي تہ چا ٿي پيو؟
وڻن جي چانو ٿڌڙي جا
اسين جوراب پايون ٿا
وڳن لئہ ڪئين وڪيون ڏرتي؟
مٽي جو ويس پايون ٿا
لنگهڻ هوندي صبح سانجهي
پکين کي چوڻ چُڳايون ٿا
ٻنين کي هر ڦٽي ڏيئي
وطن جي سينڌ سجايون ٿا
ٻچن جو پيٽ پارڻ لئہ
پهگر وهائي ڪمايون ٿا
ٻکيا هوندي سکيا آهيون
ذليلن لئہ ڏکيا آهيون
اسان جو عزم چا ڄاڻو
اوهين وڪيل ايامن جا
اسانجو ايمان چا ڄاڻو
اسان هر وقت چيو آهي
وڏيرن جي ونگارين کي
اميرن جا پري ٻدنا
جيئڻ کان موت بهتر آ
غلامي جو ڪڙو امرت
پيئڻ کان موت بهتر آ.



## او سنڌيا تنهجي بنديا هي

ٿي چنڊ لڳي ڪو چوڏس جو
ٿي مرڪي تنهنجي ماٿي تي
جئين ڏُور اُفق تي چلڪي ٿو
ڪو روز ستارو سانجهي جو
ائين ريک رتيءَ ٿي سونهي تو
مان سونهن سندءَ جو ساکي هان
ٿي جوڳڻ جيڪا ڄاڳي پيئي
اُن ڄاڳ سندو آ جوڳ وڏو
۽ سرتي سان سنجوڳ وڏو
پر قسمت اهڙي ڪنهنجي آ؟
جو ميل ٿئي ڪو ميت سندو
هڪ ٿهڪ گلابي گيت سندو

آ تنهنجي چنچل چوڙيءَ ۾
ٿي ڳن ڳن ڪيترا ڪيل ڪري
جئين مور پکي لئہ ٻيل ڪري
ٿي روز اُجارن ريتن تي
هُن گهاگهرلي جي گهير سڏي
۽ ڇم ڇم جانجهر جهير سڏي
ٿي سازن ۾ ڪي رنگ ڀري
هي لوڏ لنگهن جي لاڪيٽي
سُر تال ملائي تن من سان
ٿي تنهنجي چمپا چيله وري
جئين ڪجلا.سر تي ڪوڏ ڪندي
ڪا ٻانهياري ٿي هيل ڀري
۽ هُن جي هٿ ۾ حرس ڪري
سا چوڙي سارو چين ڪسي
جا چوڙي چمڪي ٻانهُن ۾
۽ شوخ هوا جئين ساهُن ۾
ٿي سرتي ڇيڙي سرگم کي
هي پل پل پايل پيرن جي
جڻ روز غزل کو ڳائي ٿي
هن جهرٽي جهڙي جوين جي
هر گهُور گلابي گهائي ٿي
مد هوش نشيلن نيٽن سان
هن جيون کي جهومائي ٿي
هن جيون کي جهومائي ٿي

◈◈



## ملائي نيڻ نيٽن سان

لڳائي زور سان تاڙي
اُڏائي ٿهڪ فضائن ۾
انڌي اهنڪار جو هڪڙو
چوين ٿي غم ڪهڙو آ؟
روئڻ جو ڪم ڪهڙو آ؟
چوين ٿي چاندني جهڙو
وڳو ڪو نئون پلو وٺجي
لڳائي ڪنپ محبت جا
عقابن جئين سدا اُڏجي
اُتي هلجي جتي ڪوئي
ڏُکيو ناهي بکيو ناهي
مگر منهنجي سياڳي ٻُڌ!
ڪٿي هلجي يڪو لڏجي
سنڌو ۾ ساهہ پنهنجي کي
ڪيان پوءَ جند ڪئين رهندي؟
اڪيلي سنڌ ڪئين رهندي؟
چوين ٿي چاڳلي سانئڻ
هٿن ۾ هٿ ڏيئي هلجي
غمن کان پاڻ کي پلجي
سمو ڪو سُک جو سلجي
رنگيلي ريٿ تي رمجي
ڪَتي ۾ قرب جي ناهي
چوين ٿي چيٽ ۾ ملجي
مگر منهنجي سڌُوري ٻُڌ!
وطن سڪرات ۾ آهي
وڏي ڪنهن گهات ۾ آهي
وساري ديس دلبر کي
ڇپن کي ڪئين پلا ڇُمجي؟

ٻُلائي سور سانگين جا
ڳلن جون ڪئين ڪجن ڳالهيون؟
نڪي جهومڪ نڪي واليون
وطن جي وڏ ڀاڳين جا
سڄا سينگار اُجڙي ويا
هجي جي ديس سُڪيو پوءَ
سهاڳڻ سونهن تنهنجي جي
سنواري سينڌ سدا چُمجي
وطن جي ڏيءَ چوان ٿو اڄ
پڃي تون چوڙيون ٻاگهل
اکين جي اُپ تان ڪاجل
هٿائي هوريان ڇڏجانءَ
هٿن تان گل ميندي جا
اُتاري چير پيي ڇڏجانءَ
اُگهاڙي پير تون هلجانءَ
سندوري رنگ سينڌن جا
ڏُکن ۾ ڪئين پلا سوُنهندا؟
جنين جا ور هجن گهاٽي
اُنهن کي چا چلا سُونهندا؟
وطن لئه ٿي ڏُهاڳڻ تون
ڪندين ڪا دانهن جي سرتي
صدين لئه سي سنڀاريندي
ڏُلاري ديس جي ڌرتي
اڃا پئي رت اوڳاڇي
ڏسي پيڙا وطن جي پوءَ
اکين ۾ ڪئين وجهان ڪاجل؟
سمورو ڏيهه ڏوٿين جو
سڃو ڏينهن لُڙڪ لاڙي ٿو
اهو ئي درد ماري ٿو
سنواريان سينڌ ڪئين سانئڻ؟
وطن جا وار وڪري ويا
ڏُکارن ۾ ٻڪون ڪاٽي



اسان جا ٻار وڪري ويا
سمهان ڪئين سيج تي سانئڻ؟
مٿي هن ديس جا مارو
وٽن سان ويدنان اوري
وڇائي ريت جون رليون
سواءَ اوڇڻ سُتا آهن
ڇٻاڙيان ڪئين ڇڪن ٻوٽيون؟
هتي منهنجا مٿا مارو
ڳپي کي گند مان ڳولي
ٻڪايل وات ۾ وجهندي
اکين سان مون ڏٺا آهن
پيئاڻ ڪئين پيگ پري جانان؟
سنڌُو ۾ هڪ سُتي ناهي
اُجايل ديس منهنجي جي
صدين کان اُڄ اُجهي ناهي
اُگهاڙا پير نياڻين جا
جلن ٿا روز ڪاڙهي ۾
ملي تن کي جُتي ناهي
وڳا ڪنهن نڪ وڏي پايان؟
لنگن تي لير هڪڙي ۾
غريبن جو گذر آهي
دکن ۾ پيي نٿا دانهين
وڏو تن ۾ صبر آهي
ترڻ توڪل سندي ٽُرهي
ڏُکيو ڏاڍو سفر آهي
ڏُکن ۾ ڏيهه هوندي پيي
ڪيون جي عيش عشرت ڪا
اسان لئه سو ڪُفر آهي
اسان جي ڌرم اهڙي جي
خدا کي پيي خبر آهي
◈◈

# اڙي سُونهن ايڏا هي انگل چو ڪرين ٿي

نہ هيڏي ڏسين ٿي نہ هوڏي ڏسين ٿي
پسي روپ پنهنجو ڳگن تي گهمين ٿي
چڳن ۾ سجائي چنبيليون هلين ٿي
اکين جي ڪنارن تي ڪاجل هڻين ٿي
بدن جي بهارن تي ڇرڪيو پوين ٿي
وڏا زُلف ڪارا هوا ۾ اُڏائي
پبن تي هلين ٿي پري ڪا لڳين ٿي
جتان ٿي لنگهين ٿي خوشبوءَ وڏي ٿي
قسم سان گُلن جي پري ڪا لڳين ٿي
رڳو ڪام تنهنجي اکين مان ٽمي ٿو
بدن ۾ سمائي سمنڊ کو هلين ٿي
ڇاتين جي چولين ۾ ڇُلڪي پوين ٿي
جڏهن لوڏ لاڏي ٻڏي تون لڏين ٿي
تڏهن سونهن توکي سنجهي مان سڏيندي
اسان جون نگاهون نماڻيون ڇون ٿيون
کپي ديد تنهنجي ڏُلاري اسان کي
ٿيون خوش پيارين ادائن کي پرکي
پرين تنهنجي اڇوتي حُسن کي ڏسڻ لئہ
هتي جون هٿيلا هوائون ڇون ٿيون
هلي آ تون هيڏي وفائون سڏن ٿيون
ڪري عرض توکي صدائون ڇون ٿيون
مٺي موه مايا اجايو ڪرين ٿي
اسان جي اکين کي نہ پرکي سگهين ٿي
اُڏاري تون آنچل ادائون ڪرين ٿي
لبن کي لڪائي اُجارو رکين ٿي
چتن کي چنڊي تون جهُڙالو ڪرين ٿي
مٺي منڊ منڊي تون اجالو ڪرين ٿي
چپن کي پيڪوڙي ڏندن ۾ هڻين ٿي



رڏم سان رڳن ۾ سواسو ڪٽين ٿي
الائي تہ ڪيڏي اسانکي وڻين ٿي
مگر موه مايا ۾ انڌي ٿيو وتين ٿي
اسان جي عشق جو نہ ازالو ڪرين ٿي
ڏسي چنڊ چوڏس ڇڙيو پوين ٿي
اٿئي روپ اهڙو جو ڪڙيو پوين ٿي
نہ سج کي مڃين ٿي نہ چنڊ کي مڃين ٿي
ڇري سونهن ايڏو ستم چو ڪرين ٿي
لهي نيٺ ويندو هي جواني جو سورج
وسري هي سمورا وڳا ويس ويندا
عمر جي آنهي هند اچا قيص ٿيندا
مروڙي مُکي سان ٽکن جا هي تجلا
هوا تي ڏيئي جيان وسامي سي ويندا
اٿئي ناز جن تي اُهي نيڻ ڪجلا
نہ رهندا رڳن ۾ مجازن جا ٻگلا
لڏي سونهن ساري لنگن مان هي ويندي
ڏسي هڏ هيٺا هي هوائون ڪلنديون
نظر نور نازڪ رُسي نيٺ ويندو
ڏسي ڪون سگهندين هي نرمل نظارا
پسي ڪون سگهندين پوءَ ڪتيون چنڊ تارا
هلي ڪون سگهندين هوائن جيان تون
ٻُڌي ڪون سگهندين کي ڪويل جون ڪوڪون
رُٺا رنگ سارا جڏهن روپ توکان
تڏهن سرد آنهون پري تون اُداسڻ
اسان کي پُڪاري سڏيندين دُئاري
جڏهن وقت ويندو هٿن مان هلي هي
تڏهن پور پنهنجن جا اندر ۾ کي پوندا
جڏهن سور سينو تو ڪوري ڪپيندا
تڏهن سونهن تڙپي اڪيلي دکن ۾
رُوئي روڳ ڏسندين پنهنجي بدن ۾
ڏسي حال هيٺا تڏهن سونهن تنهنجا
کلي تو تي ڪلندا زمانن جا ساٿي
سهي ڪون سگهندين گلابن جا ساٿي...!!

## سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي

هُو ڏس باغ ۾ ڪويل ڪوڪي
منٺڙو راڳ ملهاري ڳائي
هُو ڏس تند تنبوري ڇيڙي
صُوفي سر پٺائي ڳائي
هُو ڏس مور مني جي پٽ تي
مُرڪي وينو ميگهه وسائي
هُو ڏس هاري ڪيتي ڪيڙي
سونا روپا سنگ اُپائي
ناري ور جو هٿ ونڊائي
هُو ڏس ڏاند اڇن جي جوڙي
جوٽيندي ڪئين جاٺ پري ٿي

هُو ڏس چوليون ڇُوليون ڪينجهر
جنهن ۾ ترنڊڙ ٻيڙي اندر
لال وڳي ۾ وينگس نياري
چرڪي ڪيڏا چال ڏئي ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي

هُو ڏس ٻار ندي ۾ ترندي
خوش ٿي ڪيڏا ٺهڪ ڏين ٿا
پنيا وار ندي ۾ ترندي
اُپ تي آگم جئين لڳن ٿا
هُو ڏس نار ندي ۾ ترندي
چولين منجهه ڪئين چلي ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي



هُو ڏس سونهن سکر جي ساري
ڪٽڪي ڪونج ڳچي سان ناري
هُن جي لنگ تي بخمل ساڙهي
واهه جي چنچل چمڪي ڳاڙهي
هُن جي هڪڙي گهور گُلابي
جهرڪ جي جڻ تازي تاڙي
ڏسندي ڏسندي هوش وڃائي
خمارن ۾ ڪيپ پري ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي

هُو ڏس گورک اوچي ڳاٽ سان
جنهن تي سونهن سڏي ٿي سنڌڙي
اُڏندڙ آنچل گهاٽا بادل
ڇرڪن ڇورا ڇمڪي پايل
جهومن جوڙا نيڻ خماريل
خوب حياتي ڪيل ڪري ٿي
محبت ميت سان ميل ڪري ٿي
وڻندڙ ڪيڏي هير گهُلي ٿي
جنت جي تاثير ملي ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي

هُو ڏس شوخ سنڌو جون لهرون
پربت ڇيري ڇيرون پائي
لڏندي لمندي ڪئين اڇن ٿيون
هو ڏس جر تي ڏيئا جرڪن
گهونگهٽ کولي ليئا جرڪن
هو ڏس جر ۾ اکا وجهندي
ناري ڪنڌ نمائي پوڄي
سنڌو پنهنجو داتا سمجهي

مرڪي مهاڻي نار مڇي لئه
آڏي مانجهي واجهه وجهي ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي

هو ڏس سهڻي سيوهڻ نگري
جنهن ۾ قلندر مي رقصم
هو ڏس سچل سچ چوي ٿو
هُو ڏس گهوٽ پٽائي پٽ تي
عالم لئه ڪئين عرض ڪري ٿو
سامي جو پي سنڪ وڃي ٿو
چارڻ چوري چنگ چوي ٿو
ڌرتي منهنجي جيجل جهڙي
هندو مسلم هڪ ڪري ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي

هُو ڏس ڪاڇو ڪيٽي بندر
هو ڏس سهڻو سنڌ سمندر
گونجي ڪيڏو گوڙ ڪري ٿو
جنهن مهل سنڌو چوڙ ڪري ٿو
هو ڏس لاڙ پٽن جون شامون
جهومن واهه ڪپن تي لامون
هو ڏس نريڙي نير تي نيرڳ
ڪئين ترنگ سان ترن پيا ٿا
هو ڏس پيلا پيلا گلڙا
سورج مکي سون سريکا
واهوندي ۾ لڏن پيا ٿا
هُو ڏس سارين سونهن پليري
اکين ۾ ڪئين نار وجهي ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي



هُو ڏس رايون ٻولايون سايون
ڏُڪندي مالڪ وٽ مڙن ٽيون
جن ۾ چڙا چنگ وڄن ٿا
ڏاڍا پيارا رنگ لڳن ٿا
شام جو پنهنجي ماڳ تي موٽي
ناول تي ڪئين ننگ ورن ٿا
ڏيما ڏيما پير کڄن ٿا
هلڪي هلڪي ڌوڙ اُڏي ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي

هو ڏس جهونو کٽ تي ککهندي
پن جي ٻيڙي چپ تي رکندي
روز دونهي ۾ درد اُڏائي
جهُٽڪي سنڌ جمالا ڳائي
ڏٿ پروليون روز ٻُڌائي
جهوني سنڌ کي جيوت ڏي ٿو
هن جي پٽڪي ور ور مان بس
موتن جي مهڪار اڇي ٿي
سنڌ سرڳ کان سرس لڳي ٿي

هُو ڏس سهاڳڻ سينڌ سجائي
اسر جو اُٽندي ڪماڙ ڪولي
حجاب رکندي مور نہ ٻولي
انڊلٺ انگڙا آرس موڙي
ڪلندي ويٺي ڪير ولوڙي
جنڊ کي جوٽي منڊ منڊيندي
رتڙا چانور روز چڙيندي
هرمچ پکو پرت پريندي
ڪوهه تي پهچي هيل ڪٽندي
ٻگلن جهڙا ٻار جٽيندي
مور نہ ورچي سگهڙ سياڻي

ايڏا سارا ڪم ڪندي پيي
پنهنجي سس کي جيءَ چوي ٿي
سنڌ سرڳ ڪان سرس لڳي ٿي

هُو ڏس ڏور ننگر ۾ ناري
مينهن لئہ ماندي نينهن لئہ ماندي
پاڳ پريي هڪ ڏينهن لئہ ماندي
اُپ ۾ هلڪو آڙنگ ڏسندي
پوڏيسر جي پوري ڪپ تي
مرڪي پنهنجا مينڊا ويڙهي
ساري سونهن بدن ۾ ميڙي
ڇم ڇم پايل سرگم ڇيڙي
ٻانهن ۾ ٻاجو ٻند لڳائي
ڪم ڪم ٽيبي نرڙ تي پائي
سانوڻ لئہ سو سانگ سجائي
ڊيل سان ڊڪندي مور سان مرڪي
راسوڙن جي ڌُن تي ڌڙڪي
ٿاريلي ٿن ٿن نچي ٿي
سنڌ سرڳ ڪان سرس لڳي ٿي
هو ڏس هسيون هار نرالا
سنڌڙي جا سينگار نرالا
ڳل تي ٽيلا نڪ تي ٽيلا
سينڌ نموريل ٿونئر ٿنڊيلا
مينڊا ويڙهيل جهومڪ جهيلا
ڪجلاسر ڪان ڪينجهر تائين
جانجهر پائي سونهن جهڙالي
رم جهم رم جهم رقص ڪري ٿي
سنڌ سرڳ ڪان سرس لڳي ٿي
سنڌ سرڳ ڪان سرس لڳي ٿي
◈◈



## ”چُمي“

چُمي ٻن چپن جو سُريلو سنگم
چُمي ڪنهن ڪوي جو نرالو نظم
چُمي مان محبت وٺي ٿي جنم
چُمي ڪي چمڻ لئہ اکيون پيي سڪن
چُمي عيد ڏهاڙي جي پاڪر وڏي
چُمي ديپ ديوالي جيان آ پلي
چُمي ڳالهه دل جي سدائين سلي
چُمي ٻار ننڍڙي جي ٻوڙيو چڏي
چُمي ماءُ جيجل جي ممتا گهٽي
جا محبت جي سمندر ۾ لوڙهيو چڏي
چُمي پيڻ ٻاگهل جو پرم رڪي
چُمي رُخ رڳن جا موڙيو چڏي
چُمي راس ليلا ۾ راڌا ٻٽي
چُمي باغ واٽيڪا ۾ سيتا ٻٽي
چُمي شهر پنپور ۾ سسئي ٻٽي
وڇوڙن ڪي ويڙهي وصل ڏي هلي
چُمي راز محبت جو ازل ڪان لڳي
چمي دروپدي جي پنجن کي ملي
چُمي عشق يوسف ۾ ذُليخان ٻٽيَ
چُمي رنگ جيون ۾ پري ٿي پري
ملي ٻن دلين کي ملايو چڏي
خوابن ۾ ايندي ئي ڪلايو چڏي
چُمي مارئي جي پٽن لئہ لُچي
چُمي آس سارا جي اڌوري رهي
سا صدين کي روئاڙي رلايو چڏي
چُمي سارنگا جي هٿن جو ڌُوهُو
چُمي سڪ مومل جي چڪيا چڙهي
چُمي دانهن سورٺ جي ٻيجل ٻُڌي

چُمي لُڙڪ ليلا جو مجني ڏنو
چُمي هير رانجهي جي ڌڙڪن وڳي
چُمي هاشمي جي فطرت ٻٽي
چُمي ڪي چوان ڪئين فحاشي ڪٽي؟
چُمي ۾ سچو جڳ جڙيو وتي
چُمي بس چقمق جيان ٿي چڪي
چُمي ڪون دين ڌرم ٿي پُڇي
رڳو سڪ سيني ۾ سمايل هجي

جڏهن تيز اس ۾ تپي ٿي زمين
تڏهن بارشن جا ڇمر ٿا ڇٽن
اها آ ڳگن جي پَٽن ڪي چُمي
جا واري جي پياسي بدن ڪي ڇُهي
سا روح رڻ تي جڻ بادل وسي
جا تتي ريٽ تڙ تان پاڻي پري
سا پويتر پڳن جي دڳن ڪي چُمي
جو ڪُڏي ڪنڌ پومي لئہ وڙهندي ڪِري
سا شهيدن جي اٿئي وطن ڪي چُمي
جا ڪيلاش جي پهاڙن ڪا ڇُلڪندي اڇي
سا سنڌُو جي ساگر ڪي سڪ مان چُمي

ڏسي ميت منڙو حجابي سڪيءَ
ٿي شرم ۾ اڪڙيون ٻوٽيو ڇڏين
سا ٻہ اڪين جي اڪين ڪي چمي ٿي لڳي
جا بدن ۾ هوندي ٻہ لڪندي وتي
جا چپن تي اڇڻ لئہ ٿي ڦٿڪيو پوي
جا ريتن ۽ رسمن جو ٻارڻ ٻٽي
۽ رقندي رڳن ۾ ڇُپيو ٿي وجي
سا گُلن ڪان گهٽيري وٽي ٿي وٽي
جا چپن مان ڦُٽي ٿي جهرٽي جيان
جا اکين مان اُيري ۽ اڪين ۾ لهي
سا ٻہ ساهُن ۾ پيوند ٿيو ٿي وجي



تون لڪي لوڪ کان بند دريون ٿي ڪرين
طاق ملندي چون ٿا ڏسي ڇڏ ڏسي
اسان جي مِلڻ ڪي چمي ٿا چون
گُلن جي لڏُڻ ۾ چُميو ٿيون لچن
لڳي ڳالهہ دل سان ٿي توکي گهٽي
وڃائي تون تاڙي ٿي ڪل ۾ ٻُڌين
اها پي هٿن ڪي هٿن جي چُمي
رڳوبس اندر جي اڪين سان ڏسين
تنهنجي بدن تي پاتل وڳو پي چُمي
تنهنجي ڪنن ۾ جهومڪ لڳن ٿا چمي
تنهنجي اڪين ۾ وڌل هي ڪجل پي چمي
تنهنجي وارن جي چوٽي ۾ لڏي ٿي سڳي
سا ٻہ ڪري چيلهہ چُمڻ لئہ انوکي نڳي
تنهنجي هانوَ تي هُري ٿي ڌُهري وڏي
سا ٻہ سجو ڏينهن لُڏندي ڳچيءَ ڪي چُمي
تون وارن ڪي ڪولي هوا تي ڇڏين
سا ٻہ لڳي ٿي ڇڳهن ڪي ڇڳن سان چُمي
تون محبوب جي گورن ڳلن ڪي چري
چو ڇُهڻ ساڻ آيڏي ٿي چرڪيو پوين
تون اياڻي صفا اجا ٿي لڳين
تون چُمي جا قصا ڪون سمجهي سگهين
هو چيو ڇا خدا ڪون سمجهي سگهين
تون چنڊُ ڪي پري ڳگن ڪان رڪين
تون نديءَ ڪي روڪي سمنڊ ڪي چوين
ٿڌو ٿي ٿڌو ٿي اي اُجارا ڪوي!
مان چوان ڪئين سونهن تو ساڻوڻ سندي
تنهنجي وسڻ ۽ پسڻ ۾ زندگي اٿئي
نہ روڪ جوڀن سندي جلترنگي
تون هٿن سان چپن سان بدن سان پلي
چُمي ٿي چُمي ڏي چُمي وچ پرين.......!!

# "غربت"

غربت ماڻهون ماري ڇاڏي
غربت خاصا ڪاري ڇاڏي
ٻاراڻي ۾ ٻاري ڇاڏي
پنهنجو پيٽ ئي پاري ڇاڏي
غربت ريتون رسمون ٽوڙي
غربت من کي روز مروڙي
غربت سپنا خاڪ ڪري ٿي
غربت هيٺي هاڪ ڪري ٿي
غربت ڇمار گهٽائي ويني
خون اسان جو ڪپائي ويني
غربت ڪارا چاندي ڪندي
غربت مينا ماندي ڪندي
غربت ڏاج نہ ڏيئي ڇاڏي
غربت ڪاڄ نہ ڪوئي ڇاڏي
غربت هڪڙو ويل سراسر
جيون تنهن ۾ جيل سراسر
غربت پوڄا پاٺ نہ ڇاڏي
غربت ناٺ ۽ باٺ نہ ڇاڏي
غُربت ڏينهن تتي جو واريءَ
غُربت ڪوجهي غُربت ڪاريءَ
غُربت قاتل غُربت ماريءَ
غربت جا هن رنگ گهڻيرا
هو جو مارو ماڻهُون آهي
غربت هن کي ائين ٿي ٻوهي
جئين ڪا نار اٽي کي ڳوهي
غربت هن کي ائين ٿي پيهي
جئين ڪا ناري مرچ لساڙي
غربت هن کي ائين ولوڙي
جئين ڪا نار مهي جي ماٽي



غربت هن کي گهوٽي ويني
جئين ڪا نار سرمو گهوٽي
ائين ٿي هن جو رت هي چوسي
جئين ڪو ڇئور بدن سان چهٽي
هن کي غربت ائين ٿي ڪاهي
جئين ڪو هاريءَ جوڙا جوٽي
ائين هُو درد ڪلهن تي ڪاهي
ها هو هڪڙو ڏوٽي آهي
ڏُک جي ڪليل پوٽي آهي
ڏيهہ سنواري ڏُک پرائي
ٻنيون پوکي ٻُک پرائي
ليڪا چوڪا ڪون ڪري ٿو
ها بس هڪڙي اون ڪري ٿو
سالن ڪان هو قرضو آهي
روز وڏيرو گاريون ڏي ٿو
ڪون ڪڏهن ڪجهہ ساريون ڏي ٿو
ڪير بہ هن جو ٻيلي ناهي
ساري گنگا ميلي آهي
منهنجا مالڪ ائين ڇو آهي؟
ڪنهن وٽ گاڏي ويگو آهي
ڪنهن وٽ پنهنجو پير بہ ناهي
ڪوئي پل پل ويس مٽائي
ڪنهن وٽ ليڙ لٽو پي ناهي
ڪوڪو طعام تري ٿو ويهہ ويهہ
ڪنهن وٽ ڪارو اٽو پي ناهي
ڪير ٻُڌائي داتا توکي
تنهنجي دنيا اوکي آهي
هو جو جهاز اُڏي ٿو اُڀ ۾
ان ۾ جيڪو ماڻهون آهي
ان ۾ هن ۾ فرق بہ ناهي
قسمت سارا کيل رچائي
هو جو جهولي جهولي ۾ ٿو
ٻار وڏيري تونگر جو ڏس

ان کي ڏسندي کلندي کلندي
نرڏن ٻالڪ جُهولڻ چاهي
ها پر هن وٽ پونجي ناهي
غربت سارا خيال ڪپائي
هو ڏس سيٺ وڏي جو پاليل
ڪارو ڪُتو ڪيڪ ٽڏي تو
بکيو ٻالڪ دانهن ڪري تو
مالڪ تنهنجي ڪهڙي ڪايا
ڪنهن تي اُس تہ ڪنهن تي ڇايا
ڪنهن لئہ ڏوڙ تہ ڪنهن لئہ مايا
هو جو پيگ پيئي تو وسڪي
منهنجا چپ پيي چڪجن ٽا پر
منهنجو پيٽ موالي اُن جو
مون لئہ لولو ڳالهہ وڏي آ
هو ڏس پيزا هٽ جي در تي
هڪڙي نار نشي ۾ ٽڙندي
شيشي مان ڏس سرڪ پري تي
سا تہ وڏي ڪا مايا موهي
جنهن کي پنهنجي پرڪ بہ ناهي
تنهن لئہ سڀ ڪجهہ دولت آهي
ها پر هن لئہ لڄ وڏي آ
هو جا نار متي جي چپٽي
پاٽي مان جا پيگ پري تي
هن کي نشا پيار پلر جا
هُو جا ناريءَ نڪ وڏي سان
پنهنجي ويني پٽ سنيالي
غربت ۾ جا گهايل هوندي
ور سان ويني ست سنيالي
سا تہ سنڌو جو شان رکي ٿي
مرڪ ۽ پنهنجو مان رکي ٿي
ڌرتي جيڏو ڏيان رکي ٿي
غربت جو ڪل گيان رکي ٿي.!

◈◈



# هُوءَ جا ڪوٺي تي حياتي ڪٽي ٿي پيئي

هُوءَ جا راهن ۾ ويندڙ تڪي ٿي پيئي
تنهن کي طوائف جو ڪوجهو لقب ڪئين ڏجي؟
هُوءَ جا خيمي ۾ ڪتوري جيان ٿي ڪلي
هُوءَ جا گلن کي اکين ۾ سمايو هلي
هُوءَ جا هٽن ۾ محبت جا پوپٽ جهلي
هُوءَ سڏي ٿي سڏي ٿي ڪنچن ڪلي
تنهن جي پوڄا ڪجي دل جي ديول اندر
هُوءَ جا خوابن ۾ چونئري جا ڦيرا ڦري
هُوءَ جا نئين سڄ سپنن ۾ نڪاح ڪري
پوءَ بہ ڪنواري ازل کان هُو سارا جيان
هُوءَ جا امرتا پريتم جو ناول لڳي
هُوءَ جا ساحر جي اکين ۾ سرمي جيان
هُوءَ آ دلين جا ديبل لُٽيندڙ پري
هُوءَ آ اکين جي تيرن سان ڦٽيندڙ پري
هُوءَ آ دينن ۽ ڌرمن کان مٿاهين صفا
هُوءَ بندرا ۾ ڪنعيي جي گوپي جيان
هُوءَ متي جي گهٽين ۾ ٻرندڙ ڏيئو
هُوءَ ڪڪر مان چنڊ جو پاتل ليئو
هن جي جوڀن ۾ بهارن جي وٽڦوٽ اٿئي
هن جي ٻوليءَ ۾ تترن جي لولي اٿئي
هن جي ساهن جي رم جهم ۾ سانوڻ وسن
هن جي ٻانهن جي تارين ۾ ٻاجهو لُڏن
هن جي هلڻ ۾ ڪجلي جا گينور لُچن
هن جي ڪنن ۾ اکن جا ڦُليا ڪُڏن

هن جي وارن ۾ مُگرا ۽ موتيا گهمن
هُن جي نيڻن مان اسُو جا موتي ٽمن
هن جي پيرن ۾ پاتل ڇيرن جو قسم
هن جي ڇاتيءَ ۾ دجلا جون لهرون اُٿن
هن جي ڇهري جي رنگت ۾ ستارا لپن

هن جي ساهُن جي سفاري آ جنهن ٻہ پيتي
تنهن کان اسڪاچ ۽ شيمپئن ٻہ وسري ويون
هن جي چپن جي امرت آ جنهن ٻہ چکي
تنهن کي انگورن جو رس پي ٻاڙو لڳو
هن جي چتن جي ڇانوَ ۾ جيڪو سُتو
تنهن کي ڪانڪهي جي ڇانوَ ۾ ڪاڙهو لڳو
هن جي ٻانهن جي هندوري ۾ جيڪو لُڏيو
تنهن کان سرامڻ جون لوڏون ٻہ وسري ويون
هن جي وارن کي جنهن ٻہ وهاڻا ڪيا
تنهن کي تڪيا ۽ طول ٻہ پٿر لڳا
هن جي رقص ۾ جنهن جو ٻہ روح ٻُڏو
تنهن کي سمنڊ ٻہ چوڏهين جو شانت لڳو

اُن پري کي پلا ڪئين وئشيا چوان؟
جيڪا غُربت جي گهاون ۾ پاپڻ بڻي
جيڪا ٻکن جي ڪاون ۾ قُتيل سڄي
جيڪا نصيبن جي ماري ۽ لُٽيل سڄي
تنهن کي دنيا جون نظرون ٿيون دوشي چون
جنهن جي روح کي پويتر چوي ٿي هوا
جنهن جي چپن تي تبسم تري ٿي سدا
جنهن جي پويتر نيڻن کي پوپٽ چمن
جنهن جي جسم ۾ ڪيئي پيا جُگنو گهمن
تنهن کي طوائف چوڻ وڏو دوش آ
هُوءَ نردوش آ هُوءَ نردوش آ

◈◈



## تون امير هوندي غريب ڪيڏو

سڪون لئہ جو سدا سڪين ٿو
ڏسي تون پنهنجو پليت پاڇو
اڪيلو هوندي ڊڄين ٿو ڪيڏو
نڪي ساهہ سورهو ڪٽي سگهين ٿو
نڪي خدا کي وٺي سگهين ٿو
ڪلي اگڻ تي نڪي سمهين ٿو
نڪي تون تارا ڳڻي سگهين ٿو
وسي ٿي بارش ڇٽي ڪٽين ٿو
مٽيءَ کي بُت تان ڇنڊي ڇڏين ٿو
مٽيءَ جا ماڻهون مٽيءَ نہ ڄاڻين
هوا لڳي ٿي چشم ٿو چاڙهين
پري ڊير کي چڙهين تون گاڏي
ٻڪئي پيٽ سان هلڻ نہ ڄاڻين
پري تون شيشا شراب پئين ٿو

گهڙي جو پاڻي پلر ڇا ڄاڻين؟
سدا برف سان جگر کي ٺارين
هٿن سان ڪمرا ٺڏا رکين ٿو
ڪپن جا جهوپا هوا ڇا ڄاڻين؟
ڪِري ٿو اک مان لُڙڪ نه ڄاڻين
ٽري ٿي مک تي مُرڪ نه ڄاڻين
پري ٿو ڏُک جي سُرڪ نه ڄاڻين
اڃان ڇوين ٿو امير آهيان
اڙي اياڻا اميرزادا......!!
پکين جون لوليون ڪڏهن نه ڄاتيون
رڳو بدن جي وڳن ۾ پورو
اکين جون ٻوليون ڪڏهن نه ڄاتيون
پرار تان ڪئين پُڪار ٻڌجي
اڇن ٽيون ڪنهن لئه سُڪار ٻڌجي
اُهي نگاهون سگهين جي سمجهي
ڪرين ٿو سجدا هزار پيرا
جسم فروشي اکين سان ڏسندي
ڪڏهن نه ڄاتو درد اهو ٿو
لهو لهو ڇو جسم سمورو؟
ٽڪي تي ڇا لئه عزت وڪاڻي؟
اکين مان ٽپڪي اُداس پاڻي
ڪڏهن نه ڄاتي اها ٿو ڪهاڻي
ٻچا ٻڪايل ڏسي اُجايل
ذلالتن ۾ ضمير ماري
حوا جي ڌيءَ ڪئين اگن چڙهي ٿي
اهو نه پرکين اڙي اياڻا
غريب جو ڪئين گذر ٿئي ٿو
ڳپي جو ٽُڪرو سفر ٿئي ٿو



ٻُڪن جي ڪهاڻي اڃا وڌي آ
ٻُڌي نه سگهندين صفا ڏکي آ
حياتيءَ چاهي، ڪٿا ڏگهي آ
ڪتابِ فطرت اول پڙهي آ
جيئڻ جي چاهين اهو سِکي آ
گلن تي پوپٽ مڙن ٿا ڇا لئه؟
گگن ۾ ٽيڙو ٽڙڻ ٿا ڇا لئه؟
ڏسي ڇاندوڪي اُداس ٿيندي
چڪور چنڊ لئه لڇي ٿو ڇا لئه؟
ڪڙهي اُجن ۾ قرار ماڻي
هرڻ پلر جو پڇي ٿو ڇا لئه ؟
مئل قر جي مٿي رکون ٿا
ڍڳيءَ تنهن چم کي چٽي پرانسي
ڏسي گگن ۾ ڪنوڻ جا ڪيتا
مني جي پٽ تي ملهار ڇيڙي
ڪري ٿهوڪا مور ٿو ڪنهن لئه؟
گلاب وانگي گهٽا کي واسي
هوا اُني جي اڇي ڪٿان ٿي؟
ڇلر ڇڏي جو ڇڙي ڪلر ۾
سڄو ڏينهن وهنجي سڏي ٿي ڪنهن کي؟
سمنڊ جو پاڻي صفا ڪڙو آ
مڇي ڇو تنهن ۾ سدا سرهي آ؟
منڊن تي موتي اُڏار ٻڌجي
پکي ڇو پنهنجي وطن وڃن ٿا؟
اهو جي ڄاڻين اڙي اياڻا
حياتي تنهنجي گُلاب ٿي پئي
ڪرين جي محبت غريب سان ٿون
گُناهه ٻه تنهنجو ثواب ٿي پئي

◈◈

# ”منٿي“

سُريلي سانجهه جي ٽاڻي
منٿي ۾ موتيا مرڪن
خُماريل نيڻ حياتين جا
چنبيليون چوٽلا مهڪن
وديسيءَ سوم رس جهڙيون
جوانيون جوش ۾ ڀهڪن
ستارن سان پرين چولا
ٽڪن جا ٽجلا اُڏرن
گگن تي رات ڪاري جو
چندرما چاندني اوتي
منٿي جي سينڌ ۾ چڙڪي
سندوري رنگ جوڀن جا
پرن ٿا مانگ روهيڙا
منٿي آ لاڏلي وينگس
منٿي جي ٻانهن ۾ چُوڙا
وجهن ٿا پاڻ ڀينجولا
منٿي جي نڪ ۾ ڦُلڙي
وجهي ٿو ڦوڳ ونگڙ جو
منٿي جي ڪن ۾ جهومڪ
وجهن ٿا نم نمورين سان
منٿي جي ٻانهن ۾ ٻاجو
ٻڌن ٿا جهنگ جوڳيئڙا
منٿي جي اک ۾ سرمو
وجهي ٿي سانجهه سانولڙي
منٿي جي پير ۾ جانجهر
ٻڌي ٿو وڻ ڪونيٽ جو
منٿي جي ڪونج ڳچڙي ۾
سونارو سون جي ڌري



وجهي ٿو لاڏ مان لاڏو
چوي ٿو ماٺ ۾ چاهي
منٿي ۾ زندگي آهي
منٿي جي سونهن کي سجدو
اسان جي بندگي آهي
منٿي جون مور ٻازارون
گهمڻ ٿي دل گهٽيون چاهي
منٿي جون موڪريون گهٽيون
سُڳند جون شيشيون پريل
وڻن ٿا ويڪرا رستا
هلن ٿيون حرس مان ناريون
منٿي جون هوٽلون ساريون
سوادي طعام جون ساکي
جليبيون روز ٿيون جرڪن
گڏي تي مور ٿو ٻولي
مندر ۾ مورتي مُرڪي
هٽن تي ديپڙا ٻاري
اُتاري آرتي ڪنهن جي
پڪاري روز پوڄارڻ
منٿي ۾ راڳ موهن جو
وڄائي روز پوڄارڻ
منٿي ۾ سُر صادق جو
ٻُري ٿو ٻاٻيهي وانگي
گڏي جي پٽ تان ڏسجي
ڌهر ۾ ڏيک حياتي جو
گهڙي سان نار ٿي چُلڪي
ڪڏي ٿو ڪچ ۾ ٻالڪ
منٿي جا جهوپڙا جهرمر
لڳن ٿا ڪهڪشان مِلڪي
گڏي تان شهر دلبر کي
ڏسي ٿي چوڪري چرڪي
منٿي جو شهر ٿو مُرڪي

◈◈

## آ رات ڏاڍي چاندني

ٿي لڳي هير واهوندي
ٿو چنڊ پنجي اڪڙي
تون آءُ تہ ڪيڏيون راندڙي
او وينگس منهنجي بنڙي
تون چيچ ٿي، مان چلڙو
مان هجان تنهنجي هٿ ۾
آ نينهن تنهنجو ننڍڙو
تون ڳيچ ٿي، مان گلڙو
مان ڳايان توکي گُڻ ۾
تون وار ٿي،مان سڳڙو
مان لڏان تنهنجي ڪت تي
تون ڳچي ٿي،مان هنسلي
مان چُهان تنهنجي چاتڙي
آ روشن ڏاڍي راتڙي
تون رات ٿي،مان باک ڪا
مان ڦُٿان تنهنجي تن مان
تون ماڪ ٿي،مان گُل ڪو
تون چُمي منهنجي ويس کي
تون رُت ٿي،مان ميگهہ ڪو



مان وسان تنهنجي ديس تي
تون مُرڪ ٿي ڪنهن نار جي
۽ چڏ موهي چاچرو
هي گهير ناهي گهاگهرو
تون ڪر چَتا چانورو
مان ٿَڪ پچان ٿورڙو
مان ٿهڪ ٿيان ڪنهن ٻار جو
تون ڪلين منهنجي ڪِل تي
مان ڏسان تنهنجي جهِل کي
تون وجين مون ۾ ويڙهجي
جئين جار ٻکي پينجولو
جئين ڳولاڙي جي ول ڪا
ٿي پاڪر پائي ٻُنڊ سان
ائين مل منهنجي تن سان
او نارِ منهنجي ننڍڙي
تون ڦُوڪ ٿي،مان ونسلي
مان وڄان تنهنجي ون ۾
تون چنڊُ ٿي، مان ڏرتي
ڪر روشن مونکي سرتي
تون چير ٿي، مان پيرڙو
تون وڄ منهنجي وک ۾
تون ندي ٿي،مان سمنڊ ڪو
ڪر چوڙ مون ۾ چُلڪي
تون ڪوهہ ٿي،مان ڪوس ڪو
مان ٻُڏان تو ۾ اونڌڪو
تون نير ٿي،مان پياس ڪا
مان پيئان توکي پل ۾
تون سمنڊ ٿي،مان مڇلي

مان جيئان تنهنجي جل ۾
تون پارس ٿي، مان لوهه کو
تون سجين جيکر سون ٿيان
تون هرڻ ٿي، مان بن کا
ڏي ٽينگ ٽپا چمکو
تون ڪن ٿي،مان جهومکو
مان هلان تنهنجي حرس ۾
تون نڪ ٿي، مان نٿڙي
مان ڇُهان تنهنجا چپڙا
تون تن ٿي،مان ويس کو
تون پائين ڪري ڪپڙا
تون ڊيل ٿي، مان مور کو
تون جهپ منهنجا آنسوڙا
تون چيلهه ٿي، مان هيل کا
تون ڪٽين مونکي ڪڇ تي
تون وڃ ٿي، مان واڏڙ کو
تون ڪنوين ڪري ڪجکو
مان گوڙون ڪيان گجکو
تون ٿنڊ ٿي،مان ٿونئر کو
مان سجان تنهنجي ڪنج ۾
تون ٻاجهه ٿي،مان ٻار کو
مان سمهان تنهنجي هنج ۾
تون ٹُڪ ٿي، مان رَلکو
۽ وجون سُبجي پاڻ ۾
چا رکيو آ چکتاڻ ۾
تون هلي آ چاندڻ ۾.

◈◈



## سانجه ويلا سدا

وار ڪارا وڏا
تون جو ڪولي چڏين
ونگ مونکي وجهن
رنگ تنهنجا گهٽا
روپ موهي چڏين
ٿهڪ ڏي تون کلين
ڏند تنهنجا اڇا
وڄ وانگي لڳن
نيڻ ناسي وڏا
ڏنگ مونکي هٽن
ناز نيرا ڪرين
ٻانهن لوڏي لُٽين
دل جا ديبل سڄا
سونهن سانوڻ مٿان
جند گهوري چڏيان
گهور هڪڙي مٿان
پاڻ اوري چڏيان
مُرڪ مُکڙي جيان

روز تنهنجي لڳي
ديد دل کي لُڀي
نٽ تنهنجي پرين
مور ڪيڙو لڳي
رقص تنهنجو ڏسي
هرڻ ڏيمو هلي
عڪس تنهنجو ڏسي
چنڊ چرڪيو پوي
نڀ نيري منجهان
روز جهانڪي پيو
سج توکي ڏسي
ديپ ٻٽجي وڃي
مور توکي ڏسي
ڊيل وسري وڃي
چال تنهنجي ڏسي
باز پڙڪيو وڃي
سمنڊ توکي ڏسي
جوار اُٿلي پوي
نديءَ ۾ تون پوين
چيرون پائي نچي
نير توکي ڇُهي
گول چاتي مٿان
رئو اُڏري وڃي
برف پگهري وڃي
مانگ ماٿي مٿان
چُني سرڪيو وڃي
جهاڙ جهومي پون
خُوب مونکي وڻن



ويس پيلا پرين
تون جو پايو گهُمين
ماڪ توکي چُمي
ولهه ۾ جو سُمهين
باک ويلا پرين
چير سان تون هلين
واءُ جهونکي مٿي
لام وانگي لُڏين
روز مونکي وڻين
حُور ڌرتي مٿي
پير ڏيما ڪٽين
چپ چوري سنها
گيت لاڏا چوين
ٻول مٺڙا ٻُڌي
ياد ڪويل اچي
روز مون ۾ نچي
سار تنهنجي رڳي
دل جي ديول اندر
پاڻ پوڄا ڪيان
روپ راڌا سندو
خُوب تو ۾ پسان
مان تہ مرلي ٻڻي
روز تو ۾ وڄان
روح جي آ صدا
ساهه توتي ڏيان
نيٺ تنهنجو ٿيان

# اڙي او وقت جا وحشي!

اڙي او سونهن جا قاتل
ڪيو هي قهر ڪيڏو تو ؟
رُلايو شهر ڪيڏو تو؟
ڪُٺابي خون سان ڪيڏي
پُسايو رات پشاور کي
ڪُهي سڀ ڪهلڙا ٻچڙا
قيامت هي مچائي آ
اُنهي ڏک ۾ ڏُکاري اڄ
رُني ساري خدائي آ
مگر تو ماٺ ۾ مُرڪي
لڄايو ماڻڪو آهي
هڻي گوليون گُلابن کي
خوابن کي ڪتابن کي
جلايو تو ڏُرم ڪهڙي؟
صغيرن جي صحيفن کي
سوالن کي جوابن کي
صفا نردوش نماڻن کي
بنا ڪهن ڏوهه جي پيلي
اُجاڙيو تو اڙي ظالم !
اسانجو هي چمن آهي
ٻمن جي ٻاهه ۾ ٻاري
اسانجا ٻال پولا هي
جُهڪايو تو سبز پرچم
امن جي ائين اُڏامڻ تي
وياڪُل هي وطن آهي
مڪاري سوچ تهنجي ۾



رُنو ڪيڏو گگن آهي
سڄي فطرت پُڪاري ٿي
صغيري سُوڳ ماري ٿي
پکين ۾ درد ٿو سُڏڪي
اکين ۾ آگ ٿي پڙڪي
هوائون هوش ۾ ناهن
جبل سارا جهُڪي ويا آهن
وڻن ۾ ماٺ هيڪاندي
وجهي ٿي ڏار ڏيلن ۾
سمونڊن شانتي آهي
نماڻو چنڊ سُڏڪي ٿو
سُهائي سج ۾ ناهي
ٻکي ٿي ٻاٺ اونداهي
لُڇي ٿي تيز لهرن ۾
ندين ۾ پي نراسائي
چوي ٿي رات اونداهي
ڪُٺوري خون نندڙن جو
وطن کي نيٺ واسيندو
پنل هي شهر پشاور جو
سُڻي هاڃو ڪري ماتم
پُڳي ماتا شفا خاني
ڏسي لاشا ڏري ڪيڏي
صفا ٿي وئي چري ڪيڏي
ڪري دانهون چُمي چولي
لهُو ۾ لال ٻالڪ جي
ٻُڌي هر چيخ اڏرائي
ڏُکاري ماءُ جي ڳِل تان
وهي ٿي لاڙ لُڙڪن ۾
جُدائي ٻار نندڙي جي
وڏي ٿي ڪرٽ وانگي ڙي
ڪٺا هي شهر پشاور جي
نسُوري ڪهر پشاور جي

# اسين ارڏا ڏُکن ڏاڍا

دڙن جي ديس جا واسي
رڃن جا راز ٿا ڳوليون
اُڃن ۾ اُڃ ٿي پيٽڪون
سُڄن جا سُور ٿا پرکون
بُکن ۾ بُک ٿي پوڳيون
جهوني کنهن جهوک تي ويهي
پري ڏابر پٽل جا کي
اُنين جو کير ٿا ڏوکيون
ڏُکن جي ڏوک کي ڇُهندي
ٿوهر جو چير ٿا ڏوکيون
اکن جا پُڙکلا ٿوڙي
ٻَڌون ٿا سور سيني لئہ
نمن جي ٻُور کي گهوٽي
پيئون ٿا مرض موذي ۾
بلائن کان بچڻ جي لئہ
پائولا پيرَ ۾ پايون
صفا سادا اجا آهيون
پکين کي پيار مان پاليون
ٻُوهن کي ٿا کيون ٻارڻ
کوهن مان خُوب ٿا ڇاٽون
ڏٽن سان دل لڳي آهي
وٽن سان پي وڏي آهي
اسانجي عشق جي کهاڻي



ازل کان ائين لکي آهي
اسين دوله اسين دودا
اسين ڌرتي سندا جوڌا
جڳن کان جنگ لڙي ڇاٽون
وطن لئہ ٿا وڙهي ڇاٽورن
نکي کنهن کان مُڙي ڇاٽون
اڏي تي سر رکي ڇاٽون
نرالو جام شهادت جو
کلي کُڏي چکي ڇاٽون
اسين سوڍا سنڌي آهيون
اسان جو هي عزم آهي
وڏن سان هک وچن آهي
وطن سان واسطا ٿوڙي
وجون کنهن ڏيهہ سٽيي ڏي
غداري گار جهڙي هي
اسان جي انگ ۾ ناهي
ڏُلي پوءَ ڏيهہ کي ڇڏيون
نسل ۽ رنگ ۾ ناهي
اسان جي بندگي اهڙي
اوهان جي ڊنگ ۾ ناهي
اسان جي سادگي سائين
اسان لئہ زندگي آهي
گُذارو پي غضب آهي
سکل، ٻاجهر سندي ماني
بصر جي ڳنڍ سان کائي
پيئون ٿا شوق ۾ سائين
لسي جون لوٽکيون ٿڌيون
مٽيءَ ۾ مٽکا پوريل
هيئن کي هير سان ٺاريون
کرٽي مان ٺينکلا ٺاهيل
مٺائي کان مٺي پانيون
اسين سادا اجا آهيون

متي تي مولهيا ٿاهيون
پڳن ۾ موجڪيون پايون
ڪچهري ڪوڏيا آهيون
سُڪايل ڪاچريون ڪايون
مڙهن جون تينڏسيون سايون
اسان لئہ بيهہ جون پاڇيون
سڄڻ لئہ سوڪڙيون ساديون
پپون چوندي پريون ڪانبا
ڪڏي ڪونڌير مُرڪون ٿا
اچي ٿي رُت وڻ ڦوٽي
سنگر ٿا شوق مان سيڪيون
پڪل پيرون پرين جي لئہ
رتا ۽ سيڙڪا چونڊيون
دڙن جي ڏوڙ ڦلهوري
لڪون ٿا لوڪ جون کهاٽيون
اسان جي ڏيہ جون راٽيون
پرن ٿيون پرت ۾ کهاٽيون
وطن جي سُونهن جون ساريون
پٽائي گهوٽ جي ڳايون
مڙهن ۾ مال واريندي
اسين هر روز ورجايون
تراين جا ترا ٻُهاري
رکون ٿا ورت ورڪا لئہ
پڙهون ٿا مينهن نمازون پي
ڪيون ٿا آجيان دل سان
ملهاري مند لئہ متوا...!
سمورو ٿر آتو آ
اسان جو ڏيهہ سان اهڙو
ازل کان نينهن ناتو آ...!

◈◈



## اسين ڪاسڀي جي گُلابي گليءَ ۾

اوهان جو پُڇون ٿا اوهان لئہ لُڇون ٿا
اوهان جي ادائن جا منظر پسڻ لئہ
اسين پير پهاڙن تي گسائي اچون ٿا
اوهان سان ملڻ لئہ ڪِلي بس ڪِلڻ لئہ
پُراڻي مندر جي مورتين اڳيان
اسين سيس نوائي سجدا ڪيون ٿا
اسين ڪئين وساريون اوهان ڪي پلاڙي!
اوهان جي لبن تي لُڇي چانڊني ٿي
اوهان جي وڳن تي رمن مور مٿڪو
اوهان جي نرڙ ڪي چُمي چنڊ چئوڏس
اوهان جي ڪڪوريل بدن تي هي گُلڙا
ڪري پور ڪيڏا چمڪي اُٿن ٿا
اوهان جي هٿن تي ڪُڏي ڪوڏ ميندي
اوهان جي چتن تي مڙن روز مروا
اوهان جي ڳچن تي ٽڪن جا هي تجلا
پري کان پُڪاري اسان کي سڏين ٿا
اوهان جي سيني ۾ شرابن جا شيشا
جواني جي چولين ۾ ڇُلڪي پون ٿا
اوهان جي بدن ۾ خُمارن جي خُوشبوءَ
حواسن تي ڏاڍو حاوي ٿئي ٿي
اوهان جي نگاهن جي نيري سُهائي
اسان جا سيئي وڻ وڃائي ڇڏي ٿي
اوهان جي گُلابي چُوڙين جا ڪچڪا
ڪچي ننڊ مان ڪيئي اُٿاري ڇڏن ٿا
اوهان جي چيرن جا ڇُڙواڳ چمڪا
پڪين کان اُڏامون وساريو ڇڏن ٿا
سڄي ديس دلبر جا ماٺون چون ٿا
ڏُڪاريل ڏيهہ جي اُجايل پٽن تي
اوهان جي هلڻ سان بارش وسي ٿي

اوهان جي ڪلڻ سان خُوشبوءَ وڏي ٿي
اوهان جي ملڻ سان زندگي ملي ٿي
اوهان جي ٻُلن کي هوا جي ڇُهي ٿي
صفا هوش وڃايو ٿي مد مست هلي ٿي
اوهان جي شبابي بدن جي هي ٻهاري
سموري وطن کي تہ واسي ڇڏي ٿي
مگر گهوٽ گهائي ڪيئي وطن جا
نہ اوسي ڇڏي ٿي نہ پاسي ڇڏي ٿي
هِتان ڪان وڃائي هُتان ڪان وڃائي
نہ دين جو ڇڏي ٿي نہ دُنيا جو ڇڏي ٿي
اوهان جي اُجالي ڳلي ڪاسٻي جي
اٿئي سونهن ساري پلي ڪاسٻي جي
وڻن جي قطارن تي وينل پکيئڙا
ڏسي دل نري ٿي ڪي مورن جا ميڙا
هي ڪيٿن جي خُوشبوءَ هي جوپن جل ٿل
هي ٽيڪا هي ڪاجل هي ينيا هي قاتل
هي سرتين جا ٽولا هي ڪوهن تي ڪينچل
هي ڪُم ڪُم جا ٽيلا هي اُڏندڙ ڪي آنچل
ڪي نيلا ڪي پيلا ڪي ساوا ڪي ڳاڙها
وڳا ويس نيارا اوهان جي وطن جا
ڏسڻ لئہ تہ هيڏا ڪُشالا ڪيون ٿا
اسين عشق ارڏي ڪي اندر ۾ رکون ٿا
اسين سر اڏي تي رکي جو اچون ٿا
اوهان لئہ ڪُسون ٿا مڳي ۾ مسون ٿا
اوهان جي ادائن جي نڳي ۾ ڪُسون ٿا
ڪٽي ڪوڙ سپنا اکين ۾ اچون ٿا
اوهان ۾ رچون ٿا ٿي نماڻا نچون ٿا
ڪٽي جي نگاهون هي دنيا ڏسون ٿا
رڳو بس اکين سان اوهان کي پسون ٿا
قسم آ خدا جو اوهان جي سوا هي
سموري خُدائي اجائي لڳي ٿي
سموري خُدائي اجائي لڳي ٿي

◆◆



# سج لٿي جو پاڻ سنواري

منهنجي هوش جون ٻيڙيون ساريون
سمنڊ بدن ۾ ٻوڙي ڇڏجانءَ
وڄ وراڪن وانگي نانگڻ
هڪڙي آرس موڙي ڇڏجانءَ
هلڪي هلڪي هير ٿڌي ۾
تون هي ڇَتا چوڙي ڇڏجانءَ
ڪاجل جهڙن ڪارن ڪارن
وارن ۾ مان الجهي ويندس
پنهنجو پاڻ کان پلجي ويندس
منزل منهنجي نيڻ نشيلا
نيڻن ۾ تون ٻوڙي ڇڏجانءَ

مونکي خود ڏي موڙي ڇڏجانءَ
منهنجي دل وچيري جي لئہ
سيندڌ وچين پوء واٽون ٽيندي
تنهنجي هڪڙي ديد ڏُلاري
جر تي ڏيئا لاٽون ٽيندي
سانول سُونهن سڏيونت جهڙي!
آخر نينهن نياپو ٽيندي
اج ازل جي لاهڻ خاطر
منهنجي پياسي رڻ بدن تي
تنهنجي هڪڙي بوند ڇُمي جي
مون لئہ نيٺ جياپو ٽيندي
اهڙا خيال روز لٿي جو
تو ۾ ٿَڪ پيڄڻ جي خاطر
پروانن جيان اُڏري اُڏري
تو وٽ ايندا تنهنجا ٿيندا
تون اُنهن لئہ سک مان سارا
دل جا ديرا کولي ڇڏجانءَ
منهنجا خيال انگُورن جهڙا
پنهنجو پاڻ ۾ رولي ڇڏجانءَ
رُلندي آنيوُ جوين جا سڀ
پکين وانگي ڇُڳندي ڇُڳندي
ساري سُونهن اکين ۾ اوتي
توتي نيرا نظم لکندا
منهنجا خيال ڪٿوري جهڙا
تو ۾ آخر ٿڪ پيڄندا....!!

◆◆



## تونءَ نہ سوچين توکان سائڻ

نيٺ حياتي حُسن ڪسيندي
جوين واءُ جهونڪي وانگيان
ٽڪڙو ٽڪڙو گذري ويندو
تنهنجي سُونهن جو اُجرو آنچل
اُڏري آخر ٿڪجي ويندو
باغ برھ جو جوين گُلڙو
پوڙهاپڻ ۾ پٽجي ويندو
وسڪاري ۾ آڙنگ جهڙو
تو ۾ پسجي حِرس بدن جو
گُونجي برسي گهٽجي ويندو
جذبا آخر جهيڻا ٿيندا
هڏ ٻيدا پوءَ هيڻا ٿيندا
جيڏيون ونديون جوڙا ويندا
گُڏيون ونديون ڳوڙها ويندا
سيند سنواريل سڳيون ونديون
مرڪون ماٺا مڳيون ونديون
اُجري اک جي نرمل نپ تان
ڪاجل ڪتيون تارا ويندا
توکان وسري آخر سائڻ!
جيون جا سپ چارا ويندا
تون جا مرڪي ميگهہ وسائين
ڪارُونجهر جا مور نچائين
چپ مروڙي چاڳ ڪرين تون
ڪويل وانگي راڳ ڪرين تون
چير وڄائي چال ڪرين تون
ٿوري ٿوري ڳالهہ تي رُسندي
تترن جهڙا تال ڪرين تون
پنيا کولي بادل ٿاهين

ڌوٻي ڌوٻي ڪاجل پائين
چاتي لوڏي وڪ وڌائين
روز پٻن تي هلندي سُهڻي
ڪيڏا ڳيرو گهوٽ ڪُسائين
سرتي توکان هي سمورا
آڙنگ ارڏا آرا ويندا
اڪ جي نيرين قلين جهڙا
نيرا ناسي نيڻ نہ رهندا
جنهن ڏينهن سونهن ڪراڙي ٿيندي
تنهن ڏينهن ساڳيا سيڻ نہ رهندا
پنين تي پوءَ پونئر نہ رهندا
گُجر تهنجي ڳاڙهي گج تي
ٽانڪيل ٽڪون ٽونئر نہ رهندا
چوڙيون سارا چاهہ ڇڏيندون
ڪانچ ڪرايون ڪوڏ نہ ڪنديون
جيون جي اُن جاٽ مٿي پوءَ
لهرائي ڪا لوڏ نہ ڪنديون
سانول سڳيون سون سريکيون
حرس منجهان ڪا هوڏ نہ ڪنديون
روهيڙن سان ريس او پياري!
پن ڇڻ وانگي اُجڙي ويندي
بهار بدن جي باغيچي مان
آخر خوشبوءَ اُڏري ويندي
نيٽ چڳن ۾ چاندي پوندي
دل دکن ۾ ماندي ٿيندي
جل ٿل جوين ڪينجهر جهڙو
ڪنهن ڏينهن اُجڙي رڻ ڪڇ ٿيندو
هاڻ بہ دير ڪرين ٿو دلبر
هي وقت پرايو ٿي ويندو
هي بخت پرايو ٿي ويندو

◈◈



## هلي آ هيل هولي تي

مچايون رنگ رنگولي ڪا
سمورا ڏک حياتي جا
وساريون ڪجهہ لمحن جي لئہ
وري هڪ وار ريٽن تي
وجهون ڪي ڏار ويچن ۾
رساما رنج ڇڏي سارا
ڳنڍي ڳنڍير جيان ناتا
هٽان مان رنگ چولي تي
هلي آ هيل هولي تي

جڏهن پونم چڙهي چنڊڙو
جڏهن مندر وڄي گهنڊڙو
تڏهن سڀ هار هارولا
ڪنديون ڪي گهور بيري تان
تڏهن تون موهہ منهنجي ۾
حياتي جا هڙئي رنگڙا

ڇڏجان ڇوٽ ۾ هاري
جڏهن ڪو ٻاٽ ۾ ٻاري
وڏيون ڪي ٻاهه جون لاٽون
تڏهن ڪاجل وجهي ڪانيون
ڪجان ڪا لوڏ جواني جي
ڏيئي ٿون ٿهڪ سکين ۾
وڏي هن ڪونج ڳچڙي سان
ڪٽين ٿي پيرڙا ڏيما
لهي جيئن پهاڙ تان پاڻي
لڳين سرواڻ تون راڻي
حيا ۾ لال هولي ٿي
ٿلن ٿيون مور جيان جيڪي
انهن جي موج مستي ۾
اٿئي پاري حُسن تنهنجو
سموري سونهن ٿولي تي
هلي آ هيل هولي تي

ٻُڏي ڪويل سندي ٻولي
پري ڪانٻا گلابن جا
ڪندس گهورون مٿان تهنجي
وجي پل هوش هٿان تنهنجي
وڃائي وار ڏجان مونکي
پرين تون هنج پنهنجي ۾
ڪندس مان ننڊ جهولي تي
هلي آ هيل هولي تي.....!!!!



## هي ڪينجهر ڪارونجهر ڇڏي

ٿو الوداع ڪرين المنظر ڪي
ٿو مُرڪي مُرڪي هند وڃين
ٿو سپنن جهڙي سنڌ ڇڏين
ٿو ديس ڇڏين ٿو ويس ڇڏين
ٿو ڪهنيي ڪٿو ڪيس ڇڏين
ٿو ٿج وسارين ماتا جي
ٿو ديس لڄائين دلبر هي
ٿو سوچ نه ڏارين سهڻي ڪا
ٿو جيءَ جلائين سنڌڙي جو
ٿو پال پُلائين پومي جا
ٿو نيڻ رُلائين پومي جا
ڇو اهڙو تون انسان ٿئين
جو ڏرتي ڪان اڻ ڄاڻ ٿئين
ڇو سنڌ ڇڏي ٿو هند وڃين
ڇو ايڏو ٿو اپمان ڪرين
او ديش دروهي ڏرتي جا
تون ٻول ٻُڏي ڇڏ سرتي جا
هي سُونهن نه ملندي سنڌڙي جي
هي روپ نه ملندا راڻين جا
هي ڍنگ نه ملندا ڊاڻين جا
هي مٿ نه ملندا موڪي جا
هي ڇانوَ نه ملندي پنهنجن جي
هي وار نه ملندا مينڊين ۾

هي سُر نہ ملندا سيندين ۾
هي چال نہ ملندا هرڻن جا
هي ٻڙ نہ ملندا ڍورن جا
هي ڪنپ نہ ملندا مورن جا
هي تال نہ ملندا تترن جا
هي ڪيٽ نہ ملندا ٻاجهر جا
هي ڪوھ نہ ملندا ڪاجهر جا
هي سُر نہ ملندا جانجهر جا
تون سڪندين ٿني ماجر لاءَ
هي لاڙ اُتر ۽ ڪاڇي جا
سڀ رنگ وسارڻ اوکو آ
هي موهن صادق سرمد جا
سڀ گيت پُڪارين تو کي ٿا
تون موٽي آ تون موٽي آ
هي جل سنڌوُ جو تنهنجي لاءَ
ٿو ڇُلڪي ڪيڏو اڄ مري
ٿي سنڌ چوي اڄ سُڏڪن ۾
او منهنجا پُٽڙا مٺيءَ جا
وٽڊڙ توکي ويس نہ ملندو
دلبر جهڙو ديس نہ ملندو
جهڙي منهنجي پونءَ پلي آ
اهڙو اُت پر ديس نہ ملندو
مٺڙا مٺڙا ٻول نہ ملندا
ڍاٽي اهڙا ڍول نہ ملندا
ويس وڳا ۽ تهذيب اتي پي
هر هند هوندي پوءَ پي مگر
سنڌڙي جي سرهاڻ نہ ملندي
ٽوپي اجرڪ هاڻ نہ ملندي

◈◈



# اجا عشق ٿانڊن تي رقص ڪري پيو

اجا رت دانگي تي وڏي ڏينهن وري پيو
اجا ڪير ٽٽن مان اچو ئي اچي ٿو
اجا رس ماکي جو منو ئي ٿئي ٿو
اجا سونهن ڪاجل وجهڻ کون ڇڏيو
اجا ڏان ڏرتي ڏيڻ کون ڇڏيو
اجا وار ميندا وطن ۾ ٿين ٿا
اجا گاھ ٻُوٽا دڳن ۾ ٿين ٿا
اجا مينهن مندن تي موٽي وسي پيو
اجا ماڪ مرجهايل گُلن جي ٻُلن تي
پرھ جي پلن ۾ ونجهڪي وسي ٿي
اجا چنڊ چيٽن ۾ سُهائي ڪري پيو
اجا پند پکين کان وسريا ٻہ ناهن
اجا ٿهڪ سکين جي چپن تي ڇُرن ٿا

اجا تنهنجي پيرن جي آهٽ ٻُڌڻ لئہ
مٺي مور ڪيڙا گسن تي ڪرن ٿا
اجا تنهنجي پايل جي سرگم سُريلي
اسان جي ڪنن ۾ ردم سان ٻُري ٿي
اجا تنهنجي چپن جي چانئٺ چُمڻ لئہ
ڪري ويس بارش ڳدي تي وسي ٿي
اجا تنهنجي چُڙواڳ چتن جا ڪڪرڙا
ڪري گهير گهٽائون ڳلن تي ٻيهن ٿا
اجا تنهنجي پويتر نيڻن جا حوالا
اسان جي ڪچهرين جو موضوع ٿين ٿا
اجا ڪونج ڳچين تي چُمين جا ڪبوتر
جواني جي ڪيٽن جو چوٽو چڳن ٿا
اجا شام سُرمئي ڳدي تي لڙي ٿي
مٺا دل اُجايل اوهان کي سڏي ٿي
اجا گج گُلابي بدن جي گگن تي
اُڳي چنڊ وانگي اُجالا ڪري ٿو
اجا ٽيج ساونڻ تي سرتين جا ٽولا
رمي راند مٽڪو ٽڙڪي پون ٿا
اجا "سنڌ آهي پرين جو ڪو پاڇو"
اجا سونهن ساڳي پٽن ۾ رهي ٿي
اجا عشق اُجارو اذيتون ڏسي ٿو
اجا پيار اوڃاڳيل اکين جو الميو!
سهي سور صدما ٿئي ئي ٿئي ٿو
ٻُڌي دانهن ٻارن جي ٻُڪايل ڪٿي
اجا ساهہ سولي تي اٽڪي پوي ٿو
اجا تنهنجي لبن جو لهجو نيارو
ٻُڌي روح راڻي پٽڪي پوي ٿو

◈◈



## بدن ڪو بانورو ڪونهي

چتن جو چانورو ڪونهي
پويتر پاڪ نيڻن جي
ٿئي ڪا ديد دلڙي کي
سمو سو سانورو ڪونهي
حياتي هي ٻُسي آهي
لڳي ٿو روح منهنجي سان
وئي محبت رُسي آهي
مگر هن ماٺ مڪلي ۾
جيئون ٿا پوءَ بہ جاني لئہ
ڪڙي جا بس پري ڪوزا
پيئون ٿا پوءَ بہ جاني لئہ
جواني زهر ڪوڙي ۾
ڪبابن جيان ڪڙهي ٿي پيئي
ايامن کان اُجايل دل
رجن ۾ هي رڙي ٿي پيئي

ٽٽل هن دل جي ٿاري
پکي ٿي پيار جو ڳولي
اُٿي مان رات آڌيءَ جو
پوان ٿو چنڊ سان ٻولي
اڙي او چنڊ امبر جا
ٻُڌاءَ تون هُوءَ ڪٿي آهي
ندي جي نير جهڙي هُوءَ
سموندي وير جهڙي هُوءَ
جواني جي قُليلي آ
چوانءَ چنڊ مان توکي
چمن جي ڪا چنبيلي آ
اکين ۾ جا اڙي ٿي پيئي
ايامن کا اُجايل دل
رجن ۾ هي رڙي ٿي پيئي

سُهاڳڻ سامروٽي جي

مندر جي مورتي آهي
وڏي خُوبصورتي آهي
حُسن هن جي حياتي جو
ڪَٿي ٿو ڪانچوئو سوڙهو
سمورو آر ڇاتيءَ جو
رواني نيل جهڙي آ
چٽي ٿو نُور مُکڙي مان
چٿي ڪا چانڊٽي آهي
جهلڪ هڪڙي جهاتيءَ جي
سراسر سانڍٽي آهي
نرالي سُونهن سانولڙي
پُراڻي پيگ وسڪي جيان
خُمارن ۾ ڪڙي ٿي پيئي
ايامن کان اُجايل دل
رُڃن ۾ هي رڙي ٿي پيئي

ڏنگي ٿي هاڻ اڪيلائي
مرڻ تي دل اجهو آئي
سگهو ور هاڻ هرجائي
پون ٿا ياد پورن ۾
ملڻ جي مُند جا ڏينهڙا
ڪلڻ جي مند جا ڏينهڙا
مٿي ويندا ڪُٿي ويندا
اچي وڃ يار تون جهٽ پٽ
سڏي ٿو روز سانجهي جو
پياسي روح جو پوپٽ
ڪري ٿو ڳالهه گلابن سان
سڄڻ جي ڪا سُڌ ئي ناهي
خبر هي ڪاٿ جهڙي آ
نڙي ۾ جا نڙي ٿي پيئي
ايامن کان اُجايل دل
رُڃن ۾ هي رڙي ٿي پيئي

◈◈



## ڪارونجهر جي ڪور سڏي ٿي

گهن گهٽا ۾ گهور سڏي ٿي
ٿنڊيلين جي ٿور سڏي ٿي
پل پل وڏل هور سڏي ٿي
اڄ پرين تون ٿر ڏسي وچ
صحرا منهنجو ستر ڏسي وچ

محبت جا هٽ ميڙ نيارا
پٽياڻي جا گهيڙ نيارا
ڪُٽڪن ڪُنڊيون ڪيڙ نيارا
پاڻيارين جا پير نيارا
پورا ماڻهون بر ڏسي وچ
صحرا منهنجو ستر ڏسي وچ

راڻاسر جي ريل سونهي ٿي
وسڪاري جي ويل سونهي ٿي
ٻانهياري ڪي هيل سونهي ٿي
ڪولهي هٿ گُليل سونهي ٿي
جهانگين جو جهنگ جهر ڏسي
وچ
صحرا منهنجو ستر ڏسي وچ

وينگس ڏوئي وار پيارا
پوپٽ پڪڙن ٻار پيارا
نير پري ٿي نار پيارا
پيرو پڪل ڏار پيارا
جهوپا جهوپا گهر ڏسي وچ
صحرا منهنجو ستر ڏسي وچ

◈◈

# توکي سُک صدين جو گھرجي

مون وٽ ڏُک ازل کان آهي
تنهنجا پير تہ پشم پيازي
منهنجا پير تہ لفون ڇالا
تنهنجي مايا ڪنچن ڪايا
مان تہ مٽي جو ماڻهون آهيان
توسان منهنجو ناتو ڪهڙو؟
توکي گھرجن سات سجيلا
تو وٽ بخمل بينسر بولا
تولئہ ڪهڙا لُڪون جهولا
تون آنءَ راڻي روپ رنگيلي
توکي ڪهڙي غرض گهيلي؟
تنهنجو ديس سدائين سُکيو
منهنجي ڌرتي درد وندي آ
تون تہ رکين ٿي شوق اميري
منهنجي بُک غريبي جهڙي
تون تہ ڏئين ٿي ٽهڪ ڪنوارا
منهنجي مرڪ اُجاري آهي
تو ۾ رحم رتي ڀي ناهي
مون وٽ احساس اجا ڀي آهي



تنهنجو مون سان نينهن اجايو
رات اجائي ڏينهن اجايو
مونکي منهنجي مومل گهرجي
سيرت جنهن جي سومل گهرجي
تنهنجي سونهن تہ سونا روپا
ها پر هن جو تيج مٽي آ
چندرما جي چوٿيءَ جهڙا
چپ انهي جا سندر آهن
جڻ تہ مٽي جا مندر آهن
هن جو اکيون نير گگن جو
چمڪي جنهن ۾ چنڊ وطن جو
هن جا چوڙا چاندوڪي ۾
هرڪ هنيلا هار ٿيڻ لئہ
ٻانهون جوڙي ٻاجهہ گهُرن ٿا
وصل وري ڪا واجهہ وجهن ٿا
هن جا ميندي رتا هٿڙا
منهنجي سيئي موڙي آهن
هُن جا نخرا هرڻن جهڙا
ڪئين وساريان ڪرڻن جهڙا
هن جا تجلا ڏينهن ڏٺي جا
ڏيئن وانگي ڏيک سمورا
هُن جون ڳالهيون گيت لڳن ٿيون
منهنجي روح ۾ هُوءَ رمي ٿي
جيڪا جانجهر پائي ساجهر
مون لئہ مرڪي ايندي آهي
جاڳ جڳن جي ڏيندي آهي
اُن جو ڀرم ڀُلائي توسان
ڪهڙو ناتو جوڙي سگهندس
هن جو اندر ڪرشن مندر
اُن کي ڪئين مان ٽوڙي سگهندس؟

## وڏوا

هن جا سپنا
ٻارن جهڙا
اکين ۾ چمڪن
تارن جهڙا
هُن جا ميندي
ڏينهن ٻڌا چڱ
نازڪ ڪيڏا
نينهن ٻڌا چڱ
هن جي مک تي
مُرڪ نويلي
ٿينديس ڪُنوار
ڪوڏ ڪويلي
آخر اهڙو
ڏينهن ٻہ آيو
هن جي هٿ تي
ميندي مرڪي
هن جي مانگ ۾
لالي جرڪي
هن جي ٻانهُن
چوڙا چمڪيا
قسمت هن جو
جيءَ جرڪايو
هن جي اک مان
آنسُو آيو
هن ڪي نہ هئي
ڪل قضا جي
نيٺ ڪو اهڙو
ڏينهن ٻہ ايندو



وچڙي هن کان
نينهن ٻہ ويندو
هن جو ڳاڙهو
گهوٽ ڪُسندو
ڳاڙها جوڙا
ڳَل بدن تان
اُتري ويندا
رنگ چپن تان
سُرما سِيندون
تيل ڦُليلا
بنديا چوڙيون
واڳون جهيلا
تلڪ سندوري
تيج سمورا
وسري ويندا
هيج سمورا
جيون اهڙي
جاڙ ڪندو ڪو
هن ڪي ڪائي
ڪل نہ هئي
هڪ ڏينهن هن جو
ڪانڌ ڪوڏيلو
قهر قضا
وچڙي ويو پوءَ
هن جو جيون
اُجڙي ويو پوءَ
پور وهي ۾
وڏوا ٿي ويئي
ايڏي ننڍڙي
ابلا ٿي ويئي
وڏوا هاڻي
ويس اڇي ۾
ڪيڏا ڪٽن
ڏينهن ڪٽي ٿي

آڌي مانجهي
روز لُڇي ٿي
ٿڌڙي ڪيڏي
هير گهُلي ٿي
هن جي اندر
ياد ٻُري ٿي
ايس اره سان
روز ڀڃي ٿي
ڪانڊ بنان هُوءَ
ڪئين ڪٿي ٿي
ڏيمو ڪوئي
مور ٻولي ٿو
هن جو ڏاڍو
روح رولي ٿو
چنڊ امبر تي
چمڪي چمڪي
چيلهاٿي جيان
چڪ هٽي ٿو
ور ڪي ساري
گوڙها ڳاڙي
باه بدن ۾
ٻاري ٻاري
اوجاڳن ۾
لوچي پوچي
ڪامي پڄري
ڦٿڪي تڙپي
پره ڦٽي جو
سج اُڀاري
سُڏڪي ٿي هُوءَ
ڪانڊ سنياري
ولڪي ٿي هُوءَ



## ٻُڌائي سگهو ته ٻُڌايو اسان کي

وڃون ڪٿ خُدارا ڇڏي هن وطن کي
جو مهڪي بدن ۾ جو ٿهڪي رڳن ۾
جو سُڏڪي اکين ۾ جو مُرڪي نندن ۾
جو تڙپي ڏُکن ۾ جو گرجي گگن ۾
اهو ديس دلبر ڏيون ڪيئن ٿڪن ۾
اوهين هٿ وجهو ٿا دنگن ۽ ننگن ۾
اسين ٿا پُڪاريون گونگي گگن ۾
ٻُڌايو اسان کي اڙي رهزنو !!
هي وطن آ سڃاڻپ ازل کان اسانجي
صدين جا ناتا ڇنون ڪيئن پلن ۾
اسان لئه ته دٻئي وطن جي مٽي آ
ڪسي ديس ، اهڙي ڏن کان ڪٿي آ
اسان لئه غريبي سڀن کان سُٺي آ

اسين رٻ آراڙي تي جئيڻ خوب ڄاڻون
ڪڙو نير قاتل پيئڻ خوب ڄاڻون
ڇني ۽ ڇپني جون ڪٿائون رکون ٿا
اسين ديس پنهنجي سان وفائون رکون ٿا
اجا قحط ڏُڪارن کان ڊنا ڪون آهيون
اجا ٽڪ ٿوهر تي پيچڻ پي ٿا ڄاڻون
اجان پير اُگهاڙي اُسن ۾ لُڇون ٿا
اجان وڻ اوهان جا وڄائي سگهون ٿا
اسين ديس پنهنجو بچائي سگهون ٿا
اسين هون مورن ۽ ڍورن جا عاشق
اسين هون وٽن ۽ ڏٽن جا وارث
اسين اڪ ڦلين کي نٿن سان ٿا پيٿيون
اسين گُل روهيڙي گلي هار پايون
اسين کير اُنين جو خُوشي سان ٿا ڏوکيون
اسين نم گهوٽي ٻَرن ۾ پئيون ٿا
اسين پنهنجي ڪکائن گهرن ۾ جئيون ٿا
اسين ڪئين ٻُلايون پٽن کي پلا ڙي
اسان کي لڏائي اوهين جو ڪيو ٿا
اهو سون ڪارو اسان جي ڪنن کي
ڇني نيٺ ڇنندو اباڻي وطن کي
وڏو نانگ وحشي ڪکيندو سپن کي
اُنهي کي نٿڻ لئه پيا آواز اُٿاريون
اوهان کان بچڻ لئه خُدا کي پُڪاريون

◈◈



## دلين جا راج دُلارا تون

هليو وئين هوڏ کهڙي ۾
ڇڏي هي جُوءَ جوڌن جي
لڏي وئين ڪوڏ کهڙي ۾
ڪري تون لوڏ لاڪيٽي
دُلاري راج ڌرتي جي
مري ٿي مرڪ هڪڙي لئه
ڏني جنهن دل ڪپي ڪوري
نگاهن ۾ تڪي توري
ڪيو جنهن پيار هو تو سان
اُها وينگس وطن ۾ اڄ
ٻڏي ٻانهون ڪري دانهون
ڇوي ٿي سرد ساهُن سان
سڏي ٿو ڇاڇرو توکي
هلي آ ڍاٽ جا ڍوليا
لُڇي ٿي سونهن هي تو لاءَ
وجهي فالون واريءَ تي
اُڏائي ڪانگ ٿي تولئه
پُڇائي ڪل پنڊتن کان
نهاري روز نڪتن کي
پکين جا ٻول پرکي ٿي
سمورا سوڻ ٻولائي
سڄو ڏينهن ديد تنهنجي لئه
دڙن تي پير ٻاري ٿي
الا! ائين ڪير ساري ٿي؟
وڇوڙن جي وڍي هوندي
پرين جا قول پاري ٿي
سڄڻ سان خواب ۾ ملندي
سجائي پاڻ کي پڳلي

کري سينگار گُلڙن جا
ٻڌي گنگھرو ستارن جا
ڳچي ۾ هار موتين جا
وجھي مروا مجازن جا
پنين جي باغ ۾ لاڏي
سڀي سان چوٽلا ٺاهي
نمن جي ٻُور ۾ وهنجي
پرين جي پُور ۾ وهنجي
اکين ۾ آس جا ديپک
جلائي روز جوالا سان
لڱن تي چانڊني پائي
پڳيءَ هانءَ پاٽ تي هاڻي
اُڳو ڏس چنڊ پيي آهي
ڳڳن جي گھاٽ تي هاڻي
وريا هن واهوندا ڪيڏا
چوي ٿي هاڻ موٽي آءُ
بدن ۾ باھ ٻارڻ لئہ
چري هن چيٽ جا ڏينهڙا
ٿڏي ڪنهن ريٽ تي رمجن
اندر جي آگ ٺارڻ لئہ
چپن کي چاھ مان چُمجي
اُجايل عشق ڪُنواري کي
بدن جي باھ سان ٻڪجي
مجازي موج تي آهي
بدن هي بخملي منهنجو
پُراڻي اوج تي آهي
اچي ڏس هاڻ تون مون کي
سڏي ٿو چاچرو توکي
هلي آ ڊاٽ ڏي ڊوليا
اچي بس ماڻ تون مون کي

◈◈



# چتن کي تون چوڙي سجني

ارڏي آرس موڙي سجني
تن تي پيلو ويس سجائي
چانڊوڪيءَ ۾ چوڙا پائي
ڪجلن نيڻن ڪاجل پائي
مخمل جا کي ٽوئر لڳائي
چوٽي ڳاڙهو گُل هٽي پوءَ
خود کي خود سا پيٽي پياري
محبت سان من ريٽي پياري
منهنجي اک سان جانچي ڏس تون
سانوڻ گھاٽي ڪنڊير جھڙن
واسينگن کي وانچي ڏس تون
توکان سُهڻو سانوڻ ناهي
من کي توبن پانوڻ ناهي
تنهنجو تجلو وچ اُتر جي
اونڏاهي ۾ لاٽ جيان آ
تنهنجي هوڏ هٺيلي سانئڻ
اوچي اوچي ڳاٽ جيان آ
تنهنجي بنديا لال گُلابي
اُجري اُجري ٻاک جيان آ
توکان روشن چنڊ بہ ناهي
تون جو مُرکي روز منڊين ٿي

اهڙو ڪوئي منڊ بہ ناهي
تون جا هلڻي حُور هلين ٿي
اهڙي هرڻن چال ڪٿي آ؟
تون جا راڻي رقص ڪرين ٿي
اهڙي مورن چال ڪٿي آ؟
تون جو ڳائين گيت رسيلا
اهڙي ڪويل لات بہ ناهي
ڪلنڊي ڪلنڊي نچ پياري
توکي ڪوئي مات بہ ناهي
اُڏندي اُڏندي اچ پياري
اهڙي ڪاري رات بہ ناهي
جهڙا تنهنجا چيڪ چتن ۾
چمر بڊي جا چم چم چٽڪن
تنهنجا نيڻ بہ مئڪدي جيان
مومل گهائي حال وجائي
تنهنجي چاتيءَ چيل چٻيلي
جنهن تي جهومي هڪڙي دهري
تنهنجون ٻانهون ريشم ڏوريون
ڪپهہ وانگي ڪونئريون گوريون
جن ۾ چٽڪن چنچلِ چوڙيون
تنهنجي پايل وڏ ڦُڙي جيان
چمڪي ٿي ڏس چيلڪڙي جيان
تون جو ٺهڪ ڏئين ٿي سجني
اهڙو ٺهوڪو مور بہ ناهي
تنهنجو آنچل اندلٿ جهڙو
اهڙو آپي پور بہ ناهي
وسندي مينهن ۾ ويس پُسائي
تون جو پيڙي پاڪر ناڪي
دل ڪي دل سان راس ملائي
هلڪا هلڪا ساهہ ڪٽين ٿي
اهڙي خُوشبوءَ گُل ڪٿي آ؟
تنهنجو سانئڻ مُلهہ ڪٿي آ؟



# هن ٿر جي ٿڌڙي ريت مٿي

شام لڙي جو پير پساري
تو جا جانجهر پاتي آهي
لهندي اولهہ سج لڪن ۾
تو ڏي جهاتي پاتي آهي
سوچي وينو چنڊ گگن ۾
ڪنهن لئہ ايڏي آتي آهي
هلندي هلندي پير ٿڙن ٿا
مڏومتي جي چولين وانگي
چُلي اُڏاڻي چاتيءَ آهي
بن ۾ وياڪل ڪويل وانگي
تو جا ٻولي ڳاتي آهي
تنهنجا ٻول تہ هير ٿڌي جيان
هانوَ هندوري لوريون ڳائين
تون آنءَ ڪاڪ پٽن جي راڻي

تو ۾ مرڪن مومل ماڻا
تو ۾ سونهن سنجهي جا ٽاڻا
تنهنجي ڳوڙهي ڇانوَ ڇتن جي
جهوني ٻڙ کان گهاٽي آهي
ماڪي جهڙي چاش چپن جي
موڪيءَ جي ڪا ماٽي آهي
ريٽ ٽڏي تي رمندي ڪُڏندي
تون جا گهير گهٽا ٿي برسين
ڪنهن تي ڪون ذرو ٿي ترسين
وڄڙين وانگي انگ ورائي
تون جو ناچ نچين ٿي ديوي!
فطرت ڪي بہ ڄچين ٿي ديوي!
تنهنجا انگ انگورن جهڙا
تازن تازن موتين وانگي
آد جڳادي خوشبوءَ تن ۾
تنهنجون اکيون مد ڪٽورا
ڪيپ خُماريل ڳاڙهيون ڳاڙهيون
تن ۾ ٿاندو ناچ نچي ٿو
منهنجي من جو پاڳل شوڙو
توکي ڪيڏو راس اچي ٿو
جوڀن ڪاري بادل جهڙو
هرڻي اک ۾ ڪاجل جهڙو
روز گگن کي گهائي وڃهندو
تنهنجو جوڀن جلوو سانئڻ
اُپ ۾ اڏندي آنچل جهڙو
تنهنجو روپ اسان لئہ راڻي
ساري موڙي پونجي آهي

◈◈



## سپاڳي وطن جي اپاڳي اديءَ

اُجهائي سمورا اُميدن جا ڏيئا
تمنا جي چُوڙين کي ٽوڙي ڇڏيو
ٽڪي ڏُک جيون ۾ پوڳي يڪو
حياتي کان منهن نيٺ موڙي ڇڏيو
وجهي ڪونج ڳچي ۾ ڦاهو وڏو
اُنهن بي ضميرن کي پوندو ڏنو
جنهي وات ٻُڪئي مان ڳيو هو ڇنو
انهن ديس دروهين جا مهانڊا ڏسي
ويو ساه وڻن جو هو تو ۾ مُنجهي
جڏهن تو هوا جي هندوري لُڏي
ڇيو پي ٻچن جي پارت اٿئي
تڏهن ديس دانهون ٿي ڏاڍيون ڪيون
جڏهن تو پڇاڙي جي هچڪي ڀَريءَ
تنهنجي ڪنن جا ڏُرگهل بہ تو لئہ رُنا
تنهنجي ٻانهُن ۾ پاتل چوڙا ٽُٽا
تنهنجي ڳلي ۾ راسُوڙا بہ اٽڪي پيا
تنهنجي سهيلين جي ساهن ۾ ٿوهر اُڳا
تنهنجي وارن ۾ وجهڪيا پي ڪارا سڳا
تنهنجي هٿن تي ميندي رت اُلٽيون ڪيون
گهر جي لوڏ تي لچيا تولئہ ليلا لٽا
اڙي ديس منهنجي جي دراوڙ ڌيءَ
مجان ٿو توکي بہ هئي زندگي مني
مگر سور صدما نہ سهي تون سگهي
وڏي جنگ جياپي جي لڙندي مُئي
ڪندو ديس نياءَ هڪ هيمي بہ هئي
جا ٻُڪن ۾ تڙپي ۽ ڏکن ۾ وئي

◈◈

## تنهنجي اکين جي نيرڙي ندي ۾ لهي

مون ٻہ اسڪاچ ۽ شيمپيئن هو ماڻيو سکي
مون کي اجا تنهنجي نيڻن جو نشو آ پرين
مان خمارن ۾ ڪڙندي ٿو چوندو وتان
مان سدا تنهنجي اکين کي اوڏو هجان
مان پري پيگ تنهنجي جواني پيئان
مان جهرڻن جي تو ۾ ئي رواني ٿيان
مان تو ۾ اُڀان ۽ تو مان ڦٽان
ٿو سمورو تنهنجي پڳن ۾ پوان
مان جڏهن ٿو اُلجهي چڳن ۾ پوان
مان چوان ٿو چوان او منهنجا پرين!!
تون راڌا ۽ ڪرشن جو سنگم لڳين
تون بالي جي ٻيٽن جو بدن لڳين
تون نمن ۾ لڏُندڙ نموري لڳين
تون سهاڳڻ جي سر تي پٿوري لڳين
تون ڪيندي ۾ چانهہ جو ٻُوٽو لڳين
تون هوا جي هنج ۾ جهوٽو لڳين



تون سٽي جو اچو ٿي ڦُلڙو لڳين
تون لٿي سج موتئي جو گُلڙو لڳين
تون ٻارن جي کيسي ۾ خرچي لڳين
تون اظهار محبت جي پرچي لڳين
تون گهٽن جي اکين ۾ مرچي لڳين
تون ستارن جي اکين ۾ سرما وجهين
تون اسانجي نکن ۾ ناکيليون هٽين
تون پکين جي پيرن ۾ ڏاڳا ٻڌين
تون معصوم ٻارن جي حسرت لڳين
تون هوا جي هٿن تي مينديون هٽين
تون خوابن ۾ کلندي پئي لانئون لهين
تون پلر کي شربت ڪري جو پيئن
تون جيئن تون جيئن او چاڳلي چري
تون ٻڪري جي ٻارن سان ڳالهيون ڪرين
تون وڻن جي ڪراين ۾ راکيون ٻڌين
تون ڪونيٽ جي پلڙن کي چيرون چوين
تون جهومڪ جي مينن کي پيرون چوين
تون ٽڪيون ۽ سوپاريون سنپارون مُڪين
تون وکاريءَ جي پچندي تي گلڙا چٽين
تون قديم سنڌ جو استعارو لڳين
تون ڳچي ۾ ٹُنبي جو ٽاجوئا ڪٽين
تون ڳلن تي زريءَ سان ٽيلا ڪڍين
تون پرتن ۾ پريتم لئہ چميون ٿي پرين
تون سوين قهر نت روز نوان ٿي ڪرين
تنهنجي نشن مان ڪئين نکرون او منهنجا پرين!

# او ڏيله ڏکي چوکري

هي چال تنهنجي پوپريءَ
ٿي ٻولي لڳي چين جي
ٿو کير وانچي چوپڙيءَ
آ ڏاڍي ڏُکي مام کو
هي نيڻ تنهنجا جام کو
ٿا ٿيڙين روز چوکرا
هي اوپرا هي اوپرا
تون کائي گهٽا کوپرا
ٿي ناهين روز ونکي
هي چيلهه تنهنجي سنهڙيءَ
ٿي ونگ وجهي لمندي
تون وار چنڊين وهنجندي
تون خوب جچين کلندي
ٿو موهه وڌي ملندي
تون لوڏ ٻڌي لام ۾
ٿي روز لُڏين گام ۾
ٿو ساهه مُنجهي کام ۾
تون بول ٻولين مٺڙا
هي چوري چور چپڙا
مان وٺان تنهنجي نام کي
جئين سيتا جپي رام کي
مان تو ۾ ڳوليان پاڻ کي
تون مُور نه پرکين مام کي
ٿي روح چيڙي راڳ سان
هي چير تنهنجي چيگريءَ
او ڏيلهه ڏکي چوکريءَ



ٿي روز ٻوڙين ڳيرو
تون گهائي پنهنجي گهور سان
ٿو چنڊ ڏسي دور کان
تون نار پنهنجي نور سان
ٿي روز منڊين منڊ کي
هن جوپن سندي ٻُور سان
تون لڳين ندي ويکريءَ
او ڏيله ڏکي چوکريءَ

هي پيرون منهنجي ديس جا
کي راتکا کي آچکا
ٿي چونڊين مون لئہ چاهه مان
مان چمان تنهنجا چپڙا
هي هرک جهڙا هٿڙا
تون پائي پيلا کپڙا
ٿي وٽين مونکي ائين
جئين عورت وٽي انبڙي
جئين مرد وٽي مرچڙي
جئين ميٺ کائي مورَ ۾
کا نار پاريءَ پير سان
ٿي وٽي پنهنجي ور کي
جئين سُگهڙ رکي گهر کي
ٿي لڳين مونکي ائين
جئين تري پنهنجي ترنگ سان
ٿي ڊنڊ مٺي نيرگي
جئين مور مٺي کلنگي
جئين ڊيل اچي ڊکندي
جئين کلي کُڏي واچڙي
جئين ٻار کلي نند ۾
جئين مندر گونجي گهنڊ ۾
جئين وسي نور چنڊ ۾
تون منڊين پنهنجي منڊ ۾
جئين کويل ٻولي ون ۾
تون وڃين منهنجي من ۾
۽ لڳين مون کي بانسري

# هُو ٻالڪ ننڍڙو موچيءَ جو

ٽو پاپي پيٽ لئہ جُتيون ٺاهي
ميڻ پُسائي آر ارائي
سڳا سوهي سوچي وينٺو
هُو جو تونگر تر سنڌءِ جو
منهنجي پر سان روز لنگهي ٿو
منهنجا ووٽ وٺي هو چڙهيو
هاڻي مونکي ڪون ڪنگهي ٿو
هن جا شاهي سُک ڏسي بس
مالڪ تو ڪان سوال پڇان ٿو
منهنجو ڪهڙو دوش ديالو
منهنجو لکيو تو ئي لکيو
هاڻي تون ئي نيٺ نياءَ ڪر
مان پي ماڻهون هُو پي ماڻهون
منهنجا هن جا رنگ ٻہ ساڳيا
انگ ٻہ ساڳيا ننگ ٻہ ساڳيا
پوءَ هي ڇو تقدير نرالي
منهنجو پيءُ مزدور ٻٺي جو
ٻچن ڪارڻ ساري زندگي
رُکي روٽي مرچ سان کائي
لسي ٻدران لُڙڪ پيئندي
مٽيءَ ڳوهي نيٺ مري ويو
منهنجا لٽا ليڙون ليڙون
تن تي چتيون چوپا ڏاڍا
هن جا ڪاٽن ڪوٽ ڪرنڊي
هن جا بُوٽ ٻہ سونا روپا
هن جا ڪُتا روز ڪڙهايون
کائي ڪيڏا خوش ٿين ٿا



منهنجي هڪڙي پيٽ ٻڪايل
تارا تڪي روز سُمهي ٿي
درد نہ ان جو ڪوئي ڄاڻي
جيڪا اصلي ديس ڏجاڻي
ڳيي لئہ پٺڪي وڳي لئہ پٺڪي
ٻنان جُتي جي ٻرن ۾ پوڳي
سليٽ پين ۽ قلم لئہ تڙپي
آديواسي علم لئہ تڙپي
مون کان ڪيئي سوال ڪري ٿي
هن ڪي ڪهڙو جواز ٻُڌايان
پنهنجي ديس ۾ ڏاريون آهيان
منو جي جوڙيل منحوس سسٽم
اوچ نيچ ۾ اڇُوت آهيان
ڇو جو سنڌ جو سپوت آهيان
ڪٽا ٺاهيان شهر سجايان
ٻنيون پوکيان ٻار پڙهايان
امير ديس جو غريب آهيان
مگر مان بي ضمير ناهيان
هُو ٿو وڪڻي ووٽ اسان جا
ٻنيون ٻارا ڳوٺ اسان جا
هن ڪي پنهنجو انگ منو آ
مون ڪي سڀ ڪان اول اسان جي
ديس پلي جو ننگ منٺو آ
ٻُکون کاٽي پيٽ پڙهائي
پنهنجو سپنو پورو ڪندس
اُماس جهڙي تاريڪي ۾
دُرگا نيٺ سُهائي ٿيندي
سقل تڏهن هي ڪمائي ويندي
ائين هو سوچي پاڻ سنڀالي
جُتيون جوڙي لُڙڪ اُگهي ٿو
جڻ هو پنهنجا زخم سُبي ٿو

◈◈

# ڏينهن تتي جو ڪاري
## ڪولهڻ

ڌنوانن جي در جي اڳيان
وياڪل وياڪل بيٺي آهي
هُن جي هٿ ۾ لوٽي آهي
جهڻ جي لپ لئہ پيئي واجهائي
زندگي ساري ڪوٺي آهي
جيون هڪڙي روٽي آهي
هن جي جهيٽي سڌ ڪي ٻُڌندي
ڇهونيءَ ڪٺ تي ڪنگهندي پنهنجي
نُنهن ڪي نوڙت منجهہ چوي ٿي
"لاڏي هن ڪي جهڻ جي لپ ڏي"
لاڏي چپ مروڙي چئي ٿي
"هي جا ڪولهڻ روز اچي ٿي
ٻُڪ جي ٻارس ڪون مري ٿي
ڏاڍو هاڻي تنگ ڪري ٿي
روز وڙهان ٿي پوءَ بہ اچي ٿي
نڪ جي نرجي ڪون مُڙي ٿي
ڏينهن تتي جو نند ڦٿي ٿي
نندڍ ڦٿائي جهڻ ڏيان ڪئين"؟
ڪولهڻ ڪنڌ جهُڪائي چئي ٿي
نندڙو ٻالڪ ٿج گهُري ٿو
هُن کي خالي ٿڻ ڏيان ڪئين؟
هُن جي خاطر روز اوهان جا
ممتا ماريءَ ويڻ سهان ٿي
ٻُڌ وڏيري پيڻ چئان ٿي
نہ ئي نڪ جي نرجي آهيان
نہ ئي ٻُڪ جي ڀاڙي آهيان
ها پر مُقدر ماري آهيان
ڏيل ڏُڪارن ڳاري آهيان
ڌرتي پنهنجي در در پٽڪان
پنهنجي ديس ۾ جهڻ لئہ تڙپان



# هلندي هڪڙو خواب
## ڏسان ٿو

ٿر تي ڏينهن ڏُڪن جا ڏسندي
سامي ويري ساک پري ٿي
ٻيهر ڪوئي ڪوسو ڇٽندي
پاٻُوهر ۾ پير وڃن ٿا
ڪينئرو گهوڙي ساڻ اچي ٿو
ڌرتي خاطر هاڻ اچي ٿو

رتن سنگهہ جي ريت نيائي
هٿ ۾ ڪٽيو ٻاڻ اڇي ٿو
نُهٽو پيي ڪو ننگ رکي ٿو
فقير جهڙو فرد ڄمي ٿو
ڪونپاري مان ڪوڪ اڇي ٿي
ڪولهڻ سائي ڪُڪ ڪري ٿي
روپي جهڙو ڪونڌر گهرجي
پنهنجي پومي پاڳ بچائي
ويرين جا سڀ وڻ وڄائي
پورڻ واءَ جا پٽ مچائي
ڪيسُو جهڙو ڪنور گهرجي
پوڏيسر جي لڄ بچائي
پوڏي جهڙو پنور گهرجي
ٻُهراٽي جا ٻار چون ٿا
ڪلجي جهڙا ڪونپا گهرجن
روپا ماڙي رڻ گجي ٿو
ٻاگهل ويرا دودا گهرجن
ويراواه جا وڻ چون ٿا
لاڏي جهڙا سوڍا گهرجن
ٿلٽي ۾ پيي ٿاه وجهي جو
اهڙو گهوٽ ٻلاول ڄمندي
ٿاريليءَ هر نار چوي ٿي
پنهنجا سونپي ٻار چوي ٿي
ڌرتي خاطر رت ٻہ ڏيندي
ساه ٻہ ڏيندي ست ٻہ ڏيندي
پاڻ وڄائي پٽ ٻہ ڏيندي
ٻختاور جي پيڻ سڏائي
تروٽن جا تر تپائي
پنهنجا ڪيٺ بچائي ويندي
ڪتيون چيٺ بچائي ويندي
◈◈



## وقت وڏو ڪو وحشي آهي

وقت نہ ڪنهن جو ڏوڙي پيڇي
وقت ڪُميتن وانگي ڊوڙي
وقت نہ ڪنهن جي واٽ ڏِسي ٿو
جنهن کي چاهي تنهن کي ڊاهي
وقت نہ گهر ۽ گهاٽ ڏِسي ٿو
وقت سراسر اوکو آهي
وقت اُنَي جون خبرون ڏي ٿو
وقت سُڪارن جهڙو آهي
وقت ڦُڙي لئہ خوب سکائي
وقت ڏُڪارن جهڙو آهي
وقت سراسر هڪڙو ناهي
وقت هوا جي جهونڪي وانگي
ڪڏهن گرم تہ ڪڏهن ٿڌو
وقت وڻن جي ڇايا وانگي
وقت نسورو مايا وانگي
وقت وتائي جهڙو آهي
ڪنهن کي لڏو ڪنهن کي ٿيلها
ڪنهن کي روز ڳره جي ڳولا
وقت گدا کي حاڪم ناهي
وقت راجا مان رنڪ ڪري ٿو
وقت هٿن تي ميندين لائي
دُنيا ساري سرڳ ڪري ٿو

وقت صدين جا گهاوَ پري تو
وقت متي جي مانگ ڦٽائي
ناريءَ جيون نرڪ ڪري تو
وقت نوان ڪي ڦٽ ڪري تو
چاري پلي چٽ ڪري تو
وقت متي جو موڙ ٿئي تو
وقت خوشين جا ٿال سجائي
ڪنهن کي دولت شهرت ڏي تو
ڪنهن جي عزت پاڻ لُٽي تو
وقت نوان ڪي ناتا جوڙي
وقت پُراڻو پيار ڇني تو
وقت ٻُڍا ۽ ٻار ڇني تو
وقت جواني سونهن کسي تو
وقت وڇوڙا ويڙهي ڄاڻي
وقت ڏُکن کي ميڙي ڄاڻي
وقت روئاڙي وقت کلائي
وقت وڇڙيل نيٺ ملائي
وقت هلڻ جو هنر سڪائي
وقت دُنيا جي پرک ڪرائي
وقت پيڻ جو پرم ڀُلائي
وقت ماءُ کان ڌيءَ کسي تو
وقت پُٽ کان پيءُ کسي تو
وقت ڀاءُ سان ڀاءُ وڙهائي
وقت جُڳن کان جنگ لڳائي
عالم کي حيوان ڪري تو
وقت نہ ڪنهن جو ٻيلي آهي
وقت نہ ڪو انسان لڳي تو
وقت تہ ڪو ڀڳوان لڳي تو

◈◈



## رات نماڻي چنڊ ٻُڏايو

"اندران"سُڏڪي ائين چيو پي
ڌرتي تنهنجي هنج هندوري
هڪڙو ارڏو پٽ سُمهي پيو
آزادي جي اوڍي چادر
ائين لڳو ڄڻ ڀُڳ سُمهي پيو
سنڌ جي فڪري امبر جو ڏس
رات گرهڻجي چنڊ ويو آ
سُور انهي جي سونامي ۾
ٻُڏي ايشيا کنڊ ويو آ
مهنجا پيارا بابل تو بن
ڪيڏي رات انڌاري آهي
وياڪل هاڻي هن وطن ۾
تنهنجي راڄ دُلاري آهي
توکي ساري سنڌو ماتا
رت جا ڳوڙها ڳاڙي ڳل تان
ويري تي هيئن وار ڪري ٿي
مهنجو پٽ ازل کان ارڏو

موت نہ تنهن کي ماري سگھندو
منهجو کير کٿوري جهڙو
کو بہ نہ تنهن کي کاري سگھندو
صديون هن جو سونهن کٽنديون
"سر ۾ سانجهي وير" لکيو جنهن
"چانڊوڪيون ۽ چيٽ" لکيو جنهن
تنهن جي اُجري" روح ۾ ريلا "
آزادي جي نيل دريا جا
خواب سُمورا ساڻ کڻي ويو
آزادي جو ارڏو ماڻهو
رات رمي ويو" ٿر جو ماڻهو"
چانڊو کي سان چاهہ رکيا جنهن
وطن تي ويساهہ رکيا جنهن
ڏيما ڏيما مد پئيندي
سنڌ جا سُور صفحن تي لاٿا
روحل واه جي ريٽ ٿڌي تي
"باغي" جا جنهن گيت بہ ڳاتا
پاپي پيٽ کي پرتي رکندي
سرتي سُک سُمورا تياڳي
ڌرتي کي جنهن دل سان لاتو
تنهن جو قد پڇين ٿو ڪانئر
تو کان هڪڙو سوال پُڇان ٿا ؟
ڪارونجهر کي ماپي سگھندين؟
هُن جو قد ٿهان ئي اوچو
آڌي ويلي دانهن ڪري هُو
ڪارونجهر جو مور چوي ٿو
ڪارونجهر جو مور چوي ٿو

◈◈



# هڪ ڏھاڳڻ عورت جي اڳڪٿي.

هُوءَ جا ڪومل ڪُونجهيءَ آهي
سا تہ يُگن کان يوڳي آهي
چُونئري ڦرندي ڏنءَ ڏنو جنهن
ان تي کهل ڪونہ ڪيو ڪنهن
سينڌ سنواريل سندرو لاهي
ٿول سمورا ٿوڙي ڦوڙي
ويس اڇي ۾ جيون گھاري
قسمت ماريءَ ڏينهن ڪٽي ٿي
هُوءَ جا جوڳڻ جوڳ سڄي ۾
ڪارڪ ڪائي پيٽ پري ٿي
اُن جو جوڳ نہ وئرٿ ويندو
هُوءَ جا پوڄي فطرت ويٺي
تنهن لاءِ سوچي قدرت ويٺي
هُن سان هيڏو قهر ڪيو چو؟
هُن جو جيون زهر ڪيو چو؟
هُن جا خدا هن جا داتا
نکٽ تارا نيل گگن جا
جنهن ۾ جهانڪي جوتش جانچي
سڀ ڪجهہ ڀانپي سڀ ڪجهہ ڀانپي
پيد وڻن جا پرکي ٿي هوءَ
هن جو جوتش هيئن چوي ٿو
هيل گگن ۾ گونج نہ ٿيندي
هيل پٽن تي بوند نہ پوندي
جاڙا ڏکر جاڙون ڪندا
مال پٽارا راڙون ڪندا

هيل رُتن ۾ رنگ نہ رهندا
گهنڊويون ڳانا چنگ نہ رهندا
ڪنهنپي جهڙيون خُوب گهٽائون
هيل نہ ٿينديون اپ جو گهونگهٽ
هيل برن ڪان برڪا رُسندي
وانگيئڙن ڪان ورڪا رُسندي
ديوالي تي ديپ نہ ٻرندا
هيل نہ هولي رنگ رچندا
عيد نہ ڪائي ديد پسيندي
هرڪو جُنبش جيءَ لئہ ڪرندو
پاڻ پڳاري پيٽ ئي پرندو
ڪنڪو ورنيون ڪونج ڪُنواريون
ورتولن تي وار سنواري
راسُوڙن تي رقص نہ ڪنديون
ساجن ڪارڻ پاڻ پڌاري
جل تي ڏيئا عڪس نہ ڪنديون
اپ ۾ تتر ڪرڙي هوندي
اڀون موگون آڙا تيندا
ڪتي ۾ پي ڪاڙها تيندا
چندرما تي جل پي چڙهندو
آڪا ٻيج بہ چمڪي پوندو
پوءِ پي بارش اُپ ۾ هوندي
ڪنوٽن ڪجڪا ڪيل ڪنياتا
اندلت امبر ميگهہ نياپا
هيل نہ ڪوئي آتت تيندا
مُنهنجي تر جا مارو پيارا
پنهنجا جهوپا جُهگيون جهوري
بئراجن ڏي پٽڪي ويندا
خالي امبر جانچي جانچي
نيڻ نماڻا تڪجي پوندا
نيڻ نماڻا تڪجي پوندا

◈◈



## ”سنڌ“

سنڌ تہ آهي ديش اسانجو
جنهن ۾ رهون ٿا سادا مارو
ديس بہ سادو ويس بہ سادو
ازل کان سادي سنڌ ثقافت
جنهن تي دنيا دنگ رهي ٿي
سنڌي ٽوپي ٽاٽ ٽڪن سان
نراڙ تي پائي لوڏ ڪيون ٿا
اجرڪ سان آ عشق اسانجو
پٽڪا پائي گوڏ ٻڌون ٿا
اسانجون ناريون صفا ڪي ساديون
ڳل تي هٽڙا گول گهمائي
لاڏا چرميون ڏورا ڳائين
ڏُهري جهومڪ والا پائين
ڏرتي جو ٿيون مان وڌائين
ڪوڏ ڪري هو پرت پرن تيو
ڪچو پڪو هُرمچ ٽانڪو
ٽُڪ تي رليون ٿونئر ٽنديلا
ڪتا لويون ٿان اسان وٽ
سنڌي آهيون شان اسان وٽ
ڪرڙن ڏينا ڪاڄ اسانجو
ٽڏا ٽوريون ڏاڄ اسانجو
ڪيڏو سادو ڪاڄ اسانجو
پابوڙا پوشاڪ اسانجي
دنيا تي آ ڏاڪ اسانجي
صدين جي تاريخ هئين چوي ٿي
اسان نہ ڪڏهن ڪا آڻ مڃي آ
اسين ازل کان ارڏا آهيون
اسين نہ ڄاڻون هندو مسلم
اسين نہ ڄاڻون ڪافر مومن
اسين تہ آهيون صدين کان صوفي
اسانجو ڌرم بہ ديس اسانجو

اسانجو پرم بہ پونءَ وطن جي
اسانجو ڪرم بہ ڪير نہ ڄاڻي
ڪنهن کي ڪائي ڪل نہ آهي
تنبوري جي تار وڄائي
ڪي جو ٻيجل ٻولي ويتو
سرمد صوفي سچل ڳائي
جهنگ ۾ جهونا روز جهومائي
سنڌ تہ بيت پٽائي آهي
سنڌ تہ بيت پٽائي آهي
سنڌ ۾ جهولي لعل قلندر
سنڌ ۾ ڪينجهر سنڌ منڇر
سنڌ ۾ مڪلي سنڌ ۾ موهن
سنڌ ۾ گورک سنڌ ۾ ننگر
سنڌ ۾ ديبل سنڌ ۾ ڪاهو
سنڌ ۾ ڪاڇو ڪيتي بندر
سنڌ جي ساري ڌرتي پياري
صدين جو اهڃاڻ لڳي تي
سنڌ جو ساگر سون سريکو
جنهن ۾ هيرا موتي اُپجن
سنڌ تہ هيرن کاڻ لڳي تي
سنڌ جون ٻنيون ٻارا ٽليون
جنهن ۾ مرؤُو موتيو مُگرو
سنڌ سڄي سرهاڻ لڳي تي
تون تو چاهين سنڌ جي ڌرتي
هرڪو وڪڻي هرڪو ڪائي
سوچ نہ اهڙي ڏار مڪاري
سنڌ نہ ڪوئي سودو آهي
سنڌ سدائين لڙندي رهندي
سنڌ تہ دولهہ دودو آهي
سنڌ جا رُوپا سنڌ جا هوشا
سر ڪٽائي سُرخا ٿيندا
سنڌ نہ جنهن کي تنهن کي ڏيندا
سنڌ نہ جنهن کي تنهن کي ڏيندا...!

◈◈



# صادق فقير کي پيٽا

سنڌ جا صادق سون سريکا
تو جا ڳاتا گيت صدين جا
تن کي ساري سنڌ روئي ٿي
ويڳاڻي هر جند روئي
جنهن لئہ توهي ٻُول ٻُرايا
چيٽي چنڊ جا چمڪا ڳاتا
چوڙيلين جا ڪجڪا ڳاتا
وڏوائن جا سُڏڪا ڳاتا
مظلومن جي احساس ۾
اکين جا تو الڪا ڳاتا
محبوبن جا ماڻا ڳاتا
سنڌڙي جا تو راڻا ڳاتا
"متي ماتي لايان" جهڙا
"دلڪش منظر " سارا ڳاتا
ڏيک ڏکارن پارا ڳاتا
قومي گيت صدائون سنڌ جون
جن کي ڳائي امرتا پائي
پنهنجو جيون وئين سجائي
ٻاٻيهن کان ٻول چُرائي
تو جو راڳ ملهاري ڳاتو

ان جي صدقي تو تان گھوري
اندر ڪيڏا ميگهہ منڊايا
تنهنجو اهڙو سڏ نرالو
اڏندڙ ڪونج گگن ۾ گهائي
پاٽيارين جا پير جمائي
وڄندڙ چمڪا چير ڇُپائي
راڳي تنهنجو راڳ رسيلو
جهڙو بندرابن ۾ ڦوڪي
ڪان ڪنور ڪا مُرلي وينو
گوپين ڪي ريجهائڻ لئہ
۽ پريم ڪي پرچائڻ لئہ
مُرلي منوهر موهن لالا
تنهنجي بندرا توبن پيارا!
هاڻي هيڪل وياڪل آهي
گوهر گوپيون چيل ڇٻيليون
سُڏڪي ساري ڪان ڪُنور تو!
لُڇندي پڇُندي ائين چون ٿيون
ڪوئل جهڙو ڪنٺ ويراڳي
صدين ڪانپوءِ ايندو آهي
صادق جهڙو سون سريڪو
راڳي وڙلي هوندو آهي
جنهن لئہ جنتا جاڳي ساري
هنجون هاري ديپڪ ٻاري
شردائن جا ڦول چڙاهي
لڙڪن پيتا روز ڏي ٿي
لڙڪن پيتا روز ڏي ٿي

◈◈



## ڏسين ٿي ڏور ڪان ويهي

اسان جي حال هيٺي ڪي
ڪلين ٿي ٿهڪڙا ڏئي
اسان جي راڳ جهيٺي تي
چري هن سُور بيٺي تي
چڏي تو چاپ اهڙي آ
حياتي ٿوه جهڙي آ
پرين تنهنجي پُڄاڻا پوءِ
اَڪين ۾ جاڳ ٿي ڦٽڪي
ننڊ جو ڪو پتو ناهي
تڪي تارا ٿڪا آهيون
نڪي ٿا چنڊ ڪي چاهيون
نڪي ٿا سج ڪي پانيون
نڪي ٿا سونهن ڪي پوڄين
نڪي ٿا راڳ ڪو ڳايون
صفا بي سُڌ پيا آهيون
نڪي ٿا پاڻ ڪي ڻاهيون
مٿا اُجڙي ويا آهيون
وڃون ڪنهن مئڪدي ۾ سو
پيئڻ جو پور پي ناهي
ڇُمون ڪنهن چنڊ جا چپڙا
لبن سان لنئون پي ناهي
سمهون ڪنهن سونهن سان سانئڻ
بدن ۾ باھ پي ناهي
حياتي هاڻ چا آهي
لڳي ٿو ائين پرين پيارا
رڳو بيوس بدن پيو آ
ڪلهن تي جڻ ڪفن پيو آ
اجا پي تون ڪلين ٿي ڙي
اسان جي هن حياتي تي
ڪلڻ هاڻي اجايو آ
پري ڪان ئي ڏسي وچ تون
ملڻ هاڻي اجايو آ

◈◈

## آشا

آشا توتي جڳ جيئي تو
هڪڙي تون آنءَ جنهن تي هرڪو
خواب ڏسي تو راهه تڪي تو
روز جيئي تو روز مري تو
ڪيڏي ڪومل پياري آشا
جرڪائي ٿي جيون سارو
وڌوا لئہ ڀي هڪڙي آشا
هُن جو پُٽ وڏو ٿي پوءَ
هُن جا درد سمورا ڌوئي
نيٺ سُکن جا سج اُڀاري
ويندو بيڙا پار اُڪاري
اُجئي لئہ ڀي هڪڙي آشا
هيڏي بنجر دنيا ۾ ڪٿ



ڪا تہ ترائي جل ٿل هوندي
بکيو ڪهڙي جاڻي پاشا
هُن لئہ ڀي آنءَ تو ئي آشا
نيٺ ڪٿي ڪو لولو ملندو
خيمي ۾ جنهن رات گذاري
اُن جي من ۾ پٽڪي آشا
انگ اگهاڙيءَ اولو ملندو
وڻجاريءَ جي من ۾ آشا
وڇڙيل ڪانڌ نيٺ تہ ورندو
ڪونجي چوڻ چُڳي ٿي بن ۾
ويندس موٽي ماڳ وطن ڏي
آشا اُلجهي هُن جي من ۾
ڏيهہ ڏڪاريل ڏوٽين جي ۾
هيل پٽن تي برڪا وسندي
ترين لئہ ڀي ڪيڏي آشا
ڏور پرين ڪان ڌُڪيارڻ جا
قيد حياتي ڪاٽي ويٺي
هُن جي اندر ۾ ڀي آشا
نيٺ ڏکن جا ڏينهن سمورا
گهاري ويندي گهايل جندڙي
ٿيندو ميل پرين جو پڪ سان
ائين هوءَ سوچي قيد بندن ۾
ڪلندي ڪُڏندي خوب چوي ٿي
آشا ناهين جي جيون ۾
پوءِ هي جيون زهر لڳي ٿو
ڪرب قضا جو قهر لڳي ٿو

◈◈

## هلندي هانسل سوڍيءَ کي اڄ

پورڻ واءِ ۾ پور اڇي ٿو
کيسوٻاءِ کي ڪير ٻُڌائي؟
هُن جو ٿر ٿڪو پيو آهي،
رُوپي جو آ راڄ رُلي ويو،
ڪاسٻو پِي ڪومايل آ،
انچليشورجي شام اپوڳي،
ڪونيٺ ڪنڌي لام اپوڳي،
سارنگا جو رُوح لڇي ٿو.
ڪجلا-سر پِي ڪورو آهي،
پوڏيسر جي پونءَ تساري،
هيل ٿيو ٿر ڇورو آهي،
ڇيلي جا سپ چارا سُڏڪن،
چوڏس چنڊ ستارا سُڏڪن،
راڻا سر ۾ ريٽ اُڏي ٿو،
هيل ڪنني ۾ هورو ناهي،
مور ڪلنگي رنگ برنگي،
ڇيل ڪڙي ۾ ڇيل ڇٻيلي،



راسوڙن جي ريت پياري،
ننگر تنهنجي نرت نياري،
هاڻي ڪا وڏوا لڳي ٿي،
سامروٽي جي سيم سموري،
سوکھڙي ۾ ساڻي ٿي آ،
موراڙي تي مير پيو آ،
ٿر تي ڪڙڪي قهر پيو آ،
گهانگهيٽي ۽ گولاڙو پِي،
زرد رُتن ۾ زهر ٿيو آ،
هيٺن هينئڙي هول پيئڙا،
ٽڙ ڪولن جو تيج گهٽي ويو،
گوچارن ۾ گاھ ڪٽي ويو،
مارن مُٺ ۾ ساھ اڇي ويو،
ڪنڌي ڪنهن ۾ پن بہ ناهي
گنڌي ڪنهن ۾ ان بہ ناهي
ونگو وٺ ۽ ڍٽ اپاڳو،
پارڪر جو پٽ اپاڳو،
مُهراڻو پِي مينهن پکيڻو،
ڏيهہ ڏڪارو ڏٺ پکيڻو،
آونگ آونگ ان گهري ٿو،
اِتري آءُ اوميگهہ ملهاري،
توبن ولکي ٿر جي ناريءَ.
نِجهرو نِجهرو نير سڪاڻو،
ميگها توکان مينهن گُهري ٿو،
ساوڻ ۾ سَوَ سانگ ڪري اڇ،
هيل چمر کو چاڻي وڄ تون،
مارن مُرڪون ماڻي وڄ تون..!!

◈◈

# انجلي

آئون انجلي ائين چوان ٿي
مونکي صوفي مت وٺي ٿو
جنهن ۾ مُرشد ساهه کٽي ٿو
منهنجو دين ڌرم پٽائي
منهنجو رهبر شاهه سنائي
منهنجي دل درازن ڌرتيءَ
جنهن جو شاعر سچل آهي
منهنجي سوچ ٻه سيوهڻ نگري
جنهن ۾ قلندر مي رقصم
مون ۾ سامي سنک وڄي ٿو
مون ۾ ٻيجل چنگ وڄي ٿو
مون ۾ سنڌوءَ موج ڪري ٿو
مون ۾ ڪينجهر ڪوڏ ڪري ٿي
مون ۾ مڪلي ماٺ رهي ٿي
مون ۾ موهن ماڳ وسي ٿو
بنجر بنجر ڀاڳ وسي ٿو
منهنجي دل جي ڌڳ مٿي او
روح سنبارا رقص ڪري ٿو
منهنجو چهرو چنتا ٻڏل
سنڌين کان انصاف گهري ٿو
مان ويڳاڻي ڪونج وطن جي
جهوريءَ جهريل جند لڳان ٿي
آئون سراپا سنڌ لڳان ٿي
ظالم توتي مار پوي ڪا
موتي ڪيڏو ظلم ڪيو آ
مون کان منهنجو پرم چنو آ
ڪيڏو تنهنجو ڪرم ڪنو آ
مان ته سڏايان سنڌ جي ناريءَ
مون لئه دين ڌرم سڀ ياريءَ
منهنجو مندر منهنجي گيتا



سنڌ جي ڌرتي سنڌڙي ماتا
سي تون مون کان جي ڇنيندين
رڄ ۾ تڙپي تڙپي مرنديڻ
منهنجي گهر جي ديوارن ۾
منهنجي ماتا سڏڪي مون لئه
منهنجو بابل پٽڪي مون لئه
منهنجي ادڙي لڙڪ لڪائي
مون کي ڏاڍا سڏ ڪري ٿي
هن جا ساٿا ساٿا سڏڙا
نيٺ ته تنهنجو انت آٿيندا
منهنجا پريل سرد شوڪارا
منهنجي دانهن دراوڙ آهي
ڪانئر ڪونه ڪنائي سگهندين
مان ته ستي جڻ سيتا آهيان
مون لئه پنهنجا راوڻ ٻٽيا
مون کي ڪوئي رام نه مليو
جيون ۾ ڀڳوان نه مليو
مان ته ٻٽي هان دروپدي جڻ
پري چنيا ۾ لڄ لُٽاٽي
مان ٿي دانهيان سنڌ نياڻي
منهنجي تن جو ٿيو تماشو
ديش دشاشڻ سارو آهي
مون لئه شيام نه ساڙهي ٻٽيو
ڪيڏو ڪلجگ ڪارو آهي
او بلاول منهنجا پائر!
هيلوڪي هن ديوالي تي
ديپ جلائي دل جي اندر
هٿ سان تلڪ گلال لڳائي
تنهنجون آرتيون خوب اتاري
مون جي راکيون ٻڌيون توکي
تن جو قرض نه لاهي سگهندين
مون کي ڪونه بچائي سگهندين
مون کي ڪونه بچائي سگهندين...

◈◈

# ونگي جا واءَ تون
# ٻُڌجان

ڪٿا ھي مون نماڻي جي
ڪلوئي شھر جي پرسان
ٻتن تي ٻٺ ڪاڙھن ۾
مٽي ڪي روز ڳوھيندي
سنجھا ۽ سحر ٿيندي ويئي
ڳپي جي روز ڳولا ۾
اسانجي زندگي ساري
زمانا زھر ٿيندي ويئي
اسانجي حال ھيٺي تي
نڪي ڪنھن ڄام ٿي سوچيو
اکين ۾ اشڪ ھئا ڏاڍا
نڪي ڪنھن درد ڪي وانچيو
سوين لاڏيون لنگھيون پر مان
لکين ڳاڏيون لنگھيون ٿر مان



مگر ڪنھن پي مڙي مون ڏي
ڏنو ناھي ڏُکن ۾ ڪئين
ڪٽان ٿي مان زندگي ھي
جواني ۾ ٻڏل ھوندي
صفا سينگار ۾ ناھيان
وڏي آزاز ۾ آھيان
ھئين تي ھار پي ناھي
پرين جي سار پي ناھي
ڪنن ۾ ڪئين وجھان والا
ھٿن ۾ ٿيا لڦون ڇالا
ڇتن ۾ ڇا ڇٽان مروو؟
ورھين ڪان ھن رھيا اٽيا
وجھي تن ۾ وڏا ڇوٽا
ڪيان سينگار مان ڪھڙا
وڳن تي مير آ ڏاڍو
ڏسي ميري ڪلن مون تي
اميرن جا اڇا ڇورا
ونگي جا واءَ تون ٻُڌجان
ڪسي آھيان ڪڙي آھيان
مگر مان بي وڙي ناھيان
سوين جذبا لڇن مون ۾
غريبي جي اگيان بيوس
رھي آھيان ڊھي آھيان
نڪي ڪنھن عيد لئہ سوچيان
نڪي ڪنھن ديد لئہ سوچيان
نڪي ورلاپ وڳن جي لئہ
نڪي چاھت ڇوڙين جي
نڪي سرمو اکين پايان

نڪي ڪا چير چمڪايان
مگر هڪڙي جُتي جي لئه
سمورو سال سڪان ويٺي
لُڪن ۾ پيي لڇان ويٺي
نصيبن ڪان پڇان ويٺي
ڪيو مون ڏوهه ڪهڙو آ
ڏکن ۾ جو جلان ويٺي
خدا ڪان دعا گهران ويٺي
عزت سان تون ڏجا هاڻي
اگهاڙي انگ لئه چولو
اتر جي اوت ۾ اولو
بڪايل پيٽ لئه لولو
اجايل وات لئه پاڻي
اسان جي بس اها ڪهاڻي
مٿي جا هي پنوڙا ڏس
حياتي جو حصو ٿي ويا
اسانجا جذبا سارا
غريبي جو قصو ٿي ويا
چنل ڪٿ تي سمهي تارا
سموري رات ڳڻيون ٿا
اچي ڪئين ننڊ ڳڻتين ۾
پيو جو تس خالي آ
اٽي جو سير پيي ناهي
اسانجو جو ڪير پيي ناهي
زمانو ڇا سگهي سمجهي
غريبي ۾ گلابن جيان
ٽڙڻ ڪيڏو ڏکيو آهي
مري پيي ڪئين جيئڻو آ



# اسين سنڌ نگري جا نردوش ماڻهون

اسان جي هٿن ۾ گُلن جا حوالا
اسان ڪي رڪي جي اکين تي ڏسو ها
ڦُلن ڪان ٻه هلڪا هوا جئين پسو ها
اسان ڪي جيئڻ ڏيو اوهين پيي جيئو ها
محبت جي مقدس پلر ڪي پيئو ها
اسان ڪي چو اونڌاهي سمجهيو اياڻا
اسين چنڊُ پونم جو پرتوَ هياسين
اسين سج لٿي جو موتين جا گُلڙا
اسين پاڪ ويلا جو شبنم جا قطرا
ڀلا ڇو اسان مان زماني ڪي خطرا
اسين رنگ ڪاري جا ڪولهي هياسين
سڄو ڏينهن مڙها ۽ مولهي هياسين
اسين سنڌ تنهنجي ٻه ٻولي هياسين
اسين رنگ وطن جو، هولي هياسين
محبت جي دُشمن لئه گولي هياسين
اسان گيت ڪوئل سندا روز ڳائي
اسان پوپٽن جيان اُڏارون ڪيون ٿي
مڙهن ۾ ڪي مُرڪي ملهارون ڪيون ٿي
اسان سڪ سارس جئين سيني رکي ٿي
وڏن وڻ ٽُڙن تي ڀڃي ٿڪ صدين جا
اسان ٻول ٻابيهن جئين نغما لکياسين
اسين پاڻ پپيهن جي پاڙي رهياسين
ٽُڏي چانوَ ٿڌيري ڪاڙهي رهياسين
اسان چوڻ چپن سان چُمين جي چڳڻ لئه
پڪين جئين پريتم ڪي پائڻ ٿي چاهيو

نئون دور دُنيا ۾ ناهڻ ٿي چاهيو
اسان جي اکين ۾ اُميدن جا ديپڪ
جلڻ کان اڳي ئي وسايا ويا هِن
اسان جي ڪليجن ۾ محبت جا ڪبوتر
نفرتن جي نيزن سان گهايا ويا هِن
اسان ڪهڙو ائٽم بم ٿي بڻايو
اسين ڪهڙو ويٽو پاور ٿيون ها
اسان ڪنهن جي اُرهي ۾ نہ پرهي ۾ هياسين
مگر لوڪ ليکي گنهگار ٿياسين
اسين بس ائين ئي بنان ڏوهہ مئاسين
مذهبن جي ٻندن ۾ ملي ڪون سگهياسين
هُياسين خوش پوءَ بہ کِلي ڪون سگهياسين
دنيا جي دستورن دلين کي ڏُکايو
ملڻ کان روڪي گهرن ۾ رُلايو
نہ "جيئي" کي جڳ ۾ جيئڻ ڏنو ڪنهن
نہ "مينا "جي تمنا کي سمجهي سگهيو ڪو
رڳا ڏنپ زماني هي گڏجي ڏنا ٿي
ڳنڍيل نينهن ناتا ڇڪي ۽ ڇنا ٿي
اڪيلي عذابن ۾ گهارڻ ڏُکيو آ
انهي جي ڪري بس ابد لئہ ملياسين
اڳي هڪ هياسين ۽ هاڻي بہ ٿياسين
اسين هڪ رسيءَ ۾ مالها جا مڻيا
اوهان جي ڦيرڻ کان مٿي ٿي ويان هون
اسان کي جپي ٿي خُدائي خُدارا...!
اوهين پي ڏسو شل جدائي خُدارا...!

◈◈

"

اسلام ڪوٽ لڳ خودڪشي ڪندڙ پريمي جوڙي جي نانءُ"



## ڪُنواري ڇوڪري ٿنهنجي!

ڳُلن ۾ ڏار ميندي جا
ڦُٽا هن ڦوهہ جواني ۾
سگهو سينو صفا ڇيري
ٻٽا ٻوٽا ٻٻُر وانگي
گهٽن کي ٿا ڇُپين ڪنڊا
وٽن جي ديس جي راڻيءَ
چندن جي ڇوڪڙي آهين
لسي تون لاسوئن وانگي
سڄي ناريل جهڙي آنءَ
ڪجي تون خيرپور جي
رنگت بادام جي تو ۾
ڇڪون جي چس جهڙي تون
ڇڪڻ سان چپ نٿا ڍاپن
انبن جي رس جهڙي تون
پپيتي جيان پڪي پيلي
ڪچن پستن جيان آهين
لڳين ٿي نارنگي جهڙي
انگورن جو ڇُڳو آهين
سُوادي ٻير صوفي تون
ڪٽي ڏاڙهون جيان آهين

ڄمون جا وڻ لڳن ٻانهون
زبان زيتون جي ٿاري
اکين ۾ رنگ انگورن جو
پڪي ڪيلي جيان آهي
جواني جي سڄي رونق
متل ميلي جيان آهي
نموريل چوڪري تنهنجي
سموري سونهن وٽن جهڙي
ٻَري ٻيلي جيان آهي ...!!
ڪڪوريل چوڪريءَ تو ۾
سڄي وٽراهه سمايل آ
ڊگهو آ قد صنوبر جيان
ڳچي ڪنگور جي ڪاٽي
لڳين ٿي بانسري وانگي
وڄن ٿا سُر سيئي تو ۾
ڪِنجهي جي تانسري وانگي
وڄت تنهنجي وڄائي ٿي
اسان جا وڻ سڄا سارا
اُڳا تو ۾ اکن پارا
ڦُلاريل ڦُل ڦوڳن جا
ڦُٽا تو ۾ ڦڳڻ ماسي
ٿوهر منڌي جيان ٿيوا
مُنڊي ۾ تو مڙهيا سارا
روهيڙن جا رتا گُلڙا
ڪنن ۾ جي ڪُڏن جهومڪ
لڳن ڪونيٽ سندا پلڙا
پڪي ڪان پيي پڪي چوريءَ
انجيرن جي چڪيءَ آهين
پنيا تنهنجا ٻڙن گهاٽا
نمورين سان گُنديل آهن



وڳا تنهنجا پرين منهنجا
سدا سرنگهو جيان ساوا
سنهي ٿَن تي سونهَن ڪيڏا
ورهه وستر جيان ويڙهيل
جواني جل پري توتي!
گُلابن جي پري توتي!
پرن پونئرا پلا پُٽڪي
ڏسي تن کي اکن چڪن
ٿڙين ٿانگر جيان تون ٿي
پيجي آرس بدن لوڏين
وٽن جو ٿي وطن لوڏين
نگاهن سان گگن لوڏين
چڳون ڪولي چمن لوڏين
اشارن ۾ ڪري ڳالهيون
گهٽن جو ٿي امن لوڏين
بدن هن باغ جهڙي سان
چتا چنڊي چمر لوڏين
ڪمر بند سان ڪمر لوڏين
ادا سان تون فضا لوڏين
هندوري ۾ هوا لوڏين
سڳيءَ لوڏي پساهه لوڏين
اسان جا ٿي نشا لوڏين
اُلاري نيڻ اُگهاڙا تون
سين جو ٿي شرم لوڏين
پريل شيشي بدن ڪولي
ڪمايل ڪُل ڪرم لوڏين
گهٽن جو ٿي ڌرم لوڏين
گهٽن جو ٿي ڌرم لوڏين...!

# دير

گل تي شبنم جيان
ديد نازڪ صفا
ديد نرمل ٻہ آ
ديد بارش جيان
جسم ٺاري ٻہ ٿي
ديد ڪاوڙ منجهان
روح ٻاري ٻہ ٿي
ديد نيزي جيان
چوٽ گهري ٻہ آ
ديد پنڇي جيان
گيت ڳايو سگهي
ساھ سُرمو ڪري
ديد پايو سگهي
ديد ڏيئي جيان
جڳ روشن ڪري
ديد ليئي جيان
چنڊ مُڪڙو لڳي
ديد سانوڻ جيان
ڪنهن تي برسي ٻہ ٿي
ديد قياسي وڏي
ڪنهن تي ترسي ٻہ ٿي
ديد دوکو ٻہ آ
روھ رولي ڇڏي
پند اوکو ٻہ آ
روز گهايو ڇڏي
ديد دلبر سندي
روز ٺاهيو ڇڏي
ديد ويري ٻہ آ



ڍينگ ڊاهيو ڇڏي
ديد ميري ٻہ آ
لٽا لاهيو ڇڏي
جسم ڪُنوارا ٽڪي
ديد ماريو ڇڏي
گُهور اهڙي ڪري
ديد ڪاريو ڇڏي
ديد ناتا ڳنڍي
ديد پنهنجا ڪري
ميٺ محبت گهُري
ديد دليون ڪٽي
ديد جيون ڦٽي
ديد هاريو ڇڏي
ديد بازي وڏي
ڪير ڪيڏي پلا؟
ديد ٻولي اٿئي
گهاوَ گهرا ڇڏي
ديد گولي اٿئي
ٻاھ ٻاري ڇڏي
ديد هولي اٿئي
ڪير سمجهي پلا؟
ديد پرولي اٿئي
قيد جيون ڪري
ديد ڪولي اٿئي
پاڪ پلڪن مٿي
پيار پنهنجو ڪٽي
ديد ڏولي اٿئي
ديد ساگر جيان
خُوب گهري اٿئي
ديد درياءَ سندي
شوخ چولي اٿئي
ديد ٻوڙي ٻہ ٿي
ديد لوڙهي ٻہ ٿي...!!

## كول گونگهٽ پري

مور مک تي تري
ديپ جوين ٻري
نيڻ تو ۾ ذري
هير تڌڙي وري
ڳل ڳاڙها تنهنجا
گُل ٻاتي جيان
روز اُن جي مٽان
آس منهنجي سندو
يونئر پُٽکي پري
نک تنهنجو ٽُڳيءَ
نٽ سورج لڳيءَ
انگ آرس ڀڳيءَ
ٻاٽ ٻاجهر جيان
ٻانهن لوڏي لُڏي



يار تنهنجي سڄيءَ
گول ڪمر مٿان
ناچ ڪيڙو ڪري
عشق منهنجو پرين
چيچ تنهنجي جهلي
تار تو ۾ تري
جيءَ جهٽڪي سڌي
وار چوٽي ڪري
خُوب ڪوٽي ڪري
واٽ ويندي ڪوئي
حُور هلندي ڏسي
روز بادل وسي
ٽر جي ڪيٽن مٿان
چنڊ چيٽي جيان
نور ناريءَ چَٽي
تانگهه تاڙي سندي
روز هاريءَ چَٽي
سونهن ساري وٽي
عاج چوڙي جيان
روپ روڙي جيان
پيار هولي ٿئي
رنگ ريٽا هٽي
رنج ميٽي سجا
ٻار ٻولي ٿئي
دل ڪي ٻوڙي ڇڏي
پيار چولي ٿئي...!!
پيار چولي ٿئي...!!

# اُجهاميل چُله جي پرسان

نياڻي اک نماڻي سان
امان کان سوال پڇي ويٺي
امان ٻُڌ او مٺي جيجان
گُڏين سان راند کيان کهڙي
نکي سهيلي وٽي ٿي کا
ابا جي سک ڏادي آ
وجهان جي وات ۾ ماني
نڙي ۾ نانگ جئين پاسي
ٻُڌاءَ جيجل مٺي هاڻي
"ابو مانجو کڏهن آسي
وٺي کي کانچ جون چوڙيون
گُڏين جا گنج پي مون لئہ
وڳا ٻہ ٿي ليلامي
جُتي کا ٿونئر واري پي
کٽي هُو پاڻ خوشين جا
اسان لئہ مڻ ايندو آ
ٻُڌاءَ او مٺي ماتا
ابا چو کون اَجا آيو
مٺان آ عيد پي ويجهي
اُڏائي کانگ چونئري تان
نياپو کو هلائي ڏي
نياڻي کي وراڻي ۾
چيو سُڏکي ڏکايل ماءُ
"بلوچن بي رحمي سان
چڏيا مزدور سپ ماري
ڏُکايل سنڌ بنهہ بيوس
صبح کان پيئي هنجون هاري
ابو تنهنجو انهن ۾ هو
هٿين خالي هئا جيکي



چڏيا ماريءَ سڃا ماري"
نياڻي هي ٻڌي نوحو
خدائي کي چيو ويٺي
"ولوڙي رت پنهنجي کي
پگهر جي پاک پاڻي سان
کئي جن پيٽ جي پوڄا
انهن سان وير کهڙو هو؟
ٻچن جي ٻُک اُجهائڻ لئہ
اباڻا جن اجها چڏيا
انهن جي من اُجري ۾
مندي ۽ مير کهڙو هو؟
سڏائي پاڻ کي سورهيہ
لکي ٿا وار کيو ويري
ٻُڌايو هي پلا ٻُزدلو
اوهان ۾ شير کهڙو هو؟
هليا کئين هٿ ظالمو
انهن جي انگ اگهاڙن تي
جنهي تي بس جنم کان ئي
لکيل هئي بک جي ٻوليءَ
الا تو کئين هنئي ڳوليءَ
گهٽن جا گهر اُجاڙي تو
کيڏي هي رت جي هوليءَ
وڏو کو وير پرايو آ
اُنهن سان سنڌ جو هاڻي
سڄو ناتو اجايو آ
رُلي مرندا پهاڙن ۾
اسان کي جئين رُلايو آ
خدا کندو سدائين ائين
وطن لئہ سي سکي مرندا
اسان جا جن چنا چنا سهارا
کفن لئہ سي سکي مرندا
دفن لئہ سي سکي مرندا"...!!

## خدا تون هميشه ڏڪائين اسان کي

ڪڏهن آڳ ٻڙجي ڪڙڪي پوين ٿو
ڪڏهن تون هوا جي هٿن تي اچين ٿو
ڪڏهن ڏوڙ ڏوٻا اکين ۾ وجهين ٿو
ڪڏهن مالهيار جي مڙهن کي مٽائين
ڪڏهن تون اُڏاڻي چنبن سان اُڏائين
خدا تون سدائين چو ڏٻرا ڏُڪائين؟
هوا تون ٻه اسان جا اجها ٿي اُجاڙين
اسين ڏيل ڏٻري مارو پٽن ۾



ٻڪيي پيٽ پٽڪون سڄو ڏينهن دڳن ۾
اُجارا لڇون ٿا اُنن جي وڳن ۾
جڏهن رب اُڏاري آڻي رکون ٿا
تڏهن تون واري ٻُڪن سان وجهين ٿي
اسان وٿ نه ماڙيون ٻنگلا وطن ۾
پوءَ پي ڏمر تون اسان تي ڪرين ٿي
مٽي جي بدن مان اڏي گهر ڪڪانوان
وڻن جو ڍڪي ويس ڪچن ۾ رهون ٿا
تڏهن روز تنهنجي ڏچن ۾ رهون ٿا
اُهي گهر اسان جا جلايو ڇڏين ٿي
جنهي کي ڏسي مينهن هلڪو وسي ٿو
ڪچن تي ڪري رحم سانوڻ سڄي ۾
گگن جي اکين مان وهي نير پوي ٿو
اسان جو نه اوهي واهي سُجهي ٿو
تڏهن ديس ڏونئري ڏينهن جو ڏُکي ٿو
جڏهن تون ننگو ناچ ڪڪن ۾ ڪرين ٿي
ڪنهن ٻاگهل جي سپنن جي چادر سڙي ٿي
ڪنهن جيجل جي اُميدن جا سهرا جلن ٿا
ڪنهن ونيءَ جي چُني جون اُڏارون دکن ٿيون
ڪنهن پيڻ جي پرم جون راکيون ٻرن ٿيون
ڪنهن گُڏي جي ٻلن تان ٻوڙها ٻڙن ٿا
جڏهن ٻوٺ پنهنجي جا لوڙها سڙن ٿا
مگر تون نه اسان تي ڪرين قياس ويرڻ
چپر چانوءَ اسان تان هٿايو ڇڏين ٿي
وڏي ڏيڻ قاتل هوا تون لڳين ٿي
ڪٽي باه هٿن ۾ هميشه هلين ٿي

◈ ◈

## ٻٽي جوڳي جڳن جو پوءَ

لٿو هو سج لُلوسر تان
لڳو ٿي ليڪ چاندي جي
ٿڏو ڪُنهار جو پاٽي
اُڏائي ٿهڪ پهاڙن مان
ڪلي ٿي رات جي راٽي
هوا ۾ چائو جي خوشبوءَ
لڳي ٿي مهڪ موڪيءَ جي
جبل تي جهوپڙي مان ڪو
اُڏيو پي پومچو ڪنهن جو
اُڳو هو چنڊ اوپر ڪان
نرالو روپ هو تنهن جو
گگن جي گول چاتيءَ مان
چٽيو پي نُور قدرت جو
نهاري چنڊ جو تجلو
نندو ڪو ٻار پي جهوميو
پٽاٽي نار جي هنج ۾



سڄو سنسار پي جهوميو
ٻُڏي ڪي راڳ جهرڻن جا
ولاتي نار پي ٻهڪي
ڪڍي ڦوٽو فطرت جا
ٿنديلي ٿور ۾ ٿهڪي
چُلي ٿي سمنڊ عربي جيان
ڏسي هي ڏيک گوريءَ جو
گُهمائي هٿ ۾ چُوڙي
پٽاٽي چوڪري مرڪي
ڪنن ۾ ڪيوٿيون پائي
ڪيو هو رقص ڏونگر تي
چُريو هو پولڪو تنهن جو
ڳري ويو برف ڏونگر تي
لُڏيا پي ڏک انگورن جيان
رمي ٿي راند ڪا اهڙي
چڳن ۾ چوٿلي جهڙي
جواني خوب ٿي جهومي
گگن تي وڄُ وراڪي جيان
لُندي جا وٿ ڪي ڪائي
هوا ۾ چيل وانگي هُن
لنگن جي لام ڪي لوڏيو
جبل تي ٻُت ڪي ڪولي
پلي بادام ڪي لوڏيو
نچڻ هُن جي نرالي هو
سموري شام ڪي لوڏيو
ڏسي هي رقص قنڌارڻ جو
خدا پي خوش ٿي ويو هو

◈◈

# ڊُلاري سنڌ ڌرتيءَ لئهِ

سدا ڌڙڪي ٿي سيني ۾
اسانجي دل جي هرٽي
سنڌوُ جي پيار ۾ پرٽي
ڪري ٿي ڪوڏڙا ڪيئي
هينئن کي اوڏڙا ڪيئي
رهن ٿا سنڌ جا منظر
ڪڏهن ڪاچو ڪڏهن ننگر
چڙهي ٿو چت تي چمبڙ
موهي ٿي نند ۾ منچر



سڏي ٿي جاڳ ۾ ڪينجهر
لڳيءَ دل لاڙ جي اندر
چيٽي سان اوٿڙا راڳيل
گٽن سان ڳونڙا واڳيل
رليون سپ ٿُڪ سان ٽانڪيل
انهن تي سنڌ جا عاشق
لکن ٿا کهاٽيون ڪيئي
ڏسن ٿا سونهن سرگم ۾
لٿي سج لاڙ جا منظر
ڪڙين جي ڪپ تي ڪپڙا
ڌوئن ٿيون ديس جون ناريون
اکين ۾ اوتجي آيون
سدائين ريک سُرمي جيئن
سنڌوُ جي سينڌ ساماڻيون
ٻنن تان سانجهه سُرمئي جو
پکين وانگي وريءَ آيون
سنڌو جي سير ۾ سُهٽيون
پنن وانگي ترڻيءَ آيون
سدائين سانجهه ويلي جو
مٿن تي گاهه جون پريون
هٿن ۾ لوهه جا ڏانٽا
هلن ٿيون حرس مان ڪيڏيون
لڄاري لاڙ جون پريون
لڳن ٿيون لوڪ آڪاٽيون
سموري ڏيهه جون ڊاٽيون
وٽن ٿيون شام جي ٽاٽي
پچن ٿا سادڙا ڪاڏا
ٻرن ٿيون آليون ڪاٺيون
اُڏي ٿو نيرڙو دونهون
اچي ٿي داڳ جي خوشبوءَ
مڇي جي ساڳ جي خوشبوءَ
پلاري پاڳ جي خوشبوءَ

ڏُلاري ديس جي ڌرتيءَ
سدا ڌڙڪي ٿي سيني ۾
ننگر جي نانوَ تي دلڙي
وڃي ٿي ڏُور صحرا ۾
اڏن ٿا شوق ۾ گهرڙا
پٽن جي پڪ ۾ جهوپا
منهي تي مور جا ڪيڙا
بدن تي پور جا ڪيڙا
وڏي وراندڙ جي ويلا
ڪوهن تي پاٽيارين جا
لهن ٿا ڪونجڙين ٽولا
مٿن تي ٻيلهڙا سهٽا
ڪچن ۾ ڪيهلڙا سهٽا
ڪٽن ٿيون ناز مان ٻايون
پُراٽي پاند ۾ ڦوٽا
پرين جي پار جا تحفہ
لڪائي لوڪ کان سومل
هٿن ۾ هٿ جو رومال
مڙهي ٿي ماٿ ۾ مومل
مُڪي سان پومچو پيلو
پري ٿي چانوَ ۾ سرتيءَ
پرين جي نانوَ ۾ سرتيءَ
سمائي ديس جي ڌرتيءَ
رڳن ۾ رت جيئن ڊوڙي
سنڌُو جي سار هيڪاندي
مٿي هن ديس منڙي جي
هينئن جو هار ٿي ويندي
جڏي هي جند ڌرتيءَ تان
سدا ٻلهيار ٿي ويندي!...

◈◈



## ڀاڻ تنهنجي ڀاٽيءَ جهڙيون

راجا واري راٽيءَ جهڙيون
ميران جي ڪنهن واٽيءَ جهڙيون
ڪجلا۔سر جي پاٽيءَ جهڙيون
پَريَن جي آڪاٽيءَ جهڙيون
روز پنپيوريون مارڻ واريون
ماڪوڙين سان مستيون ڪيڏيون
ڪاغذ واريون ڪشتيون ڪيڏيون
تار ترائي منجهہ اُتاري
تاريندي ڪئين ترڪڻ تنهنجو
چيلن سان گڏ چرڪڻ تنهنجو
پوپٽ پڪڙي مرڪڻ تنهنجو
ڪئين وساريان وينسگس منهنجي
پڪين سان پي پيار پڪو هو
چوڻ چُڳائي پالڻ واريون
پنهنجون ڳالهيون ٻاروتڻ جون
اڌڙ گدڙ سام گدڙ
هيٺو هلي مور مچڪي
واريون رانديون ياد پون ٿيون
مون تي آگ ڏيڻ جي خاطر
لونٻارن ۾ لُڏندي تو جي
آنٻلئي ۾ ٿوڙيون ٿاريون
سي تہ سموريون سايون ٿي ويون
جهرڪلي جون ساريون چاريون
پيرون چوندي پاڻ پڳيون سين

تنهنجون چوڙيون چار هٿن جون
مون سي ميڙي پاڻ رکيون هِن
تنهنجون يادون ساڻ رکيون هِن
لڪ لڪوٽي وارا ليڪا
ڏيکان ميکان ڏيک سمورا
وسڪاري جو نارن هيٺيان
پاڻ پلر ۾ وهنجي سهنجي
واري مان جي محل اڏياسين
اهڙا محل اندر ۾ سانئڻ
روز ڊهن ٿا روز ٺهن ٿا
پنهنجا پيار پپيهن جهڙا
ٻاٽن ۾ سي اوتي سارا
پاڻ ٻلورن ساڻ چٽياسين
سارا کيل حياتيءَ تنهنجا
ڪلندي ڪُڏندي خُوب ڪٽياسين
چوڙين لئه ڪئين چُرچُر مُنگلي
مون کان راند کٽي هئي راٽيءِ
ڊينچڪ لڪڙي پانچڪ پرووو
ارچڪ مرچڪ کيل تماشو
لوڏ سرامڻ لُڏندي ٽوڪي
ٽاريءَ سان ڪئين ٽڪرايو هو
ڪاغذ جي هڪ ڪَشتي ۾ تو
ڪئين گُڏيءَ کي تارايو هو
نم جي هيٺيان نوءَ ڪُٽي ۾
تو جو مونکي هارايو هو
هار اُنهي ۾ حُب وڌي هئي
اهڙي هڪڙي هار ڏيئي وچ
مونکي پهريون پيار ڏيئي وچ...!!

◈◈



# گهٽن جي وچ ۾ گهُوري

ڏسڻ ڪنهن کي ڏُکيو آهي
مگر هن ڳالهه جو مالڪ
سدائين پرم رکيو آهي
نظر جو پاپ نظر سمجهي
جپي مالا سدا اُن جي
وٺي درشن اول جنهن جو
پرين اُن پيار پهرين جو
ڪرڻ اقرار اوکو آ
اڙائي نيڻ نيٽن سان
ٿئي جو پيار چوکو آ
سدائين هانوَ ۾ هُر ڪُر
ملڻ جي لئه ٿئي ماندو
صفا بيوس بدن تَنهنجو
چپن کي چپ چمڻ خاطر

رقن ڪُنل تتر وانگي
اشارن ۾ وڏي اُلفت
ادائن ۾ لُچي لوچي
نگاهن ۾ نماڻپ جي
سدا اُڻ تُڻ سمايل آ
ٿڌيون آنهون ٿڌا سرگم
گهٽيون ڳالهيون چون هر دم
مگر سمجهي سگهن سالڪ
نگاهن جا نظم نيارا
لڪيل ٻولي ٻگهڻ ڪنهن ۾
پريتم پيار پهرين جي
پڙهڻ پوٿي ڏُکي آهي
ٿڌن ساهن سندا باجا
پرين پرکڻ ڏُکيا آهن
ڀري محفل اڳيان ڪنهن جي
چپن ڪي ڇا ڪيان چوري
اکين سان مون ڇڏيون اوري
سڄڻ ڳالهيون صفا سوليون
مگر سمجهين نٿو مورک
مٿو توسان هٽان ڪهڙو؟
قسم رب جو ڪٽان ڪهڙو؟

◈◈



## وسڪارو

اڄ اُتر ۾
آڙنگ آهي
آيو روپ
سروپ ٿيو آ
ڪالي ڪانٿل
پلٿي جل ٿل
ڏڙ ڏڙ ڏڙڪي
جيو پيا بن
وڻ تي تاڙو
مڏرو ٻولي
مور منو ٿو
ٿهوڪي ٿولي
ميگها ڪي ڪي
سڏ ڪري ٿو
گاج گگن ۾
گج ڪري ٿو
گاجي هيڪي
گهور وري ٿو
ٿڏڙو ٿڏڙو
وانئور سان گڏ
واءُ وطن ۾
مينهن جو آيو
ساءُ وطن ۾
ٿم ٿم برسي
بوند چمن ۾

ٻال نويلي
نار اڪيلي
ڀلر ڀُسندي
هئين چوي ٿي
آتر ويلا
انگ تپن ٿا
آٿر ڀاٿر
ڀلر ڀُسن ٿا
نيوَ ٿمن ٿا
ٿوڪي ساري
نيڻ ڀڄن ٿا
ڪون وٽن ٿا
روپ ميهوڳي
هي جا مون ٿي
ٻوند ڪري ٿي
ٿاندي وانگي
تن ڏنيي ٿي
ڪٿڪ گهڙي آ
ڪانڌ بہ ناهي
ڪير دلاسو
دل کي ڏيندو
ڀيڄ ڀنيءَ جو
ويڄ گهري ٿي
ڀونءَ بدن جي
ريڄ گهري ٿي
تن جي واڙي
تيڄ گهري ٿي
ڀونئر ناهين
ڳُل ڪِلي ڪئين؟
تو ٻُن جوين
ڦُل ڦُلي ڪئين؟
ڪنچن ورني



ڪايا منهنجي
ڪنهن لئہ پلٿي
مايا منهنجي
سورج ساڪيا
ڍولا هاٽي
ڍٺ وري آ
ڀُسيا سارا
ڀَٿ وري آ
ڍوليڙا کي
ڍاڙي تولئہ
جاجم وانگي
وار وڇائي
واٿن تي مان
راه تڪان ٿي
راٽل منهنجا
ڍاٿاٽي ۾
ڍيل اڪيلي
چونئري ۾ هان
هيل اڪيلي
ڪنوڻ ڪنوي ٿي
خُوب ڊڄان ٿي
ايس اُره سان
روز ڀڄان ٿي
هاڻ تہ موٿي
آ ڀرٿار
ٿر ۾ ڏاڍي
ٿي تڏڪار...!!

◈◈

# چنڊُ

چنڊ جڳن کان جهونو جوڳي
گيڙو ويس گگن ۾ پائي
ڌرتيءَ کي ٿو دل سان چاهي
ڌرتيءَ هن جي سرتيءَ آهي
جنهن سان گڏ ٿو ڦيرا ڪائي
چنڊ گگن جي بنديا آهي
چنڊ گهڻن جو چين ڦٽائي
چنڊ ستارن ساڻ گهمي ٿو
چنڊُ وڻن تي چاندي هاري
چنڊُ جبل تي ڏيئو ٻاري
چنڊُ نديءَ جا چپ چمي ٿو
چنڊُ سمنڊ سان گڏ سُمهي ٿو
چنڊ پرين جو پرتَوَ آهي
روزِ ازل کان ريت هلي ٿي
چنڊُ ڪڪر جو جهيڙو آهي
اونداهي سان جنگ ڪري ٿو
چنڊُ يُگن کان ٻوڍو آهي
چنڊُ ڏسي چو چرڪين چوريءَ
چنڊُ نہ ڪنهن سان چُغلي هڻندو
چنڊُ بہ ڪنهن جو ڍولو آهي
چنڊُ صدين کان ٻولو آهي
چنڊُ ففا جو چولو آهي

◈◈



# ٿاريلي

بُک کي بُک ۾ کائي ويٺي
پوءَ ٻي ٿر کي چاهي ويٺي
بر ۾ ڀوڳي سور صدين جا
پنهنجي ٿج ملهائي ويٺي

اُڃ ۾ اُڃ پيئڻ ٿي ڄاڻي
بر ۾ جر ٿيئڻ ٿي ڄاڻي
ٿاريليءَ آ پرم پٿن جو
ڏُک ۾ ڏُک،جيئڻ ٿي ڄاڻي

ڏيل ڏبرو ڏُک ڌري ٿي
سانيڪن تان جل پري ٿي
پوپٽ جهڙي نازڪ ناريءَ
ريٽ تتي تي پير ٻري ٿي

گونگهٽ پنهنجو پل نہ کولي
روز گهڻن کي رڻ ۾ رولي
هُڙڪ هلي ٿي حُور لڳي ٿي
ٻاٻيهن جئن ڏيمي ٻولي

رب رڌي ٿي روز ڏجهي ٿي
بُکيا پنهنجا ٻار ڏسي ٿي
ڀيک گهرڻ کي مهڻو سمجهي
ارڏي اوچي ڳاٽ اچي ٿي

ڪيتيءَ ڪيڙي گهر هلائي
پنهنجي روز پاڻ ڪمائي
پورهيت ناريءَ ٿر وطن جي
مٽيءَ کي ٻي سون بڻائي

◈◈

# تون ته پلر ۾ پونئري جهڙي

ڏرتيءَ تي ڏينهن ڏونئري جهڙي
چر ۾ چِتا چاچولي تون
جهُڙ ۾ وهنجين جهرڪيءَ وانگي
اُڏندي انگ سُڪائين گوريءَ
چم چم چيڄُ وجهين ٿي چوريءَ
چالر چاڪ چڏي ٿي موهي
تنهنجي چيله چنبيلي جهڙي
ورندي ورندي ونگ وجهي ٿي
هڪڙي گهُور گگن کي گهائي
ڏسندي ڏسندي ڏنگ وجهي ٿي
ڪنٺ به تنهنجو نيارو آهي
ڪويل جهڙي ڪوڪ به تو وٽ
ونسلي واري ڦُوڪ به تو وٽ
تنهنجي چال به ٻاله گهٽي آ
وڄ جا پاٽي تو ۾ راٽيءَ
جرڪن جوت جوالا وانگي
تنهنجا نيڻ امبر ۾ تارا
ٽم ٽم ٽمڪن ديپ ڏُلارا
تو ۾ آڙنگ جهڙا آرا
تو ۾ پوه سنڌا کي پارا
تو ۾ جيٺ اپارن جهڙي
بارش جا سپ آگم آهن
هاڻ وسڻ جا وارا ڪر تون
اُڏندي اُپ ۾ آرا ڪر تون

◈◈



# چري دل سونهن تنهنجي ۾

وڃائي حال ويٺي آ
اچانڪ ڏينهن هڪڙي جو
ڏُلاري ديد ۾ ڦاٽي
سرامڻ ٽيج ۾ ڦاٽي
جڏهن تو جوڙ جيڏين ۾
مچائي لوڏ ماريو هو
ڪِلي تو ٺهڪ هڪڙي سان
سڄو هُو ٻوٺ ڪاريو هو
ٻُڏائي گيت لاڏيلو
اُڏاٽيل ڪونجڙين جي
وڳر کي به واريو هو
انهي ڏينهن عڪس تنهنجي کي
اکين ۾ مون اُتاريو هو
ڪجل ڪاني جيان اوتي
سهاڳڻ روپ تنهنجي کي
ڏنم چُميون نگاهن سان
گُلابي ڳل تنهنجي تي
اُڳو هو چنڊُ وانگي جو
نٿو وسري گهڙي هڪڙي
اُهو ئي ٿاجوئو ڪارو
اندر ۾ گهر اڏي ويٺو
گُلابي هو گگهو تنهنجو
ٽڪن سان مون سڏي ويٺو
ڪري تجلا اشارن جا
هيو گوڏي گڏي ويٺو
اهو ٿاٽو نٿو وسري
مروڙي چپ هلي وئي هئين!
پرين ماٽو نٿو وسري!
سنجها ٿاٽو نٿو وسري!!

## منهنجا سچ سلاخن پويان

توکي قهري قيد کيو آ
بي ڏوهه بانڌي تولئہ ماندي
هي دل تڙپي دعا گهري ٿي
تنهنجا سورنهن ڪرڻا سورج
نيٺ تہ ڳاٺ وڏي سان اُڀري
روشن سارو ڏيہ ڪندا هي
تنهنجا جذبا روپي جهڙا
رڻمل جوڏي ڪوپي جهڙا
تون آنءَ ارڏو اُڏمل وانگي
تو ۾ گهوٽ بلاول گونجي
تو ۾ شاهہ عنايت پڙڪي
تو ۾ رت رَتن جو ٿهڪي
تو ۾ هوشو حرس وڏي سان
تو ۾ هانسو هانسيسر جو
پيڙو پوڏو پوڏيسر جو
پيد پٽيو تو آريسر جو
رهبر سنڌ رڳن ۾ ٻوڙي
تو ۾ ڪان ڪرن جو واسو
تو ۾ ڪارونجهر جو ڪيسو
سرتي ڪان وڌ ڌرتي چاهي
ڏاهر تنهنجا ڏُک ورهائي
سوُنهن بہ توسان پيڙي آهي
تو جا ڪيتي ڪيڙي آهي
محبت پونجي ميڙي آهي
تو کي ٻاگهل تلڪ لڳائي
دودو سمجهي دل سان لائي
ساري سنڌ اسان سان آهي



ڪيڏي پياري آٿت آهي
ڪير ٻُڌائي منهنجا سانول؟
ڪونج ولر کان ڀٽڪي جئين ٿي
هرڻي ون ۾ ڦٿڪي جئين ٿي
ائين مان وجهڪي واجه وجهان ٿي
ڏينهن تتي جو پير اگهاڙا
پوريلي جي پٽ چڙهان ٿي
حيداڻي ڏي روز ڪيان ٿي
توکي سجدا منهنجا سانول
توبن کهڙيون پايان چيرون
کهڙا پيرون هيکل ڪايان
ڪنهن لئہ ڳاڙها ڪنجرا پايان
ڪنهن لئہ موتي مانگ سجايان
کهڙا چوڙن ٿونئر لڳايان
ڪئين ٻُڌايان دل جون دانهون
آنهون منهنجون ڪير ٻُڌي ٿو
توبن سارو ديس ڏنيي ٿي
مون کي پيلو ويس ڏنيي ٿي
واهوندي جو واءُ وري ٿو
منهنجو تو ۾ ساهُ اڙي ٿو
اُپ ۾ پيلو چنڊ اُڳي ٿو
چيلهاٽي جو چڪ لڳي ٿو
آڏي ويلي مور ٿهُوڪي
دل ۾ دلبر ڌڪ لڳي ٿو
تنهنجي ياد ستائي پل پل
محبت منڙي جوئر جهڙي
يار جُدائي ٿوهر جهڙي
هاڻ نڙي ۾ اٽڪي پيئي آ
تنهنجي مينا ڀٽڪي پيئي آ

◈◈

## ڪجلا سر تي

ريڪ ڪجل جئن
پوڏيسر تي
باڪ ڦُتي جئن
نڙياسر تي
نيرڳ جهڙي
ڪارونجهر تي
ڪويل جهڙي
تو جا پاليءَ
پکين وانگي
نار نراليءَ
ميگه جهڙالي
موسم جهڙي
نندپڻ ۾ هئي
مرگها چاليءَ
نيٺ بڻي آ
تتر تاليءَ
هاڻ وڏي ٿي
سورنهن ساليءَ
باغ بڻي آ
منهنجا مالهيءَ



ننگر واسي
تنهنجي داسي
تولئه آتي
منهنجي چاتي
چُلڪي ٿي ڏس
چولي وانگي
هولي وانگي
هاڻ دُڪان ٿي
پاڻ ڏُڪان ٿي
منهنجا سرتا
هاڻ وري آ
مُرڪي منهنجي
ڪاڻ وري آ
تنهنجو پوڪيل
ڪيت پڪو آ
چوڻ چُڳي وڃ
سونهن ڏسي وڃ
سانوڻ جهڙي
من ڪي من سان
پانوڻ جهڙي
وڃ جا تجلا
انگ انگ جرڪن
ڪارا ڪجلا
نيڻ نشانبر
بادل وانگي
جل ٿل جل ٿل
جوين منهنجو
آڙنگ جهڙو

ساوڻ رُت ۾
سارنگ جهڙو
تاڙي وانگي
تڙپي تولئہ
تنهنجي گوري
نار گُجر جو
رنگ سڻيءَ جي
ڦل جيان آ
گُل جيان آ
روپ بدن جو
چندُ گگن جو
چمڪي چولو
سڄ سريڪو
منهنجا سانوَل
تولئہ ٻانهون
هار ڪيان ٿي
ڪيڏا مان
سينگار ڪيان ٿي!!...
روز پٻن تي
ڏيديءَ تان مان
توکي جهانڪي
آر ڪيان ٿي
تصور ۾ گڏ
توسان ترندي
پنهنجا ٻيڙا
پار ڪيان ٿي!!...

◈◈



## ”نصيب“

اُجاري نار
ڪچ ۾ ٻار
۽ مٿي تي بار کڻي
ٿاڪ منجهند جو
جبل جيڏي پٿ تي چڙهندي
پل پل سوچي ٿي:
پيئڻ جي پاڻي لپ لئہ
ايڏا ڪشالا...؟
سوچيندي سوچيندي
اُجاري آڪاس ڏانهن
تسارا نيڻ کڻي
پالڻهار کان پُڇي ٿي
ڇا منهنجو نصيب
هن تتل واريءَ جي
پياسي تن جهڙو آهي
يا
حُڪمرانن جي هٿ ڌرمي
جو قهر ڀوڳيان ٿي...؟
◈◈

## سِندُور

ڪڏهن ڪڏهن
دل چوندي آهي تہ
آتم هتيا ڪيان
زندگي جي زنجير ٽوڙي ڇڏيان
سڀ غم لحظي ۾ لهي وڃن
سڀ ڏُک ختم ٿي وڃن
۽ آزاد ٿي وڃان
هن دورنگي دُنيا جي جنجهٽن مان
پرواز ڪندو وڃان پهاڙن مٿان
آبشارن مٿان
پر وري سوچيندو آهيان
اُن جو ڇا ٿيندو...؟
جنهن جي مانگ ۾
منهنجي نالي جو سندور آهي!
آئون اهو ڪئين اُجاڙيان؟
آئون ڪا سينڌ ڪئين اُجاڙيان؟
چو تہ......
اُجڙيل سينڌون مون
اکين ڏٺيون آهن...!!

◈◈



## تپسيا

ڪڏهن ڪڏهن
هي بي قرار روح
چوندو آهي تہ
ڪارونجهر جي هنج ۾ ويهي
تپسيا ڪيان
ڌيان جي گيان ۾ مگن ٿي وڃان
۽ پرماتما پائي نرماڻ پد تي پهچان
پر وري جلد اهو خوف
ورائي ويندو آهي تہ
مٿان ڪٿي ڪامديو
مون سان بہ پاراسر
وارو حشر ڪري
ڇاڪاڻ تہ
پاري ننگر ۾ اڄ بہ
مڇندرائون جنم وٺن پيون......!!

◈◈

## ڏرتيءَ ڏڪاڻي“

مومل
جيڪا روز
باک ڦُٽي جو
"مٺيءَ ماٺي لايان" جي سرگم تي
مٺيءَ جو تلڪ نرڙ تي لڳائيندي هئي
سنجها ويلي صدقي سان
ڀٽائي جي رسالي کي
گيتا جي پويتر شلوڪن وانگي
ترنم ۾ جهونگاريندي هُئي
هُوءَ ڏرتيءَ جي ڌيءَ هئي
هُوءَ جيڪا هر روز
مندر وڃڻ وقت
مسجد واري گهٽي مان گُذرندي
مسجد کي سيس نوائي سجدو ڪندي هئي



هن لئہ رام ۽ رحيم
هڪ ئي هستي هئا
هُوءَ هر هوليءَ ۽ ڏياري تي
پنهنجي سهيلي شازيہ کي
وڏي سڪ مان سوکڙيون ڏيندي هئي
۽ هر عيد تي ان سان گڏ کلندي
۽ کيڏيندي هُئي
هُوءَ هر رکشا بندن تي
پنهنجي ڌرم جي ڀاءُ
بلاول کي وڏي لاڏ مان
راکي ٻڌندي هئي
اُها مومل کجھ ڏينهن اڳ ۾
صوفين واري سنڌ کي
ميارن جا مڻ ڏيئي
هميشہ لاءَ هُن پار هلي ويئي...!
جتي سنڌ جو عاشق
موهن ڪلپنا سُتل آهي
ٻُڌو آ هُوءَ روز
صبح شام
موهن جي مزار تي
مٿو ٽيڪي سُڏڪندي چوي ٿي:
"منهنجا موهن سائين!
مون لئہ شاھ،سچلءُ سامي برابر هُئا
آئون تہ آد جگاد کان
فقط سنڌياڻي هئس
پوءَ ڇو ڌرتيءَ ڌڪاڻي ٿيس"......؟؟

## ڪيفيت

اي ڪويل...!
اسر ويل ايڏي
اُداس ڇو آهين؟
ڪنهن لئہ ڪوڪين ٿي؟
ڇا تنهنجو بہ ڪانڌ لاباري تي ويل آهي؟
يا ڪنهن ٻُڪ جو طعنو ڏيئي ڏُڪايو آهي؟
يا پريتم سان موج
ملهائيندي اوچ ۾ ٻولين ٿي؟
جيئن بہ هجي پر
ڏيري ڏيري ٻول
منهنجي هينئڙي ۾ هول نہ وجهہ
منهنجو ٻُڪايل ٻار
ڏاوڻ ٻنان سُتل آهي
ان جي ننڊ ۾ ڪلل نہ وجهہ
هتان هلي وڃ
هيءَ ڏيهہ ڏُڪايل آهي
هتي بک ۽ اُڃ
پڙ ڪدي وينيون آهن
اهڙي ڪيفيت ۾
تنهنجو آواز بہ
بنهہ بي سُرو ٿو لڳي...!!



## عورت

گهڻن ڏينهن کان
آئون گُم آهيان
اُن ذات ۾
جنهن ذات
وشوا منتر ۽ پاراشر جهڙن
مهان رشين جي تپسيا ڀنگ ڪئي
جنهن ذات جي ڪري
رامائڻ رچي ويئي
جنهن ذات ڌم ڪي پُٽ ڏئي
پتيورتا تي ڪلنڪ هنيو
جنهن ذات ٽڪسات جوڙي
معصومن کي لُٽيو
جنهن ذات مٽئي تي موهجي
ور وڪٽي ڇڏيو
جنهن ذات عقل ڪُڙي
۾ هئڻ ڪري
باهُو بلي جهڙي وير کي
نردوش ماري ڇڏيو
اُن ذات کي سمجهڻ لئہ
پنهنجو سڀ ڪُجهہ ارپيم
اُن جي هر اشاري تي
پنهنجو پاڻ وڃايم
پر اُن کي آئون
چڱي ريت پروڙي نہ سگهيس
جنهن کي شيڪسپيئر
گهڻو وقت اڳ ۾
پرکي ويو آهي......!!

## "پيٽا"

هن چيو
اڄڪلهہ وساري ڇڏيو اٿئي
چيم
توکي ڀلا ڪھڙو ڪافر وساريندو؟
چيائين
اهو ٻہ ڪو ياد ڪرڻ آهي؟
روز صبح شام
رڳو دعا سلام
چيم
منهنجي ڌرم ۾ خُدا جي پوڄا
فقط صبح شام ٿيندي آهي...!!



## نصيب

تنهنجي گھر جي گھٽيءَ
ڪيڏي نہ خوش نصيب آهي
جيڪا روز تنهنجي پيرن جا
پدم چُمي ٿي
آئون ڪيڏو نہ بد نصيب آهيان
جو تنهنجي پاڇي لئہ بہ سڪان پيو...!

## "ڏات"

ڏات بنارس ساڙهي جهڙي
مدرا شيشيءَ ڳاڙهي جهڙي
ڏات ڪشن جي مُرلي وانگي
من جي بن ۾ راڌا ڳولي
ڏات جبل تي ڏيئي جهڙي
گهونگهٽ مان ڪنهن ليئي جهڙي
ڏات ڪڪر ۾ وڄ جا تجلا
ڏات وڻن جي ٻولي سمجهي
ڏات پکين سان پيچ اڙائي
ڏات سمنڊ ۾ چنڊ جو پاڇو
خوب هوا تي رقص ڪري ٿو
ڏات ندي جي نير جيان آ
هير جيان آ
کنڊ ۽ مصري ڪير جيان آ
ڏات گگن ۾ ٽيڙو جهڙي
موتي وانگي ٽمڪي چمڪي



جنهن جي ماٿي بنديا بڻجي
تنهن جو مقدر موڙ ڪري ٿي
ڏات نہ ننڊ وڏائي جاڳي
ڏات نہ ڪائي ذات پُڇي ٿي
ڏات نہ جنهن لئہ تنهن لئہ آهي
ڏات تہ ڪنهن ڪنهن منجه وسي ٿي
هئين چوي ٿي
"مان تہ خدا جو تحفو آهيان"
ڏات سگهڙ جي سُئي ۾ مُرڪي
ٽُن ۾ تارا ٽانڪي ڪيئي
ٽُڪ تي رليون روز سُبي ٿي
ڏات ڪوي جي دل ۾ ڌڙڪي
نينهن جا نازڪ نظم لکائي
ڏات جبل تان ٻُوٽيون ڳولي
حڪمت جو هر فن رکي ٿي
من رکي ٿي
ڏات نياءَ جو ديپ اُجالو
ڏات پُراڻا پير سُڃاڻي
ڪير سُڃاڻي
هن جي ٻولي ڪويل جهڙي
ڏات گويئي ڪنٺ ۾ گونجي
گيت گلابن جهڙا ڳائي
جانجهر پائي
سانجهہ سمي جو
نرتڪي جي چال ۾ ڇُلڪي
ديل ڪا ٽُلڪي
ناچ نچي ٿي
روز اڇي ٿي مصور هٿ ۾

چيٽي ٻٽجي نوڪ ارائي
سنگ لسائي
ڏات جبل مان مورت جوڙي
پٿر کي پڳوان ڪري ٿي
ڏات اندر ۾ مندر ناهي
ماڻهون کي انسان ڪري ٿي
ڏات ارٿ تي اُن ڪَتي ٿي
ڏُن ڪَتي ٿي
ڪتا لويون ڪرڙ اُٽي ٿي
ڏات اُنن کي پنڌ سڪائي
ڏات سنوارن سام بٽي آ
مام بٽي آ
ڏات ڪنير جي هٿ اچي ٿي
چڪ چڙهي ٿي
گاگر ٻٽجي چيلهہ چُمي ٿي
هيل ڪٽي ٿي
ڪوهہ تان ناريءَ
ڏاڍي پياري ڏات انهي جي
سينهون آ سوغات انهي جي
جيڪا هلندي حرس منجهاران
ساجن لئہ سينگار ڪري ٿي
آر ڪري ٿي
ڳاڙهي چپ تي مُرڪ تري ٿي
سُرڪ پري ٿي
سُڏڪن ۾ ڪا سار اچي ٿي
ساجن پرچي پير چمي ٿو
تنهنجي ڏات تہ اوچي ڳاٺ
تون جو اجها جوڙين رازا



توکي سُرخ سلام او واڍا
تون جو ڪاٺ ڪُٽي ٿو ناهين
جهولا پينگها روز هندورا
تن ۾ ڪاشيءَ وانگي جرڪن
ڪانوان هيرا ڪاچ ٽڪن سان
سونارو جو ٽول گهڙي ٿو
خُوب جڙي ٿو
مينا جنهن ۾
تنهن ۾ ڏات ڏيئي جيان جرڪي
لوهر جيڪو لوهہ ڪُٽي ٿو
تنهن جي هٿ ۾ ڏات وڏي آ
ڏوجهارڻ جا ڪير ڏُهي ٿي
تنهن وٽ پي آ ڏات هٿيڪي
جيڪو سچ سندو آ ٻيلي
تنهن لئہ ڏات ڏکن جي ٻولي
گيت بہ گولي جهڙا سرجي
ڏات تہ ڏاڍا ڏُک پرائي
ٻُک پرائي
ڪون ڪڍي ٿي ڪنهن جي ڪاڻ
چوندس هاڻ
ڏات وڏا ڪي وڍ بہ ڏي ٿي
ڏات اسان کي ڏڍ بہ ڏي ٿي
ڏات ٻُکن ۾ لولي جهڙي
اپري سيري اولي جهڙي
مالڪ تنهنجي مهر وڏي آ
مون پارن لئہ لهر وڏي آ
◈ ◈

## "اڳڪٽي"

تنهنجي پايل جا
اُهي سُر اڃان ٻہ
مونکي ياد آهن
جيڪي تڏهن وڃائيندي هئين
جڏهن مونڏي ايندي هئين
هيلوڪي وڏ ڦُڙي ۾ ٻہ
اُهي ئي سُر سمايل آهن
لڳي ٿو
هيل گڏ پُسندا سين...!!

◈◈



# چوسٽا

◈◈
منهنجي ٿر جا مور پياسا
ڏاٿيئڙن جا ڏور پياسا
هيل ٻه رهجي ويا هن سارا
پولڪن جا پور پياسا
◈◈

ڪارونجهر جي ڪور تي ويهي
موريئڙن جو ميڙ اُداسي
روپا! توکي روز سڏي ٿو
پٽياٽي جو گهيڙ اُداسي
◈◈

سُڏڪي صحرا سانجهي ويلا
ٻُڪ ۾ تڙپن چانگون ڇيلا
هاءَ اُجارا ٿر جا ٿيئڙا
جهيٽا جهڪا جهومڪ جهيلا
◈◈

ٻالڪ نندڙا ٻار مري ويا
هاءَ هيئن جا هار مري ويا
طب گهرن ۾ تڙپي ڦٿڪي
بي حد ڪي بيمار مري ويا
◈◈

◈◈
ميهوڳي ۾ مور سنپاري
پياسي ٿر جو روح پڪاري
مورن جا هي لاش ڏسي اڄ
هاري ناريءَ هنجون هاري
◈◈



◈◈

رُجون راڳا هن ڌرتي تي
هيڏا هاجا هن ڌرتي تي
قهر قضا جا ڪڙڪن ڪيڏا
هاءَ زمانا هن ڌرتي تي
◈◈

پاٽي لئه پل پل پڪاري
تڙ تي توڏا روز تنواري
ٻُڪ ۾ سانگي پٽڪن ڪيڏا
لُڪن ۾ ڪي لڪ لتاڙي
◈◈

ڪونيٽ پلڙا پور پيارا
پوڄي تي ڳڻ ڳور پيارا
راٽي ڪيت ۾ روز مرن ٿا
منڙي ٿر جا مور پيارا
◈◈

هي وسڪاري جي ويل ڏسي
۽ ڪنوٽن جا ڪي ڪيل ڏسي
گهن گهور گهٽا ۾ مور مٺا
ٿا ٿهوڪن ڊُڪندي ڊيل ڏسي
◈◈

جنهن وقت گگن ۾ گونج ڪري
ڪا بوند وطن تي برسي ٿي
تنهن وقت اسانکي ائين لڳي
جڻ قسمت ٿر تي ترسي ٿي
◈◈

چپن تي مرڪن جا پوپٽ سجائي
اکين سان گهٽن کي هُو گهايل ڪري ٿي
هلڻ ۾ ٻه ترنم سنپاليو هلي ٿي
تڏهن ناز وڄندي کي پايل ڪري ٿي

نڪي هندي نڪي فارسي چاهي
وطن ٿو وارثي چاهي
ڏَسي جو عڪس آزادي
اُها ٿو آرسي چاهي

اوهان جي اچڻ جو جڏهن پيي ٻُڌون ٿا
ڪٽي ڪوڙ گُلڙا گسن تي بيهون ٿا
اُپي پير اوهان جي آجيان ڪرڻ لئہ
نہ ٿتي جو ترسون نہ ٿڌي ڏسون ٿا

اهي پير اوهان جا اسان جي اکين تي
گُلن کي چڏي ڏيو ڪليون ٿا وڇايون
اچو دل وڏي سان مُرڪندي مهڪندي
دڳن ۾ اوهان لئہ دليون ٿا وڇايون

سجڻ تنهنجو حُسن هيڏو گُلابن ڪان مٿي آهي
پڙهان وينو چٽو چهرو ڪتابن ڪان مٿي آهي
لُٽين ٿي واٽ ويندڙ کي ٻٽي ڏاڙيل دلين جو
نگاهُن سان جهپڻ تنهنجو عُقابن ڪان مٿي آهي



هڪ آنهن اُجايل ڏرتيءَ جي
هڪ سين ڏُڪاريل سرتيءَ جي
ٿي روح ڏُڪائي ريٿن جا
هر آنهن اُجاري ڏرتيءَ جي

تون چنڊ لهي وڃ چونئري تان!
هُوءَ آڏي ويلي اچٽي آ
ٿي لوڪ سڀي ڪان لهرائي
ڄڻ هيسايل ڪا هرٽي آ

ڪو مور مئو آهي ڪا ڍيل ڊني آهي
ڪو ٻار مئو آهي ڪا ماءَ رُني آهي
هي سال نياڳو آ هي مُند اياڳڻ آ
ڪو يار ويو آهي ڪا اک پني آهي

اي چنڊ نہ ايڏو چريو ٿي!
ڏس هُوءَ ٻہ ڪنهن جي پرٽي آ
ٿو راهہ تڪين تون رات سڄي
پر هُوءَ نہ هاٽي ورٽي آ

اي سانوڻ گهاٽا بادلڙا!
ٿو چمڪي دل کي ڇهڪ ڏئين
مان هيڪل جندڙي چونئري ۾
تون ٿم ٿم وسندي ٿهڪ ڏئين

پاٽياريءَ جي ويس ۾ ڪوهه تي
مور سان ملندي ڏيل ڏسي ٿو
گوسي ڪي ڪو هوش نہ آهي
ڪيلي سارو ڪيل پسي ٿو

هن هير اُتر جي ويرڻ ۾
ڪو ٻارڻ ٻٽجي ٻرٽي آ
جا آگ لڳائي انگ انگ ۾
سا ڳالهہ نہ ڪنهن سان ڪرٽي آ

نہ صورت ڳهُرجي سُهٽن جي
نہ سيرت ڪنهن جي ڏِسٽي آ
دل پيار ڳهُري ٿي ٻارن جيان
بس محبت تي ئي مرٽي آ

هو چنڊ نماٽو چوڏهين جو
ٿو ڦٽڪي تنهنجو نُور ڏسي
تون هوشربا هي حُسن ڪٽي
چو آڏيءَ ٽاٽي آنءَ نڪتي

تون چوڙ نہ چَتا سانوڻ ۾
ٿي وڄ ڪري ولهارن تي
ٽا نانگ نچن ڪي مستي ۾
جڻ تُنهنجن ڪارن وارن تي



ڪوهہ تي پهچي ڪوس ڪي واري
گوسي ڪي ٿي گهور سان ماري
هرٽي جهڙي هڪڙي ناريءَ
سارڻ ۾ سوءَ سج اُپاري

چمڪن پيا ڏس چٽ گهڙن جا
من ۾ مهڪن پور پڙن جا
ٽر جا منظر سُونهن صدين جي
خُوب وٽن ٽا ساز چڙن جا

اي مور نہ ايڏي ٿور ڪر!
هي ڏيل تہ هيل لڏي ويندي
ٿو جنهن لئہ ايڏا ناچ نچين
سا توکي نيٺ ڇڏي ويندي

هُو چونئري مٿان چنڊ ڏسي
ڪا ناريءَ آرس موڙي ٿي
ٿو ڇُلڪي ساگر چاتين جو
هڪ لهر لنگن ۾ ٻوڙي ٿي

اي سُونهن سپاڳي سنڌڙي جي!
تون ڪول نہ گونگهٽ لاريءَ ۾
پيو ڏيدي اک سان لوڪ ڏسي
تون ويندينءَ ڪارو ڪاريءَ ۾

# هائيڪا ٽيڙو

اهڙو منهنجو ٿر
ڪائين بصر ڳنڍي سان
روز روٽي ٻاجهر

اهڙو منهنجو ٿر
مورن ۽ ڍورن جا
وڙڪن جت ولر

اهڙو منهنجو ٿر
تاڙو ٻولي تڙپي
پيئڻ لئه پلر

اهڙو منهنجو ٿر
ڳوٺاڻن جون ڳالهيون
دودا ۽ پونگر

ٿوهر ٻنان ٿر
ويڳاڻو ٿو لڳي
ٻالڪ ٻنان گهر

ٿوهر مٿان مِينهن
هرڻ ٻيٺو مُرڪي
سانوڻ سندي ڏينهن

ٿوهر مٿي ويل
مور سڏي مُرڪي
ڍاٽاڻي جي ڍيل

ڳولاڙي جي ول
سُتي آهي ڄار سان
ڳل تي رکي ڳل

ڳولاڙي جي ول
ٻکي آهي چار سان
ڪري ڪهڙي تل
◆◆
روهيڙي جو وڻ
بينو آهي بر ۾
وينگسن جو ڏڻ
◆◆
سرامڻ جي تيج
ناريءَ پيئي مُرڪي
جڻ واڏڙ ۾ ويج
◆◆
مُکي سان نيت
مڙهي ويني مُحب لئه
ناريءَ نم هيت
◆◆
ناريءَ تنهنجا چپ
مونکي ائين لڳا
جڻ ڪجلا-سر جا ڪپ
◆◆
ناريءَ تنهنجون اکيون
ڳولاڙي جي ول جئين
مونکي آهن ٻکيون
◆◆
راسُوڙن جي ريت
تاريليءَ تي نچي
ڳائي لوڪ گيت
◆◆
راسُوڙن جي ريت
ڪولهڻ تنهنجو ڪنٺ
صدين جي سنگيت
◆◆



ڪانهوڙي جو ڏڻ
جرڪي تي جوانيءَ
جڻ ڪاريهر جي مڻ
◆◆
ناريءَ تنهنجي نٿ
مونکي ائين لڳي
جڻ موريئڙي جي پنک
◆◆
اوٿي مٿان چنڊ
اُڳو آڌي رات جو
اُڏري ويئي ننڊ
◆◆
اوٿي مٿان چنڊ
ساري رات سُڏڪي
ناريءَ هيڪل جنڊ
◆◆
اوٿي مٿان چنڊ
ايس پڳي اُره سان
اهڙي آئي اُڪنڊ
◆◆
اوٿي مٿان چنڊ
ٻري باهه برهه جي
آڌي رات اڪنڊ
◆◆
اوٿي مٿان چنڊ
ولوڙي وجود کي
عشق جو سمنڊ
◆◆
اوٿي مٿان چنڊ
وڳو من مندر ۾
ساجن تولئه گهنڊ
◆◆

◈◈

اوتــي مـٿــان چـنــڊ
ٻــار گـهــرن لــولــو
نــاريءَ جــوتــي جـنـڊ

◈◈

كــارڙو كــونــيــارڙو
مينهن لئہ كري پانپرا
هــاريءَ جــو ٻــارڙو

◈◈

ڏيــمــو ٿـهُـوكـي مـور
آئــي رُت پــيــاري
كــيــڏي ٿــي ڳــٽـگـور

◈◈

كــيــڏا كــوڏ كــري
ٿابر پـنـهـنجي ڏاج لئہ
هُــرمـــچ روز پـــري

◈◈

كــيــڏي ٿــي ڳــٽـگـور
پــائــي رُت ســانــوڻ ۾
انــدلــٿ جــهــڙو پــور

◈◈

ريــڙهــي تــي انـــب
غــريــبــن لــئہ آهــن
ڏيــنــهــن ڏنــي جــا ڏنــپ

◈◈

اُكـــــڙي تـــــان اَن
مــلــيــو اڄ غــريــب كــي
ڄــڻ ڏرتـــي مـــان ڏن

◈◈



پــاپــي كــيــڏو پــيــٿ
ڳـولـي ويـنـو گـنـد مـان
پـــت جـــي پـــلـــيـــٿ

◈◈

وينا پـنـهـنجي ور لئہ
كـيـڏا كـري سـيـنـگـار
ڳـونـاٽـي ٿـي گـهـر لـئہ

◈◈

اُســـڙكـــي ٿـــو مـــال
تـســـيـــارو تـــڙن تـــي
ٻُـــكـــن ۾ ٻـــي حـــال

◈◈

كــانــيــون ٿــي كــري
كـولـهـڻ كـاڙهـي ٻـٺ ۾
پــاپــي پــيــٿ پــري

◈◈

ٻـــكـــن ۾ ٻـــي حـــال
ڏوٿـــي هـــن ڏيــهــہ جــا
هــي لاكــيــٽــا لــڄــپــال

◈◈

ســهــاڳــڻ جــي هــنــج
ٻـــالـــك ڏاوڻ ڏائـــي
كــيــڏي ســاڻ كــنــج

◈◈

مــيــهــوڳــي جــي مــنــد
آئـي تـنـهـنـجي پـگـهـر مـان
بــارش جــي سُــڳــنــد

◈◈

مــيــهــوڳــي جــي مــنــد
نـــاريءَ كـــري نـــرت
لُـــڏن ٻـــاڄُـــو ٻـــنـــد

◈◈

ڇُلڪي ٿي گاگهر
پاٽياريءَ جي ڪڇ ۾
مُرڪي منهنجو ٿر

◈◈

تنهنجا هي ڪمدل
ڪنن ۾ جهومن
روهيڙي جا گُل

◈◈

اهڙو منهنجو ٿر
جهڙو چنڊ چمڪي
آڌي رات امبر

◈◈

اهڙو منهنجو ٿر
ڪانڪهي جي ڇانوَ ۾
ٻڪرين جو ولر

◈◈

اهڙو منهنجو ديس
گج پڙا پولڪا
ٻانهيارين جو ويس

◈◈

روهيڙي تي گهر
مور ٿاهيو مُرڪي
اهڙو منهنجو ٿر

◈◈

اهڙو منهنجو ٿر
چارين ٿيون چوڙيليون
ڦوڳن پاسي ڦر

◈◈

ڪوهن تي ڪينچل
ڪري سانجهه ويلا
ٿاريليءَ جل ٿل

◈◈



# دُوها

هاڻ پبن تي ڏيديءَ تانِ هُو جهانڪي ٿي سنسار
مُڪڙي مان ڪئين گُل ٻٽي آ نازڪ ڏاڍي نار

ٻالاپڻ مان نسري گورل جوين پير پاتا
ڪانچُوڙي ۾ قيد ڪبوتر اُڏرڻ لئہ آتا

سج لٿي جو ڏهر چُمي ٿو پاٽياريءَ جا پير
واهيري جي وير وٽي ٿي گهاگهرلي جي گهير

پوڄارڻ جي هٿ ۾ ڏيئو جاڳي جوت اکنڊُ
مورت جهڙي صورت هُن جي جهڙو چوڏهين چنڊُ

چانڊوڪيءَ ۾ ريت ٿڌي تي مڌ ڪٿوري ساڻ
ٻانهُن ۾ ڪو چنڊُ ستو آ چپ چمڻ جي ڪاڻ

ساهُن جي سرگم ۾ ٻُڌجي عشق انوکو ساز
پايل لڳندي پيرن جي آ جهرڻن جو آواز

قد صنوبر ڪاني جهڙو چيله ڪنهي جي ڏار
وهنتي ويني نار تلاءَ ۾ ڪولي پنيا وار

ٿر ۾ رات ٿڌي جو ٻُڌجن صادق جا ڪي گيت
روح کي راحت ڏيندا هن جا سارا سُر سنگيت

ٿر ۾ مينهن وني جو چُمجن ڏوجهارڻ جا هٿ
ڪلندي ڪير پياري ڪوه تي سرهو سارو سٽ



ڪانهوڙي جي ڏڻ ڏنو مون جلوو جل پري
مُک تان آنچل اُڏري پيو ڄڻ پڙکي ٻاھ ٻري

وسڪاري جي وِرتولن ۾ تنهنجي لوڏ وٽي
ڏيمي ڏيمي وڏ ڦڙي جيان چمڪي چير چٽي

مينهن وني جو مُرڪڻ تنهنجو جهڙو ميگھ ملهار
ڏينهن ڏني جو وڄُ جا تجلا تنهنجي نيڻ نهار

جهُڙ ۾ پاتو ململ گوريءَ جرڪيا آلا انگ
واڏڙ ۾ جئن وڄُ ٿئي ٿي اهڙا هن جا رنگ

ريت ٿڌي تي تنهنجا پاکر آهن سرڳ سمان
چتا چوڙين چپ مروڙين اکيون تير ڪمان

جهُڙ ۾ جهالا ڏيندا جهٽڪي گوريءَ تنهنجا گيت
پايل تنهنجي پريت وڌائي راسوڙن جي ريت

سنجها ٿاٽي پٽ تي ونجهلي چيڙي آ ڏنار
جنهن جا سُر ٻُڌي آ تڙپي نجهري ۾ هڪ نار

ساگر ساگر ساز وڏو هي جهرڻا جهرڻا گيت
درياءَ درياءَ ڏڙ ڏڙ گونجي ڏرتيءَ جي سنگيت

تيز هوا تي ڪونہ ڪري ٿو گهري ننڊ سُتو
مور ڏسي چڊ ٿاريءَ تي پئي خُوب خدا جو پتو

◈

ڪانهوڙي جي ڏڻ تي پيئي تَل تي نار تَري
چوڏهين جو چڻ چنڊُ نديءَ ۾ رم جهم رقص ڪَري

◈

پيچ پٽائيءَ تنهنجي ٻوليءَ سانوڻ جي سُرهاڻ
وايون مروي موتئي جهڙيون بيت ڪتوريءَ ڪاڻ

◈

ڏينهن تتي جو اُپراٽي تون ڪنهن لئہ ڳولين ٻير
اڄُ ٻُڌاءَ مونکي تنهنجي دل جو داتا ڪير

◈

پورڻ واءَ جي پت رکي هئي ڪيسُوٻاءَ رجپُوت
سنڌڙي اهڙا ڄڻندي رهندي سورهيہ وير سپُوت

◈

اَنُ اُڏارو ڏيندي مونکي سهيلي آچيا ويڻ
اُپ ڏي تکن ميگها لئہ پيا منهنجا آلا نيڻ

◈

واسينگن ڪي ڪولي وينگس وار نہ ڪر تون هاڻ
گهائڻ لئہ بس ڪافي آهن نيڻن جا هي ٻاڻ

◈

تون جي ڳائين سارنگ سُهڻي مهڪيءَ مُند پوي
تنهنجي ڪويل ڪُوڪ ٻُڌي پيو چارڻ پاٽ چوي

◈

پوچارڻ جي من ۾ مُرڪي ڪرشن ڪارو نانگ
گوپيءَ ٻڻجي نرت ڪري هُوءَ مهڪي هن جي مانگ

◈

مون لئہ بندرا ٻن جئن آهي گوري تنهنجو گام
گوپين جهڙا روپ ڏسي تو ڪڙڪي مون تي ڪام

◈



## سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جا ڇپيل ڪتاب :

(1).منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو (مضمون )
(امر رائيسنگهہ راجپوت)
(2).ڪاڳر تي لٽل خيال (شاعري)
(سرائي محمد رحيم خاصخيلي)
(3).تتل سج هيٺان (مضمون)
(محب ڀيل)
(4).زنگجي ويل نند (شاعري)
(جاويد جبار)
(5).سون ريکيون عورتون (پروفائيل)
(عثمان راهوڪڙو)
(6).هن رتائين راهہ ۾ (ڪالم/ مضمون )
(محب ڀيل )
(7).آئيني جي اوٽ (ڪهاڻيون)
(اصغر پتافي)
(8).چؤنري مٿان چنڊ (شاعري)
(امر رائيسنگهہ راجپوت)

## سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جا ايندڙ ڪتاب :

(1).نديءَ ۾ نهارون (شاعري)
(ربڏنو خاصخيلي )
(2).سخنوَر سنڌ ڌرتي جا (ڳڏيل شاعري)
(احساس ميرل)
(3). پورب منهنجو پنڌ (مضمون، ڪالم)
فقير بشير احمد لغاري
(4). مري جيءَ ڏنوسين (ناول)
ايوب ڪوسو